
سپنن جو پڌر
ڪهاڻيون
سهيڙيندڙ:
احسان آڪاش
احساس

# سپنن جو پڌر !

(ڪهاڻيون)

سهيڙيندڙ:

## احسان آڪاش

احساس حيدرآباد

ڊجيٽل ايڊيشن

2023ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

ڪتاب جا حق ۽ واسطہ اداري وٽ محفوظ آهن

Book No: 17

**سپنن جو پڏر !**

(گڏيل ڪھاڻيون

**احسان آڪاش**

ڇاپو پھريون : نومبر 2019ع

ڪمپوزنگ، لي آئوٽ & ٽائيٽل :

**احسان آڪاش** (03013324100)

احساس پبليڪيشن - حيدرآباد (03155577538)

**قيمت: 250** روپيہ

**ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گھر**

**2023ع**

**www.sindhsalamat.com**

**Sapnan Jo Padhar!**
Stories
**Ehsaan Aakash**
1st Edition 2019
**Ehxaan Aakaxh**
Ehsaas Publication
Hyderabad
**03155577538**



# اِرپنا

”جتي رت جا رشتا ۽ پيا هڙئي رشتا صرف پاڻي تي ليڪا هجن،
اُتي سنڌي ادب ۽ پنهنجي ٻوليءَ جي آبياري لاءِ
اڪيلي سر پاڻ پتوڙيندڙن جي نان ءُ ...!“

## سنڌسلامت پاران

سنڌ سلامت ڪتاب گھر پاران چوندڊ ڪھاڻيڪارن جي چوندڊ ڪھاڻين تي مشتمل ڪتاب ”سپنن جو پٽر“ اوهان اڳيان آڻي رهيا آهيون، جنهن جو سهيڙيندڙ احسان آڪاش آهي.

هن ڪتاب ۾ سينيئر توڙي جونيئر سٽن ڪھاڻيڪارن پير عبيد راشدي، عين سحر، ياسمين چانڊيو، سرمد عباسي، مخدوم آسيہ قريشي، شھزاد سھتو ۽ آصف ڪالرو جون ڪھاڻيون شامل ڪيون ويون آهن. سيني تخليقڪارن پنھنجي وت آهر ڪھاڻين سان خوب نيايو آهي. هي ڪتاب مختلف ليکڪن جي ڪھاڻين سبب هڪ گلدستو لڳي رهيو آهي جنهن ۾ مختلف انداز، ٻولي ۽ ٽيڪنڪ سبب ڪھاڻين جو منفرد سواد ملي ٿو.

هي ڪتاب احساس پبليڪيشن، حيدرآباد پاران 2019ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون احسان آڪاش جا جنهن هي ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گھر ۾ اپلوڊ ڪرڻ لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي)، ڪراچي
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# اداري طرفان:

انتهائي خوشي ۽ مسرت محسوس ڪندي اوهان سڀني پڙهندڙن سان اهيو ونڊ ڪيون ٿا تہ **احساس پبليڪيشن** جو سفر اڪيلي سِر ۽ هٿين خالي شروع ڪيو ويو هيو ۽ ڏسندي ڏسندي اڄ انهيءَ پليٽ فارم تان 20 ويهارو کن نہ صرف ڪتاب ڇپجي چڪا آهن پر ڏيڍ سال کان ماهوار **احساس مئگزين** جو سفر پڻ گڏ گڏ جاري آهي.

گڏيل طور ڪتاب ڇپجڻ جو رجحان ڏينهون ڏينهن وڌندو پيو وڃي. جيڪا هڪ سٺي ڳالھ آهي ڇو جو اڄ جي هن مهانگائي جي دور ۾ جتي هڪ ڪتاب تي هزارين روپيا خرچ اچيو وڃي، اتي جيڪڏهن هر ماڻهو پنهنجي ٿوري **ڪنٽريبيوشن** جي تحت هڪ سلسلي ۾ شامل ٿي ڪري صاحبِ ڪتاب جي حيثيت ماڻي ٿو تہ انهيءَ ۾ ڪا بہ جهجهڪ محسوس نہ ڪرڻ گهرجي. نوجوان اديب، شاعر **احسان آڪاش** جس لهي، جو هو چُپ ڪري ويهڻ بجاءِ مسلسل سنڌي ادب جي لاءِ ڪوششان آهي. ننڍن، توڙي وڏن شهرن جي ادبين، شاعرن، ڪهاڻيڪارن کي ڪتابي صورت ۾ هڪ هنڌ گڏ ڪندو پيو اچي. هي سندس ڇهون ڪتاب **"سپنن جو پڌر"** بہ انهيءَ سلسلي جي هڪ خوبصورت ڪڙي آهي. هن ڪتاب ۾ سينيئر توڙي جونيئر ستن ڪهاڻيڪارن جون ڪهاڻيون شامل ڪيون ويون. جنهن ۾ سڀني تلخيقڪارن پنهنجي وت آهر پنهنجي لکڻين سان خوب نڀايو آهي. هاڻي اهيو پڙهندڙن تي منحصر آهي تہ هو هن ڪتاب ۾ شامل ڪهڙي ڪهاڻيڪار کان وڌيڪ **انسپائر** ٿين ٿا.....!!؟

اوهان جي راءِ جو منتظر رهندس

**احساس پبليڪيشن ـ حيدرآباد**

03013324100

# فهرست


**پير عبيد راشدي** 10

ٽُڪ جي رليءَ تي ڪاٽ ڪُتي جي ٽُڪ ٽُڪ 12

ڪئنبل نہ ٻارڻ جو ڏُک 27

ايمان ٻي ايمان جي لڪير 30

گلابن ۾ ٽُرڻ وارا ڏينهن 32

**عين سحر** 39

نِرلجو ٻي غيرت 41

ٻئڪ ٽو پوبلين 50

**سرمد عباسي** 58

شادي هال 60

سبق پهريون 63

روزو 67

نہ رهندين تون، نہ رهندس مان 71

**ياسمين چانڊيو** 75

مسلط ٿيل محبت ۾ گم ٿيل احساس 77

صرف حاصل ڪرڻ جي تمنا 79

اماس جي رات 81

من اندر مانڌاڻ 83

يادن جي رُڃ ۾ بي وفائي جي بُوءِ 85

اُجايل آشائون 87

هڪ طرف محبت، ٻي طرف حوس 89

| | |
|---|---|
| **شهزاد سهتو** | 92 |
| مان استاد آهيان | 94 |
| ڪتا ڪانفرنس | 101 |
| مراد | 104 |
| غيرت | 111 |
| **آسيہ مخدوم قريشي** | 112 |
| دري ٽوري ڪولي چڏجو | 114 |
| ديوارن ڪان اڳتي | 117 |
| پيش امام | 124 |
| مُند | 125 |
| ڪارا مينهن، سيد | 126 |
| **آصف ڪالرو** | 127 |
| ٽَڪ | 129 |
| آئون هيڪلو صدين ڪان | 130 |
| مڪليءَ جي مرُدن سان | 132 |
| چٽي ويل گلاب | 135 |
| عورتن جو عالمي ڏينهن | 138 |
| نظر جو فريب | 140 |
| پٿرن سان تشبيهہ | 142 |

# پنهنجي پاران:

**"سپنن جو پڊر"** ڪان پهرين مون گڏيل طور ڪهاڻين جو ڪتاب (**احساس نگر**) پڌرو ڪيو هيو. جنهن ۾ سنڌي ادب جا نامور ڪهاڻيڪار **"سليم چنا، ڊاڪٽر مقبول مارو، اقبال بلوچ، عين سحر، زاهده ابڙو، نور حسين ڪلهوڙو، هدايت قريشي، مجيب اوٺو، يوسف جميل لغاري ۽ طالب پنهور"** شامل هئا. **احساس نگر** ڪي اوهان سڀني پڙهندڙ جي طرفان هڪ ڀرپور موٽ ۽ محبتون مليون جن لاءِ احساس سٿ اوهان جو دل سان ٿورائتو آهي. هي ڪتاب به **احساس نگر** جيان ئي گڏيل ڪهاڻين جو هڪ ٻيو مجموعو آهي، جنهن ۾ سنڌي ادب جا خوبصورت ڪهاڻيڪار **"پير عبيد راشي، عين سحر، شهزاد سهتو، ياسمين چانڊيو، سرمد عباسي، آسيه مخدوم قريشي ۽ آصف ڪالرو"** جون تخليقون، ليک، ڪهاڻيون شامل آهن. اميد آهي ته هي ڪتاب پڻ اوهان سڀني ڪي دل سان پسند ايندو ۽ مون ادني بندي جي طرفان ڪيل هن ننڍڙي ڪاوش ڪي **سنڌي ادب** پنهنجي پڊر تي ضرور سجائيندو.

مولا جا اڻ ڳڻيا احسان آهن جو هن وقت تائين گڏيل طور منهنجا ڪُل 6 ڪتاب (**شاعريءَ جو آڪاش، عڪسِ جانان هم، صحرا منجهه صدا، ننڊ جا نيڻ، احساس نگر ۽ سپنن جو پڊر**) شايع ٿي چڪا آهن. بئڪ ٽائيٽل لکي ڏيڻ تي مان پرين پياري ضراب حيدر جو ٿورائتو آهيان، جيڪو سنڌي ادب جي ڪهاڻيڪارن ۾ هڪ محبوب ڪهاڻيڪار آهي. ڪتاب پڙهي ڪري پنهنجي قيمتي راءِ ڪان ضرور آگاهه ڪندا.

احسانِ آڪاش

**حيدرآباد _ گاڏي ڪاتو**

**03013324100**

اي ميل: balochahsan110@gmail.com

فيس بوڪ: Ehxaan Aakaxh



# پير عبيد راشدي

ڪهاڻيءَ لاءِ مشاهدو ۽ مطالعو ٻئي لازم ملزو شيون آهن. ڪهاڻيڪار ڪٿي ڪٿي پنهنجو پاڻ ڪي ڪهاڻين جي ڪردار ۾ جذب ڪندو آهي. ڪٿي وري ڪردار صرف پنهنجي ٻولي ڳالهائيندا آهن. هر ڪهاڻيڪار وٽ پنهنجي هڪ مخصوص خصوصيت هوندي آهي ته هو پنهنجي ڪهاڻين ۾ موجود ڪردارن کان ڪهڙي ريت گفتگو ڪرائي ٿو...؟؟؟ ڏنو وڃي ته هر ليکڪ بنيادي طرح پنهنجي ئي داخليت جو اظهار ڪندو آهي. جنهن وٽ جيتري ادبي بصارت هوندي، اهو اوترو ئي ڳوڙهو ليک لکي سگهي ٿو.

**پير عبيد راشدي** جو نالو سنڌي ڪهاڻيڪارن ۾ ڪو نئون نالو نه آهي ۽ نه ئي **پير عبيد راشدي** ڪي هاڻي هن وقت ۾ پنهنجي ادبي تعارف جي گهُرج آهي. هن گڏيل مجموعي ۾ پير عبيد راشدي جون ڪُل 4 ڪهاڻيون (**ٽُڪ**

**جي رلي تي ڪاٺ ڪُتي جي ٽُڪ ٽُڪ، ڪئنڊل نه ٻارڻ جو ڏک، ايمان بي ايمان جي لڪير ۽ گلابن ۾ ٽُرڻ وارا ڏينهن** )شامل آهن. هنن چئني ڪهاڻين ۾ رومانس، احساس، سماجي اونو داخلي ۽ خارجي ڪيفيتن جو اظهار ۽ معاشري جا اهي مبهم پاسا جيڪي ڪارن ڪرتوتن سان پريا پيا آهن انهن سڀني جو عڪس نمايا نظر ايندو. **پير عبيد راشدي** هنن ڪهاڻين ۾ تمام ذهانت سان، هڪ مخصوص ٽيڪنيڪي انداز سان ڪهاڻين ۾ شامل ڪردارن کان ڪم ورتو آهي. ۽ انهن ڪردارن کان پنهنجي ٻولي ڳالهرائي آهي. جيڪا هڪ ڪامياب ڪهاڻيڪار جي هڪ نمايان خصوصيت هوندي آهي. تمام ڪهاڻيون پنهنجي قد سان نروار بيٺيون آهن. ڇو ته **عبيد** جا ڪردار ڪي وڏا فلسفي يا ادب جا اڪابر نه آهن، بلڪ اسان توهان جي اردگرد گهمندڙ ڪردار آهن، جن کي اسان هر روز ڏسندا ۽ ڳالهائيندا رهندا آهيون.

**احسان آڪاش**

# ٽُڪ جي رليءَ تي ڪاٽ ڪٽي جي ٽڪ ٽڪ

فارم هائوس جي چوڌسا ۾ ناريل، پام، زيتون ۽ چڪوڻ جا وڻ، پر ميان محمد ملوڪ لاءِ جهڙو منو بڙ جو شاهي وڻ. جڏهن هوائن تي بڙ جو وڻ پينگهو ٿيندو آهي تڏهن ميان محمد ملوڪ جي رڳن جو رت ٿهڪي ڳڙي پوندو آهي. هو بڙ جي ڪير کي انسان نسل جي واڌ ويجهه لاءِ ٻاڪري ۾ ماهي ڪير کان وڌيڪ لاپائٽو سمجهندو آهي. عام باغ، باغيچن ۽ فارم هائوسز ۾ مکڙيون ماڪ تي ٽڙنديون آهن پر ميان محمد ملوڪ جي فارم هائوس جي وشال لان جون مکڙيون ڪنهن چاڳ نخري تي ٽڙي واس ڪنديون آهن. شام ويلي جڏهن هوائون رات راڻي، چنبيلي جا هُٻڪار سان سنجوڳ گهونگهٽ ڪري هلنديون آهن تڏهن پارڪ ۾ ويٺلن ۽ سوئمنگ پول ۾ ترندڙ تڙڳندڙن جي بدن ۽ پيرن ۾ ڪتڪائي ڪيڏنديون آهن تڏهن هنن جا ٽڪ لهي پوندا آهن. ڪوهستان گڏاپ جي هنج ۾ اڏيل فارم هائوسز جو ڪارج جيڪڏهن ماڻهن ورونهن وندر مهيا ڪرڻ آهي ته پوءِ عام ۽ بيوس ماڻهن کي ڇهچٽن کان پري ڏسيو اهو ڪارج بي معنيٰ ۽ ڇسو محسوس ٿيندو آهي. هونئن به ڪراچي ۾ ڪراچي کان ٻاهر پهچ وارا ماڻهو تفريح جي نالي ۾ زمين تي قبضا ڪري غريب ماڻهن کي دربدر ڪندا وتن. ميان محمد ملوڪ جي مثالي فارم هائوس تي لٽل جوڙا جڏهن هيج مان مرڪندا ۽ ٽهڪندا آهن. تڏهن عام ماڻهون پلجيو ڪوهستان جي آسمان ۾ ڪونجن جي وڳر ۽ ڪرڪي لاءِ واجهائيندا آهن. ۽ پوءِ هنن جي نهار پدمڙين جي پيرن ۾ ڇير ڇمڪي جيان ڇمي ويندي آهي. عام ماڻهو ته ڇيڳرن ڇيڳرين جي ٿهڪن تي ڪونج ڪرڪي لاءِ آسمان ۾ واجهائيندا آهن. پر ميان محمد ملوڪ جي مٽي ۾ جونءِ به ڪا نه سرندي آهي ڇو ته هو سوئمنگ پول ۾ ماهه پارا سان تڙڳندو ورندرندو ۽ ونجهن جهڙا هٿ پير پيو هٽندو آهي. هڪ پيري سندس

پراڻي هجائتي ملازم ۽ ماهہ پارا جي عشق نامراد پوڳ جو پوڳ سچ جو سچ ٺهڪائي ڏنو هئس تہ:

“ميان صاحب ! ڇهين ٻارهين مهيني تنهنجي پاڪر نصيب ٿيندي آهي پر جي اها پاڪر ڏئين تہ قبر ۾ بہ دعا ڪندو سئين.”

ميان محمد ملوڪ ماهہ پارا ڪي گهُور وجهندي وراڻيو:

“اها پاڪر ناهي، پر چاٻُو حلوو آهي.”

ميان جو ڪڙو لهجو منو هو. اهو ملازم جڏهن ماهہ پارا ڪي حسرت وچان گلدستو پيش ڪندو آهي تہ ميان محمد ملوڪ چوندو اٿس تہ: “گل پلي ڏينس پر گلن ڪي پيوند نہ لڳائجان متان پرڏيهي صحافي ڊينئل پرل وانگي قتل ٿي وڃين !”

غريب بي پهچ ٽڏو ساهہ جهلي ماهہ پارا ۾ مٺي گهوُر وجهي ورائيندو آهي.

“پيوند لڳائڻ جي ڪهڙي ضرورت، ماڪ ڀنل گلابن ۾ خوشبوءَ سان گڏ منهنجو حسرتون پڻ آهن. اهي پرين جي حواسن ۾ ڏڏڪو ضرور ڪنديون، اها ئي منهنجي وڏي ميراث آهي.”

ميان محمد ملوڪ جڏهن ڊگهي وڏي چاڙهيءَ تان پول ۾ ترڪندو آهي تہ ڪيس پنهنجا حواس سوڙها ۽ ٻتيل حواسن سان گڏ جوين رُت موٽي ايندي اٿس. فارم هائوس جو مالڪ تہ ٻارهو ئي ابو دهبي ۽ يورپ ياترائن ۾ ڪڏهن ڪنهن سال وطن ورندو آهي تہ ابو دهبي جا شيخ فارم هائوس تي لايا سجايا ڪرڻ لاءِ ايندا آهن ۽ هنن جي شفاءِ سان فارم هائوس مالڪ جي خاندان جو ڪو هڪ فرد اقتدار جو مهرو ٿي پوندو آهي. عام ماڻهو ميان محمد ملوڪ کي فارم هائوس جو مالڪ ۽ ٽرپل ايم روحاني بابا آف ڪڏا مارڪيٽ ڪلفٽن وايہ ڊفينس جا نالي سان سڏيندا آهن. ميان محمد ملوڪ نہ رڳو هانيءَ ۾ بحري غوراب جهاز جهڙو پر سندس عرش يعني لسي ٽڪڻ تي

سدائين جناح واري ڪراڪلي ڪاري ٽوپي، وڏي ڊگهي ڏاڙهي ۾ ضياء الحق واري مجلس شورائي ميمبرن واري ڪاري ڊگهي شيرواني ۾ پيرن ۾ ملتاني ڇهنب دار جُتي هوندي آهي. اڪثر ذهني وسوڙيل ماڻهون ڪانئس پنهنجن بيمارين ۾ نفسياتي محرومين جي علاج لاءِ دم ڦيڻا ۾ ورد وظيفا وٺندا آهن. ڪيترا مراد وٺندا ۾ مراديون ميان صاحب جي پيرن ۾ پيل ملتاني ڇهنب دار جتيءَ کي وڏي تبرڪ ۾ ڪرامت وارو سمجهندا آهن.

فارم هائوس جي ڊرائنگ روم ۾ لونگ جي ڪارپيٽ تي ميان صاحب چاڻي واڻي ڪرندو ٿاپڙجندو آهي يا ڪا نئين مراد وندي ٿاپڙجندي آهي ته پلو ميان محمد ملوڪ جو ٿيندو آهي ڇو ته مراد وندي ادب ۾ احترام وچان ٻانهون کولي ٻچائي وٺندي آهي. جڏهن ڪنهن جي مراد پوري ٿيندي آهي ته ڊفينس ۾ ڪلفٽن جي مشهور بيڪرين جا ڪيڪ ۾ پيسٽرين جا شاپر خيابانِ شهباز، خيابانِ هلال يا فارم هائوس پهچي ويندا آهن. جن جي واپرائڻ سان ميان محمد ملوڪ ذيابيطيس جو مريض ٿي پيو آهي. فارم هائوس جو مالڪ پرڏيهه مان ولايتي دوائون موڪليندو اٿس. ميان صاحب حڪمت جو وڏو پارکو، شگر جي تيمارداريءَ ۾ جنسي قوت باهه وڌائڻ لاءِ فارم هائوس کان پريرو ٻه ٽي ماڻهو وٺي ڪوهستان جي پٻ مان جڙي ٻوٽيون ڳولهائڻ لاءِ نڪرندا آهي. جڏهن ماڻهو جڙي ٻوٽيون پيا ڳولهيندا آهن تڏهن ميان صاحب پهاڙ جي وچ مان گذرندڙ قدرتي برساتي نئين تي ٻڌرايل ڪاٺ جي پل تي وينل هوندو. هي جڙي ٻوٽيون نه رڳو پاڻ رهڙيندو آهي پر ٻين کي پڻ صلاحيندو آهي. جڏهن ڪو ذهني وسوڙيل نوجوان ڪميشن جو وڏو امتحان پاس ڪري وڏي ڪرسيءَ تي ويهندو آهي ته سندس رزق حلال عين عبادت جو ڪجهه حصو ميان صاحب جي شيروانيءَ جي کيسي ۾ پوندو آهي. ڪجهه سال اڳ سنڌ جي ڪنهن وزير جنهن سنڌ جي "پوٽ گهر بنيل اسڪولن ۾ ڪاليجن جي ماسترن کي ڇپڻي وڄائي سڌو ڪرڻ جو ڏونڪو

هنيو هو سو جڏهن يورپ ياترا ڪري موٽيو تہ هڪ اڌ ڏينهن سيڪريٽريٽ ۾ ويهي سپر هائي ـــ وي تي پنهنجا پيٽرول پمپ ۽ سي اين جي اسٽيشن ڏسي ڪوهستان فارم هائوس ڏانهن لڙندي پنهنجي گن مين کان اچي ٽوپي مٿي ڪري انهيءَ مراد سان لٿو تہ ڪجين واري پرڳڻي جي بادشاهہ ميان محمد ملوڪ جي دعائن سان وڏي ڪرسي ماڻيندو. وزير صاحب سان رسمي ڪيڪار ڪري صوم صلوات، حق شراءِ ۽ پاڪائي جا مسئلا پڇڻ لڳو. ميان صاحب پهرين تہ ڪيس ڏيرج سان سڀ مسئلا سمجهايا ۽ پوءِ بحري جهاز جهڙي جناح ڪراڪلي ٽوپي ٽڪڻ تان لاهي سائيڊ ٽيبل تي رکي ۽ پنهنجي فطرت لڪائي نہ سگهيو.

“ماما مجن مجنا! يورپ جا گس تازو لتاڙي آيو آهين اجان تہ اتي جي رنگن جو خمار ڪو نہ لٿو اٿئي ڪجهہ قصا ڪر اتي ڪي ڪلبز، فارم هائوسز ۽ هتي جي فارم هائوسز ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ يا اجان بہ ڇهڇتا، سونهن سرت وڏ ؟”

اوچتي غير متوقع سوال تي وزير صاحب کان چرڪ نڪري ويو. اهڙو چرڪ سنڌ تي ٿاقيل بلدياتي ٻتي نظام لاڳو ڪرڻ وقت ڪو نہ نڪتو هئس. هو نئن بہ وزير صاحبن کي چرڪ ڪو نہ پوندا آهن. وزير صاحب مٿي ڪيل اچي ٽوپي جڻ ٽيبل تي اڇلائي، اڇلايل ٽوپي ڪارپيٽ تي ڪريس ها پر ڀر ۾ ويٺل سيڪريٽري جهٽي ورتي.

“ميان صاحب ! وڏو فرق !! چار راتيون اجان بہ سرس وڏيڪ رنگين سنگين ڇهڇتا ڪليل پڌر روشنين ۾ اڇا پوروا ٽڙڪندڙ جسم جهل نہ پل ....!!!”

وزير نائيڪ ڪمپني، ڪو ولايتي جاگر سوڊو ٽنگون سامهون ٽيبل تي رکندي ٻڌايو. اجان بہ پراڻي وليز جيپ وانگر موشن ڪٽي ها پر ميان صاحب

جي رڳن ۾ ڪوھستان جي جڙي ٻوٽين ۽ ٻڙ جو ڪير ٽڙڪڻ لڳو ۽ موبائيل تي ڳالھائڻ لڳو:

“صفا آسمان ۾ اڏرندڙ پکي ٽي اچ .... نہ نہ ڇا جو خيال رک رڪاءُ... پاڻ ماٺھو ڪي ھڙان وڙان خوش ڪرڻ جا عالمي چئمپين آھيون. نہ نہ ڇا جو رک رڪاءُ... ھي ساڳيو مامو مجن مجنون آھي. اڳي ٻارڙن سان ناٽڪ ڪندو ھو ۽ ھاڻي ڪم سان ، بہ گلاس ۽ جاني واڪر يا بليو ليبل صفا ڪوھستان ۾ اڏرندڙ ڪونج، تلور ٽي اچ... پکين جو ڦٽڪو لامارو وزيرن ڪي سنڌ قربان ڪرڻ لاءِ ھشي ڏيندو آھي.”

ميان صاحب جو لھجو ڏيمو ھيو. ميان صاحب موبائيل آف ڪري ٽيبل تان ڪراڪري ٽوپي ڪٽي پنھنجي ٽڪڻ تي جڻ پڙ وڌو.

“ڇئبو تہ ڏيھي جھان، پرڏيھي جھان ڪان گھڻو پوئتي آھي....؟ ”

ميان صاحب جي پڪي ٽنول وزير صاحب ڪي سنڌ تي مڙھيل ٻٽي نظام جي رِٽ وانگر سمجھ ۾ نہ آئي. يا نرجائو ھو.

“اھا سوچ اجائي ....”

وزير صاحب ايترو ڳالھايو تہ ڪا پدمڻي پکيءَ وانگر قدرتي لباس ۾ ٻچڪ ٻچڪان ڪندي ٽري ۾ آئيس ڪيوب گلاس ۽ بوتل ٽيبل تي رکي.

“ماڻھو جي لچڪ، ماڻھوءَ جي من ۾ خوشي ولاس وکيري ڇڏيندي آھي.” ميان صاحب ڳالھايو.

“دور ٻيو آھي، پر نصاب ساڳيو آھي.” وزير صاحب پدمڻي جو اپياس تي ڪيو.

وزير صاحب ڪي ڏندي آڱريون نہ آيون. ڏندي آڱريون اچنس تہ بہ ڇا لاءِ؟ ڏند تہ ڪيترن سالن کان لباڙي اتحادين جي مرچ مصالحي وارين دعوتن ۾ کتا ٽيل ھيس. ٻانھون تہ ڪيترا سال اڳ داو _ مورو پل جي افتتاح وقت

ايشياءَ جي ماڊل ڊڪٽيٽر ضياءِ کي هار پارائڻ وقت وڄائي ڇڏيون هيائين. پدمڻي ساڳي لک برابر لوڏ سان سامهون بيٺل هئي.

“وائيگرا ۽ رف ٽائيگر آنديون اٿم. پي آئي بي اچو ته ڪنيو وڃجو!” وزير جو لهجو وڪريل هو.

“پي آئي بي ڇو؟ ميان صاحب مختصر پڇيو.

“ماٺهو ٻالڪجتيءَ ۾ ماٽيل رنگن جا ماڳ ٽاڪ ڪٽي ٿو وساري سگهي؟”

پدمڻي گهڙي ڪن بيهي پرتي هلي وئي. ساڳي گهڙي لک برابر لوڏ سان ڄڻ ڪيٽ واڪ ڪندي ڊراءِ فروٽ ۽ نمڪو جي ٽري سان موٽي آئي. ميان صاحب ڪراڪلي ٽوپي لاهي گنجي ٽڪڻ تي آڱريون ڦيرائڻ لڳو ۽ اکيون پوري ڇڏيائين. ڄڻ خيالن ۾ ڪوهستان جي جڙي ٻوٽين جا ماٽيل لمحا ياد ٿي پيس. ڊرائينگ ۾ لونگ جون تيز روشنيون سندس ٽڪڻ ۽ پدمڻي جي بدن تي ترڪيون پئي. “اقتدار جو هماءُ پکي سدائين ڪونه هوندو آهي. سانجهي اچي وئي، اٿو ڪجهه ڏرتي تي پرک جي اک رکو....” ميان صاحب جون اکيون ڪوهستان جي پهاڙ جي ڪنهن بند ڇُر وانگر هيون. هن گهڙي لاءِ اکيون پٽي وري بند ڪري ڳالهايو:

“سنڌ جو ڪوهستان سپر هائي _ وي کان هليو ته وڃي چانڊڪا پرڳڻي کي پاڪر ۾ ڪندو آهي، پهاڙ ته جنم يومي کان سڌ پنڌ تي اٿو؟”

“جيءُ .....!” وزير صاحب واٽڙپ مان جي ڪئي.

ميان صاحب ڪيس سمجهايو: “جنهن سون ورني ڌرتيءَ جي ڪُک ۾ منديري پتاشو ۽ ٻڙ جو ڪير هجي، اتي وائيگرا ۽ رف ٽائيگر جي ڪهڙي ضرورت ....!؟ ڳالهه آهي پرک جي ....”

ميان صاحب اکيون پٽيندي سامهون بيٺل پدمڙي کي ڏٺو.

مِيان صاحب جڏهن فور ويل ڊبل ڪئبن ۾ جن واٽن سان ڊفينس هائوسنگ سوسائٽي واري ڪڏا مارڪيٽ يا ڪلفٽن پارڪ ٽاور ويندو آهي ته ڪيترا ماٺهو سندس ظاهري گيٽ اپ ڏسي ادب ۾ احترام وچان مٿس ڳاهٽ اچي ٽيندا آهن. عام خاص ته ڇڏيو پر خواجه سراءِ فقير تاڙيون وڄائيندا نچندا ترڪندا وٽس اچي دعائون وٺندا آهن. هڪ خواجه سراءِ فقير ته ڪيس لڙڪ وهائيندي ٻڌايو هئس ته ڪي ڇورا ڪار ۾ کڻيي ڪٽي ڪيترا ڏينهن تشدد ڪري زخمي ڪري وڏائون ۾ ڏنڏو ٽپ تي ويو آهي. ميان صاحب همدردي ڪري وڏي شيرواني مان ڪيس پنجين جو سڪو ڏيئي دعا لاءِ چيس.

"هيڏي وڏي جيپ، اجان ڪهڙي دعا ٽيندي، شيدي ڊرائيور ته گڏ اٿئي؟" فقير جي يوڳ تي ميان صاحب ۾ سندس وانٺا هڪا ٻڪا ٿي ويا. پوءِ اهو فقير ميان صاحب جو مرادوندو پانڌڙو ٿي پيو. خيابانِ شهباز، خيابانِ هلال ۾ فارم هائوس تي وڃڻ لڳو ۽ ميان صاحب کي ور ور ڪري دعوت ڪرڻ جو چوندو هو.

"فقير! دعوتون ته روز آهن، تون ڪا خاص ڪندي ڇا؟"

"بلڪل خاص نرالي، ڪڪڙ، مڇيون، تلور، آڙيون ۾ پُڳل تتر ته روز ٿو رهڙين، آئون جليبين جي دعوت ڪنديس." فقير وراڻيو.

"جليبين جي دعوت...!؟"

ميان صاحب جو لهجو حيرت جو پراسرار ڪوهستان بنيل هو.

"ميان صاحب! تون هوندي گرم تڙڪندڙ ڪڙهي، آئون تو مٿان جليبين جهڙا وٽ ڏينديس!"

فقير ڇيلهه کي لوڏي تاڙي وڄائي، هٿن کي جليبين ٺاهيندڙ وانگر ڦيرو ٿي ڏنو. ميان صاحب جڏهن پنهنجي روايتي گيٽ اپ ۾ سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ شهباز بلڊنگ ويندو آهي ته وزير، سيڪريٽري متاثر ٿي ڪيس وڏي عزت ۾ مان ڏيندا آهن. پر پوءِ ٻن ٽن ملاقاتن ۾ جڏهن پنهنجي فطرت جو ڀاندو پاڻ

واڪو ڪندو آهي تہ هو ڪيس پاڻ کان وڏيڪ رنگين سنگين سمجهي هاضمي ۽ قوت باھ وڌائڻ جون ڦڪيون ۽ ٽڪيون وٺڻ لاءِ فارم هائوس تي لامارو ڏيندا آهن. ۽ فارم هائوس جي واٽر بيڊن ۽ عام پلنگن جا ٽڙڪا ۽ لوڏا وڏي ويندا آهن. هونئن تہ سپر هائي _ وي گڏاپ ڪوهستان جي فارم هائوسز لاءِ پرنٽ، اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ چوپول مشهوري پر ميان صاحب پنهنجي فارم هائوس جو پاڻ وات وڪيل ۽ وڄندڙ دهل آهي. انهيءَ ڏينهن ڪوهستان جي ميدانن ۽ ٻهاڙن تي مينهوڳي هوائن ۾ وڻ پينگهو ٽيل هئا ۽ وڻن جا پن ڪنهن سار جيان اڏامي وڪريا پئي ، تڏهن ماھ پارا ڇيڄرن، ڇيڄيرين سان ڪوسٽر سجائي اچي فارم هائوس تي لٿي. ماھ پارا زندگي جي ڇهين ڏاڪي ۾ هئي. پر وقت جي خزان سندس سونهن تي پيلاڻ وڪيري نہ سگهي هئي. هوءَ ڪيترن ورهين کان شهر جي ماڻهن کي فطرت جا رنگ ڏيکارڻ لاءِ فارم هائوس تي ڏتاري وٺي ايندي هئي. ميان محمد ملوڪ تي الائجي ڪهڙو جادو ڪيو هيائين جو سندس چاھ چلولائي ۾ ٻيءَ ڏانهن اتفاقي نگاھ کي حرام سمجهندو آهي. ميان صاحب الائي ڪيترن ماڻهن کي ٻڌايو آهي تہ ابو دهبي جي شيخن ۽ ماھ پارا جي هڪ “يا حبيبي حيا حيا” سان ماڻهن جي ڪلهي تي اقتدار جو سايو پوندو آهي. ماھ پارا جڏهن بہ ڊبل چال سان فارم هائوس تي لهندي آهي تڏهن ميان صاحب جي پيرن مان ڏانوڻ نڪري ماھ پارا جي غريب پراڻي عاشق بيوس ملازم جي پيرن ۾ پئجي ويندا آهن. ميان صاحب اڪثر ماھ پارا کي فارم هائوس کان ٻاهر ٻهاڙن جي وچ مان گذرندڙ نئين تي ٻڌرايل پل تي ڳرلاءِ ڳالهيون ڪندو آهي. هو اڪثر ساڳيو جملو ورجائيندو آهي.

“تنهنجو حُسن هن قدرتي نئين وانگر آهي، جو نہ رڳو قدرتي نظارن کي معنيٰ ٿو بخشي پر جابلو ٻوٽين کي اندر ۾ اوتڻ جو اُتساھ ٿو ڏئي...”

“سدائين ساڳيون ڳالهيون، ساڳيو جملو؟” ماھ پارا چاڳ نخري وچان وراڻيو.

“ماڪيءَ جي مک جي پونءَ پونءَ ڪڏھن پراڻي ٿي؟”

موٽ ۾ ماھ پارا جا چپ پھاڙ تي پسندڙ بارش جھڙي وسڪار لائي ڏيندا آھن ۽ ميان صاحب جو پھاڙ جھڙو گرم وجود ڳري پوندو آھي. فارم ھائوس تي لٽل جوڙن مان ڪي نوان آيل ھئا تہ ڪي ھڪ ٻہ ڀيرا اڳ ۾ بہ آيل ھئا. ھو سڀ ميان صاحب جو ظاھري گيٽ اپ ڏسي پنھنجي محرومين ۽ مرادن لاءِ ورد وظيفا ونڻ لڳا. ماھ پارا ڪنھن ڇيڳري لاءِ ليلائيندي چيو:

“ھن جي عمر چوويھ سال اچي ٿي آھي، ڪيترا رشتا ڪريو موٽيو وڃن ”

ميان ملوڪ ڪنڌ ڌوڻي ھا تہ ڪئي پر اکين جي بي قرار اسرارن مان وراڻيو:

“جي سڀ گھر ترڙيون ٿينديون تہ پوءِ تنھنجي مسند تي ڪير ويھي پکي ڇڳرائي ٻولرائيندو؟”

ڇيڳرا، ڇيڳريون باغ باغيچا، مور، ڊيل وانگر ٽلندا ٿھڪو ڪندا سوئمنگ پول تي وڃي بئنچن تي ويٺا. ماھ پارا ۽ ميان محمد ملوڪ ٽورو پريرو پينگھي ۾ ويٺل ھئا. آسمان تي بادلن ستارن سان لڪ لڪوٽي تي ڪئي. سرچ لائيٽ جي روشني پول جي چليل پاڻي سان ڳجھ تي ڪيا.

“ستارا تنھنجي تڪڻ مان وار ڳولھڻ لاءِ اُپريا آھن.” ماھ پارا خماريل چاڳ سان سرباٽ ڪيو.

“ستارا توڙي چوڏھين جو چنڊ ھميشہ ٻاھران وار ڏسندا آھن، لڪيل ڳجھا وار ھميشہ پارکو اک ڏسندي آھي، اھڙا وار جي ريزر ۽ ڪريم کان رھجيو وڃن.”

ميان محمد ملوڪ جو لهجو پاڻي مان نڪتل پلي ۾ گانگٽ جد دم جهڙو هو. هن لسي ٽڪڙ تي هٿ ڦيريو.

“پارڪو اک غريب جي حسرت تہ ڳولهي !”

ميان صاحب جي پراڻي هجائتي ملازم حسرت وچان ڳالهايو. جو وڻ جي اوٽ ۾ ويٺل هو. ميان صاحب غريب نامراد ملازم کي هڪ دفعي ماھ پارا جي ڪنهن پرائيوٽ بس سروس ۾ ملازمت ڪرڻ جو ٻڌايو هو. تڏهن ملازم ٽڏو ساھ کڻي چيو هو:

“تڏهن آئون ڪٿي هوس، ڪهڙن رستن تي ڊوڙ پاتم، خبر هجين ها تہ انهي سروس جون تہ چا پر ٽائر بہ چمان ها ۽ بس جي شيشن ۾ پنهنجي حسرت لهان ها ”

ماھ پارا مرڪي پينگهي کي ڌوڏيو ۽ غريب نامراد عاشق جي دل کي جهٻو اچي ويو. ميان صاحب ڪو جواب ڏي ان کان اڳ ڪوهستان جي ڪونجن جهڙو ڪرڪو ڪنن ۾ پيس

“آ ..... ن ....... تي ...... آنٽي ! چورا پاڻي ۾ ٻوڙيندا .....!؟”

ماھ پارا جو الڪو ڪجلين اکڙين ۾ ميگھ جهڙي ريکا ٺاهي ويو. ڳل جي لالاڻ تي راڪيٽ جي دونهين جهڙيون ڳار ٺاهي ويو. ميان محمد ملوڪ ڏوهيڙي جي انداز ۾ کيس دلاسو ڏنو.

“وهاٽا ٽپنديون، پٽراٽيون ماڙين تي پسار ڪنديون، ڪبوتر جهٽينديون !”

ماھ پارا هئي تہ لنديون لتاڙيل ستن سمندن جو ڪارو پاڻي پيتل، “وهاٽو ٽيڻ” وارو محاورو هن لاءِ جڻ ڪوهستان جو اٽانگو پٻ هو. ميان محمد ملوڪ سندس پريشاني ۾ الڪو پرکيندي چيو:

“تون بہ ڪڏهين وهاٽا ٽپي هئين، پٽراني ٽئين ۾ ماڙيون ٽپي ماڳ ماٽيو هو.”

مينهوڳي هوائن تي وڻ ٽڻ ٽيل هئا. ٿوهر جا ننڍڙا ننڍڙا ڳاڙها گل پتنگن جيان اڏريا پئي. ٻڙ جي قديم وڻ تاڙين جهڙو ڪڙڪو ٿي ڪيو. ٻڙ جي وڻ مان لير گوها ڪري ڳڙيو ٿي يا نہ پر ميان صاحب جي رڳن ۾ ٿاهڙ گهوڙي جهڙو سهڪو هو.

”آن....... ٿي...... آنٽي! ڇورا پاٽي ۾ ٻوڙيندا، ٻڏي مرنديوسين!“

سوئمنگ پول تان ڇورين جو ڪرڪو عطر ٻڙي وانگر سندس حواسن ۾ حواسجي ويو. ڇيڳرا آسمان جي وشالتا ماٽڻ ۾ هئا. هنن جي رڳن ۾ آسمان جهڙيون جهڙاليون لٿل هيون. آسمان جي وشالتا ماٽڻ جو موهہ خمار گهٽو ڪري جوڀن رت ۾ آرس پيچندو آهي. مور ڏيلن جهڙو ٿهوڪو ڪندو آهي. وجود جي هڪ ديوار کي ٻي ديوار تي اڏري ڇپن جي پڌر تي ٽڙندو نچندو آهي، پر ائين بہ ناهي تہ وشالتا جو خمار ڳو جوڀن رت ۾ آرس پيچي اهو موهہ عمر جي لڪيرن جو قيدي پيدي نہ ٿيندو آهي. ڪا نهار، ڪو چاڳ آسماني وشالتا کي پاڪر ۾ ڪري ونندو آهي. انهي ويلي زندگي تي لٿل سانجهي بسنت جي پريات محسوس ٿيندي آهي.

”ڏڪو نہ ڏجانءِ ٻڏي مرندس“ ڪونج ڪرڪي جهڙو سڏ وراڪوءِ پاٽي ۾ جهڙو شپڪو (O Bloody ! Rascal) ڇوڏس پڙاڏو پئجي ويو.

ميان محمد ملوڪ مٿن کان بيٺل زيتون، چڪونءَ ناريل ۽ پام جي وٹن کي حسرت وچان ڏنو ۽ پوءِ ڏگهو ساهہ کڻندي زيتون جي ٿاري نڪ تي رکي ڇڏي.

”عام باغ باغيچن ۾ ٻارهين مهيني ميوو ۽ عدن ۾ سدائين ميوو“

ماهہ پارا جي مُک تي گهڙي کن لاءِ مرڪ ڊوڙي آئي ۽ پينگهي ۾ لڳل آرسي ۾ پنهنجو پاڻ پسايو. ڏڏڪيل پينگهو کيس مڙي ويل زندگي ڏانهن کڻي ويو.

چاليهارو سال اڳ ڪنهن آڙيڪاپ آنٽيءَ سان ميان محمد ملوڪ وٽ طارق روڊ تي اڄ وارو چلڪو نہ هو. البتہ لبرٽي مارڪيٽ ۾ لبرٽي هوٽل هوندو هو. ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ مارڪيٽون هيون اڪثر پلاٽ خالي پيل هوندا هئا. سوسائيٽي محدود هئي. ٿورو پرڀرو جهيل پارڪ ڪوٺي هوندي هئي. جتي انساني نفس سِرڻ ، ڳجهن PECHS جهڙو ٿونگو هٽندي هئي.

"مراد پوري ٿيڻ ۾ وقت لڳندو!" پهرين نهار ۾ ميان صاحب جي اندر مان گند نڪتو. سندس جسم تي سرِٽيون ۾ ڳجهون لٽل هيون.

"ڪيترو وقت لڳندو؟؟" آڙيڪاپ آنٽي پڇيو.

"مراد اڪ چنبي ۾ ڪنبي نڪرڻ وقت ماڻي ونبي آهي يا پوءِ پوياڙي جي پاڇن تائين پوري نہ ٿيندي آهي"

تنهن وقت ميان صاحب جي سونهاري ۾ مٽي جا ڪجهہ وار ماهہ پارا ڪي اوڊيل ڪاري چادريءَ جهڙا نيور هئا. آڙيڪاپ آنٽي ماهہ پارا ڪي ميان صاحب جي گس لاءِ ڪنهن ڪنڊ ۾ وجي ڪوڙڪي هنئي. ماهہ پارا اڪيلي سر مراد ماڻڻ لاءِ ميان صاحب وٽ ايندي هئي ۽ هو ڪيس ڏتاري چيل ڪوٺي جهيل پارڪ پسار ڪرڻ لاءِ وٺي ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ايلفي صدر ، ايڪلسيسلر ۾ رانا شبانہ ڪلبز ۾ روزگار ڪنهن پرائيوٽ سروس ۾ هئس. جتي ڪيترن ئي مسافرن سان واسطا ٿيس. جن ڪيس واٽ وندر سمجهي پنهنجن پنهنجن منزلن تي لهي ويا. گهر واري پرچائڻ لاءِ وڏا وس ڪيا پر ميان صاحب جي دولاب ڪورٽ مان آزاد ڪرائي ڇڏيس. ميان صاحب ڪيس فلاحي ادارو قائم ڪري ڏنو. پلائي جي نالي ۾ ڪيترا انڌ ڌنڌ ٿيا.

"آن .... تي .... آنٽي ! ڇورا پاڻي ۾ ٻوڙيندا، ٻڏي مرنديونسين.... سين ..... سين !"

پول تان پڙاڏيل ڪرڪي ماهہ پارا جي زندگي جو اولڙو پينگهي جي آرسيءَ تان هٽائي ڇڏيو. پينگهي جي ننڍڙي آرسيءَ ۾ سندس زندگي جو

ڏکھو پنڌ ڪٽي پئي اپري سگھيو. ماھہ پارا الڪي وچان ڪوھستان جي اگھميل آسمان ۾ وچ جھڙي نھار وڌي.

“چوريون ڪڏھن پاڻي ۾ ڪو نہ لٽيون آھن. ٻُڏي نہ مرن !”ماھہ پارا جي ڪجلين اکڙين ڪان الڪو الڪو نہ ٿيو.

“ڪڏھن ڪو نہ لٽيون ...!؟” ميان صاحب ٺٺول وچان ماھہ پارا جا لفظ ورجايا. ظاھر ۾ سندس لھجو ٿيو. Damn It

ماھہ پارا خاموش پراسرار پڀ بنيل ھئي. ڪٽي دور پھاڙن تي ڪنوڻ ڪنوين ميان صاحب ماھہ پارا ڪي خاموش ڏسي ڳالھايو:

“ڪراچي جي ساحل ۽ رستن تي ڏور بہ اوڏا سپرين ويجھي ۽ پري ڪان ڪپڙا آلا ٿيو وجن. ھوائن ۾ لوھہ سان گڏ جسم زنگجيو وجن. پاڻي ڪان اڳ بڪني لھيو وجي.”

ميان صاحب جي مُک تي مرڪ جو واس وڪريل ھو. ماھہ پارا ھئنڊ بئگ مان برش ڪڍي پنھنجا اڌ ڪتيل وار سنوارڻ لڳي.

“منھنجي آڱرين ڪان برش ڪنگي جو ڪم وٺ !” ماھہ پارا مرڪي گھور وڌس. گھوريندي ميان صاحب شوخ ٿي پيو اکين ۾ جھمپير جي تاڙيءَ جو خمار لھي آيس.

“ھل تہ سُک جو ساھہ کڻون !”

ماھہ پارا پينگھي جھڙو ليٽ ڪار جھڙو ڏڏڪو بہ وکون کڻي الڪي وچان پول ڏانھن نھار وڌي. پينگھي جھڙو ڏڏڪو ڪنھن ڪنھن جو ھوندو آھي. ڏڏڪي ۽ چاڳ مان تہ گھٽيون ٿيون ھلن پر اھو ڪارب ئي لڌي ويو. ميان صاحب جو احساس ڳالھايو.

“ڪو نہ ٿيون ٻڌن پاڻ مرادو ڪنھن ڪناري وجي رسنديون. چورن جا ھٿ ٻانھون ونجھن جھڙا مضبوط آھن”

ميان صاحب جون ٻانهون گهوڙي جي لغام وانگر مٿس وريل هنيون. زيتون، ناريل ۽ پام جي وڏين لامن هيٺ مثالي عاليشاني ڇپر هيٺ تي ٽُڪ جي رلي ۽ ٽڪ ٽڪ جا وهاڻا سجايل هئا. آسمان تي ستارن بادلن سن لڪ لڪوٽي تي ڪئي.

“بلب اجهائي ڇڏ، اکيون کيريون پيون ٿين ...!” ماهه پارا اڌ ڪٽيل وارن لي لٽ مک تان هٽائي ٻانهن ۾ جرڪندڙ سونين چوڙين کي ڏسي چپ چوريا. بلب تہ اجهامي ويا پر جهڙالي آسمان تي ڪجهہ نظر ايندڙ ستارن ليئا پائي رام ڪهاڻي تي ورجائي. ماهہ پارا جي اکڙين ۾ ڪوهستان جون جهڙاليون لٿل هيون. توڻي جو ڪوهستان جو سنسار سندس لاءِ نئون نہ هو. ستارن جي لاٽ هن لاءِ رستو ناهي ڇڏيو هو. جهڙاليون سرهي سيج تي پيس هوءَ فارم هائوس کان ٻاهر پهاڙن جي وچ مان گذرندڙ نئين واري پل تي وينل هئي. ميان صاحب ڪامين کان جابلو ٻوٽيون تي ڳولهرايون. ڪوهستان جي غريب مالوندن پاڻ جهڙا ڏٻرا ڍور تي چاريا.

“ڪوهستان جون نيون ورلي وهنديون آهن. باقي ساهہ واري جو موهہ سدائين تار چليل !”

تڏهن ميان صاحب پريان مست پاڏي کي رنيپندي ڏسي چيو هيو:

“تلور وانگي رات جي جهڙالين ڪٿي پئي اڏرين؟”

ميان صاحب جي سرٻاٽ ۾ پري کان ڪنوندڙ ڪنوڻ کيس عرش تان ڪٺ تي موٽائي آندو.

“نئين وهي آئي هوندي، ڪنيپون ڦٿنديون، ماڻهو گاهہ . ٻاجهر ۾ مڪائي ناهيندا...؟”

“نئين ورلي وهندي آهي، باقي سرير جو ڏڏڪو سدائين تار ٻوڙ ٻوڙان ....!”

“نہ نا... وسڪاري جي ؟” ماه پارا مرڪندي پڇيو.

“ڪجلين اکين تي ماڻهو درياءَ جهڙو پلٽو هڻندو آهي.” ساهن جي وڪريل سرهاڻ ۾ ميان صاحب رکي ڳالهايو.

“ڪنيين سان گڏ جڙي ٻوٽيون موڪ ٽينديون آهن ۽ پهاڙ جهڙا پوڙها ماڻهو جواني ڏانهن موٽ کائيندا آهن. ڪوهستان مڪئي ۽ ٻاجهر جا سنگ وڏا ٽيندا آهن.”

“ڪيترا وڏا ؟”

“تنهنجن هٿن جي آڱرين کان وڏا.” ميان صاحب ماهه پارا جي هٿن جون آڱريون پنهنجن آڱرين ۾ ڦٻائيندي وراڻيو.

“منهنجي قد کان وڏا...”؟ ماهه پارا کي يوڳ لڳو.

“سُونهن جو قدم مد ڪٽ ڪرڻ جو ماپو اڃان ته ڪير جوڙي نه سگهيو آهي.”

# ڪئنڊل نہ ٻارڻ جو ڏک

احساس زبان ڪان وڌيڪ ڳالھائيندا آھن. انھي شام ٻيبيءَ جي سالگرھ ھئي ۽ ڪيڪ ڪيس ڪٽڻو ھو. گھر ۾ مھمان اچي چڪا ھئا. پر گھر دير سان موٽيو. ٻيبي ڪيس ڏسندي چنبڙي پئي. ٻيبي کي منيون ڏئي ٻانھن ۾ ڪري ڪيڪ ڪٽڻ لاءِ ٽيبل تي وچي ويٺو. ڪيڪ تہ موجود ھو پر ڪئنڊل نہ ھئي. پڇاءُ تي ڪيس ٻڌايو ويو تہ ڪو شرير ٻار ڪٽي ويو آھي. ھو مطمئن نہ ٿيو اندر ۾ وھم خيال ڪٽڪندار ھيس. ... ڪٽي ڪيڪ اڳ ۾ تہ نہ ڪٽيو ويو آھي .....!؟ ھاڻ رسم پوري ڪرڻ لاءِ ڪترائين ٿا.... نہ نہ ائين نہ بہ ھجي ؟ منھنجو وھم ڪٽڪو ڪير پڌرو ڪندو؟ گھر واري ورلي ڪو راز ڳُجھہ ڪري نہ تہ گھڻو ڪري خاموش. بختاور وڏو پُٽ پنھنجي گھرواري آڏو ميان مٺو. گھر ياتي ٿورا ھوندا آھن تہ گھر ڪنھن براڊ ڪاسٽنگ اسٽيشن جيان ھڪ آواز پر جڏھن ياتي وڌيو وڃن تہ ساڳيو گھر ڄڻ ننڍيون ننڍيون FM Stations ھر ڪنھن جو پنھنجو آواز لُڙ پڙاڏو!

"ابو ڪيڪ ڪٽيو !" ٻيبي جي مٺن طوطن سندن ڪيس خيالن مان ڪڍيو. ٻيبي جي دل رکڻ لاءِ ڪيڪ ڪٽي گھر ياتين ۽ مھمانن ڪان پرتي نويڪلي ڪرسيءَ تي ويھي رھيو. ٻارڙن ھيپي برٿ ڊي جو الاپ ٿي ڪيو ۽ ڦوڪڻا ئي ڦاڙيا ڪئنڊل ٻارڻ سواءِ ڪيڪ ڪٽڻ ! پڪ ڪيڪ منھنجي موٽڻ ڪان اڳ ڪٽيو ويو آھي. احساسن ۾ لڙھندي ٿي ويو. ڪيس ياد پيو تہ سالگرہ لاءِ چار وڏا ڪيڪ ۽ ھڪ 4 عدد واري ڪئنڊل ورتي وئي ھئي.

"حد ڪري ڇڏيئي، گھر جو وڏو ٿي ڪري اوپرن وانگر پرتي ويٺو آھين ڪيڪ ڪڻ !"

گھر واري جي آواز تي خيال ٽٽي پيس. گھر واري سھپ ، ڌيرج واري ڪيترين ڳالھيون درگذر ڪريو ڪيس نہ ٻڌائيندي آھي.

“ڪيڪ ڪڻ !” گهر واري پليٽ ڏنس ۽ پوءِ مهمانن ڏانهن موٽي وئي. ڪئنڊل نه ٻارڻ ۽ ڪيڪ اڳي ڪٽجڻ جي احساس ۾ ڪيڪ بي سواد لڳس. ڪئنڊل ڪنهن نه ٻاري هوندي، پهرين ڪنهن نه ڪنهن ضرور ڪيڪ ڪٽيو هوندو !؟ موٽڻ ۾ دير ٿي ته ڇا ٿيو؟ ٿورو ته انتظار ڪن ها !؟ احساسن ۾ ويو ٿي لڙهندو. گهر ڀاتين ڪي هوندن ۽ منهنجو ڪهڙو خيال احساس ؟ ڪيڏانهن وڃڻ لاءِ پئسا ۽ ڪار جي چاٻي گهرندا ۽ پوءِ دير سان موٽندا الڪي ۾ ننڊ وهه ٿيو وڃي...! ماڻهو ته گهر ڪان وڌ دوستن ۾ خوش، پر دوست !؟ مڙئي ڪنهن چاهه ۾ گاڏو پيو گهلجي. دوست هجن يا گهر ڀاتي نياڻو ٿو پوي.

“ابو ڪيڪ کائو!” ٻيبي ويجهو ايندي وات ۾ ڪيڪ وڌس. ٻيبي جي حجت ڪيس وٽي ۽ هن سوچيو.. عمر نه آهي اها بي فڪري واري ، وڌو ٿيڻ به هڪ قسمت جو عذاب آهي. ننڍن سان ننڍو ئي هلجي نه ته زندگي ڏاڍي ڏکي.

“ابو ڪيڪ سٺو آهي نه !؟” ٻيبي پڇيس

“ڪيڪ کان وڌيڪ تون مني سُٺي” هن وراڻيو.

“ابو منهنجا به ڪيڪ ڪٽيا ويا !” ٻيبي سمجهي وچان راز تان پردو کنيو. هونئن به چوري جا پير نه هوندا آهن.

“به ڪيڪ ....!” پهرين ڪئنڊل ڪنهن ٻاري ڪيڪ ڪٽيو؟”

ٻيبي ڪي منيون ڏيندي پڇائين.

“بابا سائين !”

“ڪهڙو بابا سائين ؟”

“هلو ته توهان کي ڏيکاريان .” ٻيبي ڪيس هٿ مان ورتو. ٻارڙن جي گوڙ ۽ مهمانن جي وچ مان وني ڪيس ماءُ پيءُ جي بيڊروم وني وئي. بيڊ جي ديوارن تي ٻيبي، ٻيبي جي ماءُ پيءُ ۽ ناناڻي آڪهه جا فوٽو فريم ٽيل هئا. بيڊ جي

ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ پنهنجو ۽ پنهنجي گهر واريءَ جو فوٽو نہ ڏسي ڪيس ڏک ٿيو.

"ابو مون ڪي ڪوڙ گفٽس مليون آهن. وڏو بال ۽ باربي گُڏي." بيبي ڪيس ٻڌايو.

"بيبي سالگره جي ڪئنڊل ڪنهن ٻاري ڪيڪ ڪٽيو؟"

بيبي الماڙي کولي تاڪ جي اندرين پاسي فوٽو ڏانهن آڱريون ڪنيون.

"تنهنجي ان بابا سائين تہ رڻ ٻاري ڇڏيا آهن."

هن ڇڻ پنهنجي ليکي ڳالهايو. اکين ۾ اڻ لکي پاڻي لهي آيس.

"ابو رڻ ....! ڇا هوندو آهي؟ ڇا اهو بہ ڪئنڊل وانگر ٻرندو آهي؟ بيبي معصوميت وچان پڇيس.

"بيبي ! زندگي جي رڻ ۾ جڏهن منافقون ۽ سازشون ٿينديون آهن. تڏهن احساسن جي ڪئنڊل زندگي کي پنيٺ ڪريو ڇڏي !"

اکين ۾ پاڻيات ڪجھ وڌيڪ لهي آيس. ديوارن تي فريم ٿيل فوٽو ۾ خود بيبي کيس ڏنڏلي نظر آئي.

"ابو توهان رئو پيا؟ توهان جي اکين ۾ لُڙڪ ڇڻ ٻرندڙ، ڳرندڙ ڪئنڊل !"

بيبي ٽشو سان سندس لُڙڪ اگهيا ۽ مس پتڪڙين ٻانهن جون پنکڙيون ورائي ڇڏيون.

# ايمان بي ايمان جي لڪير !

درياهه، واهه ۽ سمنڊ گدلا نه ٿيندا آهن. پر ماڻهو انهن کي گدلو ڪري ڇڏيندا آهن. پاڻي ته ازل کان پاڪ پوِتر ٿيندو آهي، پڪين جي اُڏار ۾ پاڻي جي وهڪري جي ڪا به سرحد نه ٿيندي آهي. واڏو واهه نالي ۾ واهه باقي آهي گند جو ڍير. واڏو واهه مين نسيم نگر چوڪ ويجهو جهڳين ۾ رهندڙ جمعدار ٻالي شاهي، باگڙي ۽ ڪولهي قبيلي جي انهن بي سمجهه ٻارڙن وانگر آهي. جن کي خبر نه هوندي آهي ته سردگرم موسم ۾ خيرات لاءِ هٿ ڊگهو ڪرڻ ۽ جبري پورهيو ڪرڻ عذاب ٿيندو آهي. انهن قبيلي جي بي سمجهه ٻارڙن کي اهيا به خبر ناهي هوندي ته نسيم نگر چوڪ تي هر ڏينهن سياسي تنظيمن جا ڪارنده پيتا وني ڏرڻو هڻين لفظن جا ڦوڪڻا ڦوڪي ڇو بي اونا ٿي سمهي رهندا آهن؟ گندگي نه رڳو وچ شهر مان گذرندڙ واڏو واهه ۾ پر ٻنهي پاسي جي آبادين ۾ مينهن وسي نه وسي پر گهرن ۽ اپارٽمينٽس آڏو اٽليل گٽرن جي ڪري رستا پاڻي هيٺ جو ماڻهن کي ساهه ڪڍڻ وقت اٻڪارا پيا ايندا آهن. سٽي گورنمينٽ جا جمعدار صفائي جي بهاني گند ڪچرو ۽ شاپرز گٽر ۾ اڇلائي ويندا آهن. اوڙي پاڙي وارا چندو ڪري جمعدارن کي صفائي لاءِ گهرائيندا آهن پر گٽر پوڊائي ماڻهو ۽ رولو جانور وانگر آڦري جو شڪار. ڪنهن هڪ ڏينهن هڪ عورت گهر مان منهن ڪڍيو نڪ تي ٽشو پيپر هٿس هن پهرين هيڏان هوڏان لوٽو هنيو ۽ پوءِ پاڙي جي گهر جي ٽيرس ۾ بيٺل عورت کي ڪيڪار ڪري ۽ ساڳي شڪايت ڪئي.

”ماريا نپٽا حرام خور جمعدار سرڪاري پگهارون به کڻن ۽ خرچون اوپر سوپر پڻ تڏهن به گٽرن جو پاڻي رستن تي؟“

ٽيرس ۾ بيٺل عورت کو جواب ڏي، چپ ماهوتن جي شهر جي ٽڪيل زيتونن جهڙا به اڏ ڪري انهي کان اڳ روڊ تان متندڙ ڪار جي ڦرندڙ ٽائرن

گندي پاڻي جون ڦينگون گهرن جي ديوارن ۾ ماڻهن جي ڪپڙن تي ايبسٽريڪ ۽ ريئل ازم آرٽ جا چٽ ناهي ورتا.

“انهن بي ايمان بي دين جمعدارن جو ڪهڙو ايمان باقي خرچي ۾ لٽو پٽو وٺڻ لاءِ هر در تي بيٺل هوندا آهن.”

ٽيرس تي بيٺل عورت جو ڪڙڪو اوڙي پاڙي ٻڌو.

“ميڊم صاحبہ ! توهان ڊرمي، ايماندار، اسان اڊرمين جو ڪهڙو وبساهہ ايمان ؟”

جمعدار گٽر ۾ لٿل هو، هن جو سوال جڻ پاڻي جو ڇپڙڪو. جمعدار منهن ڪيڏڻ ڪان اڳ فرينچ ليدر جو مچڪو فوٽ پاٿ تي اڇلايو. عورتون هڪيون ٻڪيون ٿي گهرن ۾ موٽي ويون ڪنهن گهر جي ٽيرس ۾ مرد پڪائي سان مرڪي پنهنجي پيٽ تي هٿ ڦيرائي پيٽ سور جا بهانا ڪيا.

# گلابن ۾ ٽُرڻ وارا ڏينھن

’’جي تو واري مامي اسلي، اسلو سيٺ جي ھٿ تان ڦيرو ڪري اچين تہ ديگڙي جھڙو مُک ڀھڪي پونئي ؟“

حاجي صاحب پڪائي سان مرڪي ياڳي کان پڇيو.

حاجي صاحب جو مطلب ھو تہ جي ياڳو پنھنجي پراڻي عاشق نامراد سيٺ اسلي، اسلو وٽ وڃي تہ ھن جون اکيون مٿيس وسيل سرن جي بٺي جي ڪارنھن لاھي ڇڏين.

“ڪالھہ مزدورن لاءِ چانھہ جي پتي ۽ سگريٽ وٺڻ لاءِ ھٽ تي ويو. ھئس پر ماما سيٺ بہ رخوءِ تڪڙو ڳالھايو.”

ياڳي ڪڇھري ۾ ويٺلن کي ڏسي حاجي صاحب کي وراڻي ڏني.

“ڪھڙي دل سان توسان منو ڳالھائي ھا، جڏھن الھڙ ڳاڙھہ گتول ھنين تہ تو ڪنگھيس بہ ڪو نہ ؟”

رمضان ملاح پڇندي پن پيڙي جو سوٽو ھنيو تہ ڪنگھہ وٺي ويس. ياڳو دولت پور جي ڪچي جي علائقي جو وھي چڙھيل ڇوڪر، اجان مڇڻ جي ساوڪ نہ ھوندي ھئس جو سائين جي اوطاق تي سار سنڀال ڪندو ھو. سودي سڙي، يا پنھنجي لاءِ ريوڙيون، ڪٽ منڙا وٺڻ لاءِ ھٽ تي ويندو ھو. ھٽ سامھون رستي تي رنگ برنگي لاٽون يا بلور راند ڪندڙ ٻارن کي ڏسي بيھي رھندو ھو. معصوم ٻار بلور کي ڏڪ ھڻڻ لاءِ ٽورو جھڪندا ھئا تہ تڏھن سيٺ اسلو. اسلي جي ھٽن ۾ ترندڙ ساھمي کي ڪجھہ وڏيڪ لوڏو اچي ويندو ھو ۽ سندس آسروند اکڙين ۾ ياڳو گلاب وانگر ترندو ھو. سيٺ ٽڏو ساھہ ڪٽي سوچيندو ھو. ھوند ياڳو سندس من تي رنگ برنگي لاٽون وانگر ڦري! ساھمي جي پُٽن کي ھڪ ھنڌ بيھارڻ لاءِ ھٿ کي ڪجھہ ڏکھو ڪندو ھو. اسلي سيٺ کان ڪير ھٿ ڏکھي ڪرڻ جو پڇندو ھو تہ وراڻيندو ھو تہ: “جيئن

ڪانٽو هڪ هنڌ بيهي” پر هٿ تي ويٺل قاسم ڪانير ۾ ڪانڊيرو ڪودو هڪ ٻئي کي ٽونٽيون هڻي چوندا هئا ڪانٽو هميشہ سيٽ تي ! ساهمي کي لوڏي اڇڻ جي ڪري وڪر ڪري وچي سامهون قاسم ڪانير ۾ ڪانڊيري ڪودي اڳيان وچي ڪرندو هو ۾ ڪرنڌڙ وکر کي ڪانڊيرو ڪودو بين الاقوامي ڪريڪٽر جيان ڪيچ ڪري وٺندو هو. قاسم ڪانير پورهيت ماڻهو هو. ملان جي ٻانگ کان اڳ ڪچي مان گڏهن تي ڪانين جي لڏ ڪري گوڏ ۾ بي اونو ٽي سمهي رهندو هو. سمهمي ٽڪبو هو تہ اوباسيون ڏيندو هٿ تي اڇي ويهندو هو. پر ڪانڊيرو ڪودو اٿي تي چٽي ڪم ڪرڻ پڄندو ڪون هئس. رات جو بي بي سي لنڊن ۾ اوڙي پاڙي جون ڪوڙيون سچيون خبرون هن هن سان ڪري هٿ تي ڏينهن پورو ڪندو هو ۾ سندس دڪيءَ تي ويهڻ جو انداز واندي رن وانگر هوندو هو جو مانڊڙي ڏسڻ ۾ پئي ايندي هئس. شام جو سيٽ کان ٻہ ٽي ڏينهن جي سڙيل پاڃي وٺي پوتڙي ۾ ڪري گهر ورندو هو. انهن خبرن جي ڪري ماڻهن ڪيس مارڪ ٽلي سڏڻ شروع ڪيو.

“پاڳا هاڻ وهي چڙهي وئي، گلابن ۾ ترڻ وارا ڏينهن ڪاٿي وئين ؟”

رمضان ملاح پڻ ٻيڙي جي ڦوڪ پيري ورتي ۾ پوتڙي سان وات ۾ نڪ سنڪي ورتو ۾ سوال وات مان ٿاڦڙجي نڪتس، پاڳئي جي اندر مان هڪ رات جي واردات ٻوڏ جي پاڻي وانگر پلٽو هنيو. سائين وارن سان رات واري ڪچهري ۾ وينو هئس. انهي وقت اچان ٻش ڪيبل وارو رنگهٽ شروع نہ ٿيو هو. اوچتو اوطاق جو ٻاهريون باغ وارو گيٽ کڙڪيو. در کوليم مامون سيٽ اسلي، اسلو نرجائي مان ٻگل تي هٿ ڦيري اڱڻ لتاڙي ٽي وي تي اچي وينو. سائين وارن کيس بي اونهائي تي بور ڪندڙ هو. ڪير ذولفي کي پيءُ سان همرائي ڪرڻ جو چوندو هو تہ پڪائي ڪري وراڻيندو هو.

“دل بدن تي بور ڪرڻ سان هنيئون نرندو آهي، پر لوهہ جو پائپ نل زنگجو ڳريو وڃي پر حسرتن جو نل نہ ڳري نہ وري، واري ڪري!”

ذولفي مال چارڻ جي سانگي ۾ نہ ڄاڻ ڪيترا سانگ ڪيا نہ ڄاڻ ڪيترا سانگ ڪيا نہ ڄاڻ ڪيترن رڍن، ٻڪرين ۽ ٻڪرين کي ڌڻي ورتو.

“مائٽ، تون وري کھڙو ستو جتو جاويد سيد جيلاني کي موٽائي ڇڏيئي ! سيد کان هڏ پاڪ ڪرائين ها تہ اڄ اهڙا حال نہ هجنئي ها نہ وري ڌڦيرن جا ڪتا پونڪ ڪنئي ها؟”

پاڳي ٺھڪ ڏيندي چيس تہ هن جا هيڊا ڏند ڏسڻ ۾ آيا. وهي چڙهڻ جي ڪري پاڳئي جو ماسيرو پٽ اڳي کان ڳريل هو. اصل اباڻي ڳوٺ ڏيپائي سماٽن جي علائقي جي ديھہ وانگر سڪل نوٽ ٿي پيو هو. ڏيپائي سماٽن واري ديھہ جي پڇاڙي ۾ منڊ ۾ جتوئن ۾ ڏاهري سردارن جون جاگيرون سي ڪين پاڻي ڦرو بہ وهڻ ڪون ڏيندا هئا.

“ذولفي پاڳو چاتو چني کھڙي واردات جا پيرا ٿو کڻي توسان بہ ڪنهن رات ۾ جنسي ڏاڍي ٿي چا؟”

حاجي صاحب کي اهڙي واردات جي کُڙڪ تہ هئي پر تڏهن بہ ڪچھري ۾ پڇاءَ جو پتو اڇلايائين:

“حاجي صاحب مونسان واردات اوندهہ گگهہ رات ۾ تہ ڪانہ ٿي پر ميان سائين جي چرچ تي جاويد جيلاني سيد ڏينهن جا تارا ڏيکارڻ ٿي چاهيا پر وٺ ڪا نہ ڏني مانس. ڏاڍيون منٿيون پيو ڪري پنهنجو آڱريون ڏيکاري چئي پيو هيترو آهي ٻُڙڪ بہ نہ پوندئي”

پوءِ ڪيترا سال گذري ويا هر ڪو ذولفي کي پوڳ ڪرائي چوندو هو “اڙي ذولفي ! سيد ذات کي رنجائي قيامت ڪاري ڪري ڇڏيئي.” ڏيري تي مچر گهٽا ڪنهن پيري بيمار ٿي پيو. ڪنهن وچي جاويد جيلاني کي ٻڌايو. هن في سبيل الله يا اڻ پوري آس ۾ ڏُکندي وچي ڊاڪٽر شريف وٽ ڇڏيس. ڊاڪٽر شريف هو تہ ڪمپائونڊر ڊگهي سونهاري وارو ۽ نماڻي پر ڀهراڙي وارن لاءِ ڊاڪٽر جنهن جي سُئي عزرائيل سڳوري جي اچڻ کان اڳيئي ماڻهن جا

ساهه ڪنيي ونڻ واري سندس اهڙن تڪڙن ڪارنامن جي ڪري راڄ جي چڱي مڙس ڪي چوٽو پئجي ويو تہ بي نمازي فوتي لاءِ قبرستان ۾ جاءِ ڪانهي. قبرستان اڳي ئي ڪراچي جي رستن وانگر لاشن سان ايامپل.

“ياڳا اٽي هل تہ توکي سڪ وندي مامي سيٺ اسلي، اسلو جي هٿ تان ريوڙيون کٽ منڙا وني ڏيان؟”

ذولفي پوٻگ ڪرايس: “هان مفت ۾ تہ چا پر ٿورو ڦاٽل پراڻو نوٽ نہ وٺندس، ڏهہ پندرهن سال اڳي ماٺو ڪري وڃيس ها تہ سيٺ اکين جي پنبڙين تي ريوڙيون کٽ منڙا رکي ڪارائينس ها.”

ڪرسي تي ويٺل حاجي صاحب چيو جنهن چوپائي مال جي نئين اڏجندڙ وٿاڻ لاءِ ڪم ڪندڙ اوستي ۽ مزدورن جو ڪم تي ڏنو. ڪنهن مزدور بيلچي سان ريتي سيمينٽ تي گڏيو تہ ڪنهن ڪوازي تي بيٺل اوستي ڪي سرون تي ڏنيون. ڪيتري وقت کان وٿاڻ ڪچو هو. ڪچيون متي هاٽيون جڳهيون ڏهي پڪيون ٿيو وڃن پر انهن ۾ ٿيل وارتائون پيون ڳائجن. انهي وٿاڻ پر ڪڏهن ڪٽڪ، سرنهن جي ٻج جو گودام هوندو هو. ننڍڙي هوندي جڏهن حاجي صاحب مڪتب کان پڇي ويندو هو تہ پي ان ۾ پوري چڏيندو هئس ۽ هڪ جيڏا ٻار کلندا هئس.

“ياڳي کي سرگس ڪرائڻ لاءِ وني ٿو وڃين چا؟”

غلام حسين هوريان جهيٽين لهجي ۾ ڳالهايو. جنهن جي ٽي چار مهينا اڳي دل جي باءِ پاس ڪرايل هئي. غلام حسين سڄي زندگي ڏينهن رات ڪچي پڪي جي زمينن تي گذاريو هو. هن جو من سدائين سرنهن ڦولار ۾ پوپٽ وانگر اڏامندو هو. جڏي ٽيڻ کان پوءِ ڪڏهن ديهہ واري اوطاق تي وڃي ويهندو هو تہ ڪڏهن ننڍي پٽ مجاهد واري اوطاق ۾ اچي ويهندو هو.

“ٽڪل گهوڙي جي کهڙي هٽڪار، کهڙا سرگس، پر پوءِ بہ ٻڌل ٻيڙي جون هريڙون پليون سيٺ اسلي حسرت پلي چڏي؟”

رمضان ملاح ڪي الائجي سنڌو جي سير ۾ هاڪاريل پيڙيون ، بيتلا ياد پيا يا ڦليلي واهہ ۾ مڇي لاءِ اڇلايل رڇ. حاجي صاحب ماٺ ميٺ ۾ ذولفي کي پاڳي کي هٿ تي وٺي وڃڻ جو اشارو ڪيو. ذولفي ڪيس ٻانهن مان ڇڪيو پر پاڳو ڇريو بہ نہ ڇڻ ڪونڙي پل کان هيٺ فتح مبارڪ اسٽيمر وانگر واري ۾ ڄميل هو.

“حاجي صاحب، پاڳو ملان پادري وانگر ڏرڙو هينو وينو آهي، ڇُري بہ نہ ٿو.”

ذولفي ائين چئي پريان سيمينٽ جي ٻورين وٽ وڃي ويٺو.

“ها پوءِ انهي رات ڪوئٽہ تي وي اسٽيشن وارو ڊرامو ڏٺئي، ڊرامي جو ڊراپ سين توتي هلي پورو ٿيو.”

“سچ ڊرامي مان حقيقت ٿي وئي. اهڙو ڊرامو ٿيو جو سرڪاري نشريات تي سينسر ٿي وڃي.”

پاڳو ڪچي ۾ ڪاهي آيل ٻوڏ وانگر واري اٿلي پيو. سائين وارا ڪلاڪ اڌ ويهي حويلي ڪوٽ ڏانهن هليا ويا. اجان گس تي هئا جو مامو اسلي، اسلو ڪرسي تان لهي رومال ۾ ويڙهيل ڪتمنڙا ۽ ريوڙيون ڪيڏي غم تي مون سان گوڏا ملائي ويهي رهيو. آئون اڳتي رڙهڻ ڪسڪڻ ۾ ۽ مامو گڏوگڏ سرندو اچي پگهر ڳڙي پيم. ساهہ منجهڻ لڳو. اوچتو انهي خيال کان اٽڪل سمجهي آيم. ٿي وي بند ڪري ڇڏيم تہ جيئن رڙين تي سينفل واري هٿ تي وينل اترادي ۽ هدايت الله مچر واهر اچي ڪن بخار اچي ويم. پاڳو ڳالهہ ڪري چپ ٿي ويو. رمضان ملاح ٿهڪ ڏيندي چيس:

“هدايت الله سيٺ اسلي، جو اتر انيہ جي هٿن ۾ ۽ ڦاسي هان جيئن ڪوڙڪي ۾ ڪارڙو تتر.”

“پاڳا اٿ سيٺ اسلي، اسلو هٿ تان ڦيرو ڪري اچون؟”

ذولفي سيمينٽ جي سٽيل ٻورين وٽان انهي ڏينهن سيٺ جي پڇڻ تي ٻڌايو تہ:

" هاڻ ارمان، حسرتون رهيون آهن. نولو ۾ گانگهٽن جو خفت لهي ويو آهي. تڏهن بہ ڪو ٻار وڪر يا شي وٺڻ لاءِ ويندس تہ اڪ ٻار جي پٽ ۾ هوندس."

رمضان ملاح ڳالهايو. سيٺ اسلي هاڻ هڏا ٽي ويو آهي. حافظو ڪمزور ٿي ويو اٿس. ٽڪڻ جا وار چڻ ٻوڏاريل پاٽي ۾ ڇڏي ڪٽڪ جا سلا، گراهڪ قرض لاهي وينڊا تڏهن بہ بل ڪيندو. گراهڪ سو جو نوٽ ڏيندس تہ هزار سمجهي وڏيڪ ڏئي ڇڏيندو ڪيترن ٻارن تہ ڪوڙا نوٽ ڏيئي شي وٺي ويس. انهي ويسر جي ڪري ماستر چراغ دين جي صلاح سان بہ ٽي ڇوڪرا رکيائين پر اهي سندس هٿ ڏکهي ڪرڻ جي عادت ۾ ڪڙي ڳالهائڻ جي ڪري ڇڏي ويس.

"ياڳو ٿيو يا مينهن مينهڻ کي بہ جيسيتائين ڇوهارو نہ کارائيندا آهن تيسيتائين سانّ ۾ پاڏي لاءِ تانگهيندي ناهي. ياڳا هل تہ هل نہ تہ وجان مينهن کي چارو ڏيڻ؟"

ذولفي ڪير جو ڌرم هٿ ۾ ڪٽنڊي ڇيو.

"هاڻ سيٺ سُڃاڻي سگهندس؟" اوستي ڪوازي تان لهندي پڇيو.

"سڪ وندين اکڙين ڪان خواب وسرندو ناهي، من جي نيساري مان حسرتن جو گلابي پاٽي پيو وسندو آهي. سيٺ جي چنجهين اکين ۾ ياڳي جي صورت ائين ڄميل آهي جيئن ورهيہ پراڻي واٽڪي عمارت تي سن ۾ سال"

رمضان ملاح وراٽيو:

"جيئن ٽيڪسي ڊرائيور ۾ حجام گراهڪ کي پري کان پرکيندا آهن. ائين هر دڪاندار وانگر سيٺ اسلي جي پرک، بہ تيز جهڙو گراهڪ تهڙو

گفتگو ۾ لهجو. گراهڪ سٽپيو ته پاڻ اڳئي گيهه جو دٻو ڪنتر يا ڪنڌ جي ٻوري پر جي گراهڪ مسڪين هاري مزدور ته ڳاڙهي تيز مرچ جون سڪون پيو لاهيندو. ڏنڏي مان ايڏو ڪمايو اٿائين جو سندس ويهه آڳريون گيهه ۾ ٻُڏل هوندي آهي. اوچتو اوطاق جي ٻاهرين باغ طرف واري در مان الهڙ ڇوڪر منهن ڪڍي ذولفي وٽ وجي بيٺو ۽ گهڙي ڪن ۾ موتي ويو. ڪو پڇي انهي ڪان اڳ ذولفي ٻڌايو

“غريب سيٺ اسلي، اسلو جي عادتن ڪان بيزار ٿي مال وٺاڻ تي بيهارڻ لاءِ آيو آهي.”



# عين سحر

عينِ سحر جي هوندي ته سُڃاڻپ هڪ شاعره طور آهي. پر هوڪهاڻيون به لکندي آهي ان جو انڪشاف اڄ کان ٻه سال اڳ هُن پاڻ ئي ڪيو هيو. اهيو ٻُڌي ڪري خوشي ٿي پاڻ هڪ ڪهاڻيڪاره به آهي. جڏهن هُن منهنجي اسرار تي احساس مئگزين لاءِ پنهنجي ڪهاڻي موڪلي هئي ته ان ڪهاڻي ۾ جيڪي احساس هئا ۽ ڪهاڻي جو جيڪو ڊڪشن هيو اهو نمايان پئي نظر آيو. ان مان اندازو ٿيو ته عين سحر وٽ واقعي ڏات مهربان آهي. ان بعد جڏهن هُن ٻي ڪهاڻي ”ثابتي“ موڪلي ته سچ ته ان ڪهاڻي مون کي دنگ ڪري ڇڏيو ته ڇا واقعي عين سحر اهڙيون ڪهاڻيون به لکي سگهي ٿي....!؟ ان کان پوءِ ڇا هيو؟ عين سحر تي ڏات ڀهريان مهربان هئي ۽ هوءَ پنهنجي قلم سان سنڌي ادب جي ڪهاڻين جي سرزمين کي سيراب ڪندي رهي. اهڙي ريت هڪ ڪمال جي تخليق ڪهاڻي ”ماءُ“ جڏهن ڇپجي ته سيني ڪهاڻي ذوق رکندڙن جي وات واه واه هئي ته عين سحر ڇا ته ڪهاڻي لکي آهي....!!؟

هن ڪتاب ۾ عين سحر جون ٻه ڪهاڻيون ”نرلجو بي غيرت ۽ بئڪ ٿو پويلين“ شامل آهن. جن کي پڙهي ڪري اهيو يقين سان چئي سگهجي ٿو ته عين سحر ڪهاڻي جي ٽيڪنيڪ کي سمجهڻ لاءِ بلڪل ميچوئر آهي. ڪهاڻي جي دڳ کي هوءَ هاڻي پلي پيد ڄاڻي چڪي آهي. ٿوري وقت ۾ ڪهاڻي جي صنف ۾ منفرد نالو ڪمائيندڙ عين سحر پنهنجي ذات ۾ به هڪ منفرد شخصيت جي مالڪ آهي. هوءَ جنس جي متڀيد کان مٿي سوچ رکي چوي ٿي ته: ”ڪهاڻيڪار صرف ڪهاڻيڪار ئي هوندو آهي، ان لاءِ جنس جي حد ڪا معنيٰ نه ٿي رکي. هو بس ڪهاڻيڪار آهي.“ اهڙي ريت شاعره جي حيثيت ۾ هُن جي شاعريءَ پڻ اوهان کي جنس جي فرق کان هٽي ڪري ملندي. ڪوڙ ساريون دعائون ۽ نيڪ تمنائون عين سحر لاءِ!

**احسان آڪاش**

# نِرلڄوءِ بي غيرت !

”هل ڙي هل، هل ڪر گڏهه گاڏي وارا. لوسي پٺيان ڏسين نٿو گاڏي ٿي اچي، وچ رستي تي ائينءَ ٿا هلو ڄڻ پيءُ جو روڊ هجيوَ...“

منهنجو اندر ته ڪڙهي ويو پر زهر جو ڍڪ پِري ويس گڏهه گاڏو هڪ پاسي تي ڪري جڏهن لوٽو هٽي ڏٺم ته وات پٽجي ويو.

”اڙي هي موٽرڪار وارو ته منهنجو يار اقبال آهي...“

منهنجي اکين ۾ ڄڻ پاڻي تري آيو جڏهن اقبال جي مون تي نظر پئي ته ان به تپرس ۾ ڏنوءِ سجاڻڻ ڪان پوءِ گاڏي پاسي ڪري يڪدم لهي اچي ڀڪُ وڌائين.

”يار معاف ڪجانءِ، مون کي اندازو ئي ڪونه هو ته تون يارڙو ضمير آهين!؟ پر هي ڇا؟ تون گڏهه گاڏو پيو هلائين، چاچي وارو ڪرياني جو دڪان ڪاڏي ويو؟“

”هي سامان دڪان لاءِ ئي کنيون ٿو وڃان. ڪِرياني جو دڪان آهي پر وڏن شاپنگ مالن نڪرڻ ڪري ڏندو اُهو ڪونهي، سو ڪمائي ايڏي ناهي جو هول سيل تان سامان گهرائڻ جا پاڙا پريان. سو پنهنجو گڏهه گاڏو آهي مهل تي ڪم ٿو اچي وڃي. پر تون هتي ڪيئن، سالن ڪان پوءِ توکي ڏٺو اٿم.

”هل گهر ته ڪچهري ڪريون ۽ ماني ٽِڪي به کائون.“

”نه يار هينر ته نه. جو تڪڙو آهيان، اين جي او جي پراجيڪٽ جي سلسلي ۾ آيو هوس، سو ضروري ميٽنگ آهي، اُتان واندو ٿي اچان ٿو. تون پلي هلي دڪان جو سامان لاهه. مان شام تائين اچان ٿو. گهر ته ساڳيو اٿئي نه؟“

”هائو هائو ساڳيو آهي، پنهنجو اُهو پراڻو گهر.“

آءُ دُڪان تي پهتس، سامان لاٿم ۽ اقبال جو سوچيندي ماضيءَ ۾ هليو ويس.

”جيڪر مان پڙهان ها ته اج اقبال جيان نٽ ۾ هُجان ها...! منهنجو ماضي جيڪو بنياد هو منهنجي زندگيءَ جو ، الائي ڪهڙن حالتن جي ڪري ڪمزور پئجي ويو.“ خيالن جي سيلاب ۾ وهندو ويس.

مان ۽ اقبال ساڳئي اسڪول ۾ پڙهندا هئاسين اقبال مون کان هڪ درجو مٿي هو پر اسانجي دوستي پڪي هئي. مان پڙهڻ ۾ ڏاڍو هوشيار هئس، جهڙو هوشيار هئس تهڙو وري سُهڻو به هئس. سنهڙو، ڇهبڪ جهڙو جسم، ريس ۽ ڊُڪڻ ۾ اهڙو هوندو هئس جو ڪوئي مونکان گوءِ کٽي ئي نه سگهندو هو. استادن نالو ئي هرڻي رکيو هيو. پڙهائي ۾ به ڪو مقابلو ڪري نه سگهندو هئم. مان اسڪول به چاهه سان ويندو هيس پر هڪ دل ڏاريندڙ حادثي منهنجي زندگيءَ ۾ جهالت ۽ غربت جي اذيت لکي ڇڏي.

”ڇورا اُٿي اسڪول وڃ.... ڇڏ ڪِيهُه، ڏسان پيو ٻن ڏينهَن کان تون ڪروڌ سان ٿو اسڪول وڃين، پڙهائيءَ کان تپ ٿو چڙهئي. سڌو ٿي اسڪول وڃ نه ته رڪانءِ نه لِتر... سُڌر سُڌر....! سگهو ٿي هل اسڪول.“

”اڄوڪو ڏينهن ڇڏيس هڏ ۾ بخار اٿس موڳو لڳو پيو آ، اڄ طبيب کي ڏيکاريس، سڀاڻي کان اسڪول ويندو.“ امڙ جي اِن جملي تي بابي کي تئين باهه وٺي وئي.

”سڄو ڏينهن تتي ۾ اِهي ڏيتي ڏڪر، ڇِدا ڪيڏندو ۽ لغڙ اُڏائيندو ٿو وتي، تپ نه چڙهندس ته ڇا ٿيندس!؟ رن تو ئي مٿي تي چاڙهيو اٿس.“ بابو مون کي ڇڏي امان تي تپي ويو هو ۽ مان چپ چاپ مُنهن کي ڇنڊو هڻي ٿيلهو ڪنڌ ۾ وجهي اسڪول بدران واهه تي آيو هئس. جو اسڪول مقتل گاهه ٿي لڳو ڇو ته ٽيون ڏينهن سائينءَ منظور منهنجي روح کي رتورت ڪري ڇڏيو هو. سائين منظور گذريل سال کان منهنجي پويان پيل هو پر تڏهن ڪلاس ٽيچر

نہ هو. پنجين درجي ۾ ڪلاس ٽيچر ٿي ويو هو. ٽيون ڏينهن موڪل مهل مون کي ڪجهہ دير ڪلاس ۾ ترسڻ لاءِ چيائين. مان ڊڄندي ڊڄندي ويهي تہ رهيس پر ساهہ مُٺ ۾ هئم. سائين اڪثر ڪري ڳلن تي ٿڦڪي هڻندو يا آڱوٺي ۽ اشهد آڱر سان چمٽي جيان زور ڏئي چڪيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن پٺيان هلڪي ٿڦڪي هڻي ڇڏيندو. ٻين شاگردن کي دڙڪا ڏيندو مگر مون سان سدائين کِلي ڳالهائيندو. اڪثر ٻيا ٻار ڊيسڪ تي سبق پڙهندا هئا، پر سائين مون کي پرسان ٻيهاري ليسن ٻڌندو هو. شاباشي جي بهاني ڳِٽن تي ٿڦڪي هڻي سنهڙي ڇُهنڊي هڻندو هو. رسيس ۾ ڪا شيءِ گهرائڻ جي بهاني موڪليندو هو جيڪا جڏهن آڻي ڪيس ڏيندو هوس تہ خالي ڪلاس ۾ چمي وٺي ڇڏيندو هو.

سائين جي ائين اڪيلي ڪلاس ۾ چُمي وٺڻ جو مون کي اڻچاتل خوف هو. پر اِها خبر نہ هئم تہ سائين ايڏي وڏي ڪمينگيري ڪري مون کي خود کان نفرت ڏياري ڇڏيندو. ڪريہ جهڙو عمل مون کي منهنجي معصوميت ۽ ٻاراڻي بي خودي مستيءَ کان بي نياز ڪري ڇڏيندو. ٽي ڏينهن اڳ سليم ۽ راجوءَ جو ليسن ڪچو هو انهن سان گڏ مون کي بہ ويهڻ لاءِ چيائين انهن کي ليسن پڪو ڪرايائين. مون کان بار بار ليسن ٻڌائين جيڪو روان پڪو هو. مون کي ٻڪ بہ زورن جي لڳي هئي پر سائين اڳيان ڪُڇي بہ نہ ٿي سگهيس، سو چُپ ڪري ويٺو رهيس. پٽيوالو پڇڻ آيو.

”سائين آءٌ ويهان، ڪي وڃان؟“

”نہ نہ تون پلي وڃ. ٻيا ڪلاس، آفيس اسٽاف روم سڀ بند ڪر. هِن ڪلاس جو رڳو تالو کولي وڃ. مان هنن ٻارن کي سبق پڪو ڪرائي ڪلاس بند ڪري نڪران ٿو.“

پٽيوالي جي وڃڻ کان پوءِ ٿوري دير ۾ سائين سليم ۽ راجوءَ کي بہ موڪل ڏئي روانو ڪيو. منهنجو ساهہ لُڪيءَ ۾ ڦاسي پيو هو. سليم ۽ راجو جي

وڃڻ ڪانپوءِ سائين جڏهن ڪلاس جو در بند ڪيو تہ ساهہ بند ٿيڻ لڳم، مغز بک ۾ خوف ڪان چڪرائجڻ ڦرڻ لڳو. مون ڏڪڻ جي ڪئي تہ سائينءَ ڪلهي تي هٿ رکيو. مون کي بابا ۽ امان استاد جي عزت جو هميشہ تاڪيد ڪندا هئا. مون کي آفيسر ٿيڻو هو، مون کي پڙهڻو هو، مان سائينءَ کي ڌڪو ڏيڻ جي همٿ نہ پئي ڪري سگهيس.

”سائين مونکي ڇڏيو تہ مان گهر وڃان، ٻُک لڳي اٿم ڏاڍي.“ سائين مُرڪندي مونکي چُمي ڏيندي ڪٽي ياڪر پريو. سندس ساهن مان اينڌڙ ڏپ تي هنيانءَ ڪچو ٿيڻ لڳو، ويتر خوف ۽ بک ۾ مان روئڻ لڳس. مون کي پڙهڻو هو، پر اُن جي اِها قيمت، نہ نہ هرگز نہ... ڳِتن تي ڏپ گاڏڙ ٽُڪن جي احساس ۾ ساهہ منجهڻ لڳو.

”نہ سائين نہ، مونکي ڇڏيو.“ مون روئڻهار کي انداز ۾ ڀِٽڪيو.

”ٻارڙا ضد نہ ڪر، ڏس پنجن منٽن جو ڪم آ، پو هليا ٿا هلون، هروڀرو وقت نہ وڃاءِ...“ سائين جا جملا مونتي ڇِت جي ڪِرڻ جيان هئا.

”نہ سائين نہ، مان اهڙو ناهيان.“

”اڙي توکي اهڙو ڪير ٿو چئي، تون سُٺو ۽ ڏاهو آهين.“ ائين چئي سائين چمين مٿان چميون ڏيڻ لڳو. سندس مُڇن ۽ ڏاڙهي جا وار سوئن جيان ڳِتن ۾ چڀڻ لڳا، مان زاروقطار روئڻ لڳس.

”اڙي روءِ نہ، ٿورو دل وندرايون ٿا گڏجي. جوان تہ ڪيڏو آن.“ ائينءَ چئي سائين ڪائنچ ۾ هٿ وڌو. منهنجي جسم تي ڪِوليون ڦرڻ لڳيون ڳلن مان رت نڪرڻ واري سُرسُر ٿيڻ لڳي، سائين ياڪر ۾ ڀِڪوڙي هيٺ ڪيرائڻ جي ڪئي تہ، مون ڏٺو سائين صفا نہ مُڙندو، سو اوچتو خيال اچي ويم، مون نماڻو ٿي ڪيس چيو.

”سائين پلي جيئنءَ وڻيوَ تيئن ڪريو پر ٻہ ڪري اچان، صفا بيهي ئي نٿو.“ سائين اجان هٿ ڍرا ئي مس ڪيا تہ مون در ڏانهن لُوءَ ڪئي، ڏڪندي

ڪنڌي ڪولي تہ سائين گار ڏئي مون ڏانھن پڳو پر مان ڪنڌي ڪولي وٺي پڳُس ۽ ڊڪندي ڊڪندي گھر پھچي ساھہ کنيم. ڪتاب بہ ڪلاس ۾ رھجي ويا. گھر پھتس تہ بخار نڪري پيو بہ ڏينھن اسڪول ڪونہ ويس.

سائين جي اُن وحشي پٽي جو سوچيندي ئي ڪِرڀ ٿي آئي. سائينءَ انسانيت جي مُنھن تي ڄڻ تيزاب هاريو ھو. اُستاد جو اُھو دل ڏاڙيندڙ عمل، ڄڻ فطرت جي خلاف وڏو بد سنوَڻ ھو. پيغمبري پيشي تي اُڇلايل ڪو ميزائل ھو. مون آدم کي آدميت مان نڪرندي ڏٺو ھو. جانور ٿيندي ڏٺو ھو. ھڪ اُستاد جو وحشياڻو عمل قابل نفرت ھو. مون کي ڄڻ خود کان نفرت ٿيڻ لڳي ھئي.

گھر اچي وھنتو ھئس ۽ ڳِٽن (ڳلن) کي مِھٽي مِھٽي ڏوتو ھئم. پوءِ بہ ڏپ جو احساس ٿي رھيو ھو. اُستاد جي اُن روپ جي ڪري اُستادن ۽ اسڪول کان شديد نفرت ٿي وئي ھئي. اُن رات روئيندي ڪنن کان ٺونٺ تائين پاڻھن آلي ٿي وئي ھئي. ٻن ڏينھَن کان پوءِ پر واري واھہ تي ويھي ويھي وقت گذاري منجھند مھل گھر موٽيو ھيس. پر اسڪول نہ وڃڻ جو پڪو پھہ ڪري ڇڏيو ھئم. عزت کان وڌيڪ اسڪول نہ آھي. پيو تہ جيڪڏھن بابي سان ڳالھہ ڪريان ھا تہ اُبتو موچڙا لڳن ھا تہ نيڪ نمازي اُستاد تي ٺو بُھتان ھڻين. منجھند جو اونڌي ڪنڌ سمھيو ھئس.

”ڇوري کي ماني ڏيس“ بابي امان کي چيو ھو ايترو ٻڌو ھئم. شام جو اک کُلي تہ تپ ۾ ورتو پيو ھئس. رات جو سوير بہ گرھہ کائي سمھي رھيس، جيئن ڪو سوال نہ ڪري. ڪتاب منھنجو دوست شاھد ڪٽي ٻئي ڏينھن تي ڏئي ويو ھو. پر حرام جو دل ڪتابن کي ھٿ لڳائڻ لاءِ چيو ھو پڙھڻ کان دل ٿھي وئي ھئي. بابا زوريءَ صبح جو دڪان تي وڃڻ کان اڳ اٿاريو.

”ڇورا رات سنجھي کان سمھيو آھين، اجان سستيءَ مان جان نٿي ڇٽہ!؟ اُٺي گڏھہ وانگر پيو آھين، سج چڙھي آيو آ. اسڪول وڃ...“

مان تيار ٿي اسڪول لاءِ ته نڪتس پر پيٽوءَ واريون ڦيريون. رستي تي ڪجهه ڇوڪرن سان ڇِدن راند ڪيڏڻ بيهي رهيس. خبر ئي نه پئي اسڪول جي موڪل ٿي وئي هئي. موڪل مهل سائين به اُن ئي رستي تان اچي گذريو. منهنجي سندس مُنهن تي نظر پئي تي وٺي پِڳُس، ته ڄڻ ڪو بگهڙ هجي ڪو خوني جانور هُجي اُستاد. جنهن جي وات مان ڄڻ ڳِف وهندي هجي، خون سان ڀريل هجيس ڄڻ وات. سائين مونکي ڊوڙندي ڏٺو ته هڪل ڪري بجو ڏيندي چيائين.

”تڪ ٿئي چورا! رُل رُل، تو جهڙا ڪير ڄٽ ئي ٿيندا آهن. پڙهندا ٿورئي آهن.“ مان ڪنڌ هيٺ ڪري گهر آيس. ٻئي ڏينهن تي بابي ڏاڍو ماريو. ”اڙي پڙهه پڙهي ڪو آفيسر ٿيءُ نه ته تون مون وانگر ٻن سودن وارو هٽڙو هلائيندين؟ آفيسر ٿيندين ته ڪرسي ملندئي.“ منهنجو خواب هو ته پڙهان، بابو مري ويو پنج درجا به پورا نه ڪيم. هئه ڙي قسمت.. وري دل ۾ سوچيم، قسمت ته اُستاد ناهيندو آ، منهنجي به قسمت هڪ اُستاد ناهي. مسيحا موت ڏي ته ڇا ڪجي، اُستاد علم بدران جَهل ۾ ٻيڙائي ڏي ته ڇا ڪجي؟ هو اُستاد نه قاتل هو. منهنجي آئندي جو منهنجي خواب جو بابي جي خواب جو. مان اِهو ڪنهن کي ٻڌائي نٿي سگهيس شايد غيرت عزت جي احساس جي ڪري. بابي به نيٺ مون مان هٿ ڪڍي ڇڏيو آخر مارون به ڪيتريون ڏي ها. مان پڙهائي کان صفا پِڙ ڪڍي بيهي رهيس، سو نه وڃي نه ويس اسڪول.
شام ڏاري اقبال به وعدي موجب ميٽنگ مان واندو ٿي اچي گهر نڪتو. سو ماضي جا احوال نِڪتا. اُن بہ اِهو ئي چيو ته:

”يار. تون ڪيڏو هوشيار هئين. نياڳو نه ٿئين ها ته اڄ مون وانگي نئن ۾ هُجين ها.“ اُن جي جواب ۾ مون کان به رهيو نه ٿيو. مون به ڪٿي اقبال کي سچي حقيقت ٻڌائي ڇڏي. اقبال کي ڪو خاص اچرج نه ٿيو نه ئي وري ڪو ڇِرڪيو. الٽو ٿهڪ ڏئي کِلڻ لڳو ۽ چيائين:

”اِها بہ ڪا ڳالھہ آھي، اسان سان سائين منظور الائي ڪيترا پيرا ائين ڪيو. اسان تہ اسڪول نہ ڇڏيو.“ منھنجي پيرن ھيٺان زمين نڪري وئي. اقبال اِن ڳالھہ کي معمولي سمجھي رھيو ھو.

”توکي خراب نٿي لڳو اُھو عمل، ڪٿي ھئي تنھنجي غيرت؟“

”يار غيرت جي اُن عمر ڪھڙي خبر ھئي اسان کي، جڏھن غيرت جي خبر پئي تہ اِن ڳالھہ تي صفا ھِري ويس؟“ اقبال وري ٺھڪ ڏئي کِلڻ لڳو. ” اسڪول ۾ سائين منظور سدائين ائين ڪندو رھيو وري مٿان ھاءِ اسڪول جو ھيڊ ماستر بہ ڪيترن سالن تائين ائين ڪندو رھيو. پڙھڻ ھو ابا سو سَھَڻو پيو. وقت گذري ويو پڙھي پياسين، اڄ آفيسر آھيون، ٺٺ آھن.“ مون کي اقبال کان ڪِرپ اچڻ لڳي، پر پوءِ مون بہ وڌيڪ بحث نہ ڪيو ھر ڪنھن جي پنھنجي زندگي آ سوچ آ. اِھو سوچي اقبال جي ڳالھہ جو وڌيڪ اثر نہ ورتم.

سائين منظور جي ٽپائڻ ڪري، مون اسڪول ڇڏي بابا جي ھٽ تي ويھڻ شروع ڪيو. جڏھن تہ اقبال مئٽرڪ ڪئي تہ اقبال جي پيءُ جي بي شھر بدلي ٿي وئي. پوءِ بہ چار دفعا اقبال اسانجي شھر پنھنجي پيءُ سان ڪنھن شاديءَ وھانءُ تي آيو جنھن کان پوءِ ورھيہ گذري ويا تہ نہ مليو. ورھين ڪانپوءِ اڄ راھہ ويندي مليو ھو. اسين گھر سان گڏ واري اوطاق تي ڪچھري ڪري رھيا ھئاسين تہ منھنجو پُٽ آفتاب چانھہ کڻي آيو، جيڪا مون گھر چئي ھئي. آفتاب چانھہ رکي اقبال سان ھٿ ملايو تہ اقبال کيس ڳِل تي ٺڪي ھنئي ۽ خرچي ۾ پنجن سون جو نوٽ ڪڍي ڏنائينس. ڪجھہ عرصي کان پوءِ اقبال وري مون سان مِلڻ آيو. وڏي اُڪير سان مليو. مون لاءِ سوڪڙون پاڪڙيون ۽ ٻارن لاءِ فروٽ بہ وٺي آيو. حالي احوالي ٿيندي پُڇيائين:

”ڏي خبر دڪان ڪيئنءَ ٿو ھلئي..؟“

”بس ڪهڙو آ دڪان، ننڍڙو دڪان آ سو مڙئي ٺيڪ هلي. اڄ سپڪو پئسي وارو ٿي پيو آ، نوڪرين وارا وڃي شاپنگ مالن مان ٿا سودو سڙهو وٺن... بيماري بڙي ڀار خير سان پنج، زال کي به گلي جي بيماري رهي ٿي. گلي ۾ غدود ڀرجي ويو اٿس. ٽي ڀارڙا اسڪول ٿا وڃن، پورت صفا ڪونهي، پر هلون پيا. ٿورو گهڻو دڪان هلي ٿو يا وري ڪو گڏهه جو ڪرايو لڳيو وڃي، نه ته بس خير آهي. سو پيو ٿو گهر جو گاڏو هلي الله جي آسري. تعليم نه رُلي ها ته ڪا اا آپري سَيري، جهڙي تهڙي، نوڪري پچاڙيءَ پٽيوالي ئي ملي ها. اڄ ته پٽيوالو به مئترڪ پاس ٿو گهرجي.“

”بس يار تنهنجو حال ڏسي ڏاڍو ڏک ٿو ٿيم. آخر ته ننڍپڻ جو دوست آهين. يار مان ڏيانءِ ٿو ڪجهه ڏوڪڙ دڪان ۾ سيڙو وجهه. ڪمائين ته پوءِ موٽائجان، بيو ته آفتاب جي پڙهائيءَ جو خرچ مان ڏيانءِ ٿو پرائيويٽ اسڪول ۾ پڙهائيس. پڙهي پوندو ته سور لهي پوندءِ....“

”نه... نه... اقبال اهو بار نه رکندس، باقي اُڌارا دڪان لاءِ ڏين ٿو ڪافي آ.“

”چڱو ڪجهه ڏينهن هتي آهيان وري ايندس.“ اُٺندي هزار جو نوٽ ڪڍي آفتاب کي ڏنائين ڀار خوش ٿي ويو. مون کي به گهڻو خراب نه لڳو. پلا پئسي وارو ماڻهو آ، ڀار کي خرچي ڏنائين ته ڇا ٿيو. ائينءَ مهيني ڪان اقبال ڀئي ٽئين ڏينهن پيو ايندو هو. گهڙي ساهي ويهي ڪچهري ڪري چانهه پي هليو ويندو هو.

هڪ ڏينهن اوچتو اقبال اويلي ٽائيم تي رات جو آيو. مون کيس اوطاق واري ڪمري ۾ ئي ترسڻ لاءِ چيو. هو به راضي ٿي رهي پيو. ماني ته کائي آيو هو. مون چانهه پڇي، آفتاب کي چانهه ڪڻي اچڻ لاءِ چيو. تيستائين اقبال کيسي ۾ هٿ هٽندي چيو.

”يار منهنجا سگريٽ ختم ٿي ويا آهن، هتان ملي ويندا؟“

”ها ها چو نہ، مان اِجهو ٿو پنهنجي دڪان تان ڪٽي اچان.“ مان دڪان کي بند ڪري آيو هوس، سو گهران دُڪان جون چاٻيون کڻي دڪان تي آيس دڪان کوليم تہ ٻہ چار گراهڪ بيا بہ اچي ويا، تن سودو سڙهو ڏيڻ ۾ ويهہ منٽ لڳي ويا.

دُڪان بند ڪري اوطاق ۾ داخل ٿيس تہ منهنجي اکين اڳيان اوندهہ اچي وئي، اقبال سائين منظور وانگر آفتاب کي ياڪر ۾ ڀري چُميون ڏئي رهيو هو ۽ آفتاب ڪِرڪ وچان روئيندي چئي رهيو هو.

”چڏ چاچا مونکي، چڏ چاچا مونکي.“ ۽ اقبال ڪيس چئي رهيو هو ”ٻارڙا ضد نہ ڪر، ڏس پنجن منٽن جو ڪم آ، ڇڏيانءِ ٿو خرچي بہ ڪوڙ ٿو ڏيانءِ ٿو.“ منهنجو مٿو ڦرڻ لڳو، ڌرتي ڇڻ ڏڏڻ لڳي، هوش حواس ختم ٿي ويا، اقبال جي حرڪت ۽ لفظن تي منهنجو وجود ڪنهن ڌماڪي سان ڇڻ پرزا پرزا ٿي اُڏڻ لڳو......!!!

# بئڪ ٽُو پويلين !

’رڪ رمز دل ۾ راڳل هلندو آءُ.... او رڪ رمز....‘ سهري جو آواز دهل جو ڌڪو راحت جي دل کي عجيب احساس ڏياري رهيو هو. خوف ۽ خوشيءَ گاڏڙ احساس، نئون نڪور احساس دل جي ڌڙڪڻ کي تيز ڪري رهيو هيس. سندس هٿن جي مينديءَ ۽ اُن جي خوشبوءِ ساهن ۾ سمائجي رهي هيس، مينديءَ جو زور ڀاڙهو رنگ اکين ۾ خوشيءَ جي چمڪ پيدا ڪري رهيو هيس ۽ مينديءَ جي خوشبو ساهن کي معطر ڪري رهي هيس، بار بار هٿ نڪ تي رکي سنگهيائين ٿي ۽ دعا جي صورت هٿ جڏهن نڪ تائين ٿي آندائين ته دل مان دعا ٿي نڪتس، ’شڪر الحمد الله‘. هونئن ته ڪٿي اِمداد ڏنل هيس به، پر اڄ نئون ٿي لڳو. اُن ڪري به شايد جو ڪڏهن ويجهڙائي کان ڏٺو ئي ڪونه هئائين. اڄ ان سان شادي ٿي رهي هئس جيڪو سندس دِل وٽان هو. ، هي پرڻو پل پيار جو نه هو، پر راحت جي اندر ۾ سمنڊ جيڏو ڇوليون هڻندڙ پيار اِمداد جي آجيان لاءِ منتظر هو.

منتظر هجي به ڇو نه!؟ راحت پيءُ ماءُ ۽ ڀاءُ کان سواءِ انهن جي پيار جي احساس ۾ تڙپي هڪ ڀيڻ ۽ ڏاڏيءَ سان وقت گذاريو هو. ڏاڏي جيڪا ڪيس شروع کان نه وڻندي هئي، رَت جو رشتو هجڻ ڪري هوءَ ڏاڏايءَ سان وقت ته گهاريندي رهي جو ماءُ پيءُ ۽ ڀاءُ جي مرڻ ڪانپوءِ ڏاڏيءَ ئي کين سنڀاليو هو. راحت کي بدصورت ماڻهو نه وڻندا هئا. خاص ڪري ماتا وارا چهرا. سندس ڏاڏي جَنا جيڪا وصفن ۾ سُهڻي ۽ اخلاق جي من مُهڻي هئي سا پنهنجي چهري تي ماتا جا بدنما داغ ڪٿي زنده هئي ماتا جي وبا ۾ مرڻ کان بچي وئي هئي. راحت جا ٻيا گهر ڀاتي ڀرپاڙي جي ماحول غريباڻي حال ۾ وقت کان اڳ بيمارين جو شِڪار ٿي موت جي مُنهن ۾ هليا ويا هئا ڪيس ۽ سندس ڀيڻ کي هِن دنيا جي دوزخ ۾ اڪيلو اُڇلائي ويا هئا. راحت لاءِ سڀ کان وڏو دوزخ

جھڙوڪر پنھنجي ڏاڏيءَ جو چھرو ھو جنھن کي ڏسي بس دھلجي ويندي ھئي. ننڍپڻ ۾ جڏھن ڪيس ڏاڏي جھوليءَ ۾ کڻندي ھئي تہ راحت ھانءَ ڦاڙ دانھون ڪري روئيندي ھئي، ڏاڏيھنس جڏھن ڪيس چُميءَ لاءِ ويجھو ٿيندي ھئي تہ راحت پنھنجي ٻِتڪڙن ھٿن سان سندس مُنھن پري ڪندي رانياٽ ڪندي ھئي. راحت جڏھن سامائي بہ نہ ھئي تہ سندس ڏاڏي سندس رُخ ۾ نمونو ڏسي سھي ڪري ويندي ھئي تہ راحت ساڻس نفرت ڪري ٿي پر ڪُجي ڪونہ سگھندي ھئي، جو راحت سندس مرحيات پٽ جي نشاني جو ھئي. سامائجڻ کان پوءِ بہ راحت جو ڏاڏيءَ سان ساڳيو روَيو رھيو ايتري قدر جو ڏاڏيءَ جي ھٿ جي ڪا شيءَ نہ وٺندي ھئي نہ وري کائيندي ھئي، نہ ساڻس ويھندي ھئي نہ وري ساڻس ڳالھائيندي ھئي. جنھن تي ماڻھس کيس سمجھائيندي چوندي ھئي.

”امڙ! ھر صورت ۾ سبحان آھي، سو ڪڏھن بہ ڪنھن صورت کان نفرت نہ ڪجي، نفرت جي بيماري ٻين ھڙني مرضن کان وڏي بيماري آھي جيڪا دنيا وڃائي ڇڏيندي آھي. سو امڙ ڏاڏيءَ سان بہ اھڙو واھپو نہ رکندي ڪر. الله کان پئي خير گُھر امڙ.“

راحت کي اُن وقت ماءُ جي ڳالھہ ذرو بہ پلئہ نہ پئي ھئي.

راحت ۾ پيٽس جو سنگ ٿيو تہ راحت سورنھن ورھين جي ۽ سندس پيڻ تيرنھن ورھين جي ھئي. اُن وقت راحت کي وھم ورائي ويو ھو تہ سندس منگيتر الائجي تہ ڪھڙو ھوندو. جو مذاق مذاق ۾ سندس نڻدي پڻس چيو ھيس،

”ٻُڏو اٿم تہ تنھنجو منگيندو ماتا وارو آھي.“

راحت حال فلحال تہ صفا ٻُڏي وئي ھئي ۽ ڪي ٺي ڏينھن روئيندي رھي ھئي ۽ دل ۾ پڪو پھہ ڪيو ھيائين تہ امداد سان پرڻو نہ ڪندي ۽ جيڪڏھن کيس امداد سان پرڻايو ويو تہ ھوءَ زھر کائي پاڻ ماري ڇڏيندي. پوءِ کيس

سهيلين سرتين ٻُڌايو هو تہ سندس مڱيندو اِمداد تہ شهزادو آهي صفا. تڏهن وجي ڪو اندر ۾ ساهہ پيو هيس. لانوَن جي وقت ساڻن جي ڳاڙهي وڳي ۾ راحت پاڻ کي ڪنهن راجڪماريءَ جيان محسوس ڪري رهي هئي، اِمداد نڪاح کان پوءِ ڪيس پنهنجي ڪُل ڪائنات لڳو هو، ڪيس وڏو سهارو محسوس ٿيو هو ورُ بہ تہ مجازي خُدا هوندو آهي سو اِمدادجڻ ڪيس خدا جيان وڏو پرجهلو محسوس ٿيو هو. پوءِ بہ سندس دل ۾ خوف تہ الائي ڪيئن هوندو! الائي مان اِمدادکي وڻنديس بہ الائي نہ ؟ آخري لانوَن کان پوءِ سڀ ڄاڃي ڪکين پنين ٿيا. اِمداد ۽ راحت اڪيلا ٿيا تہ اِمداد پنهنجي ئي لکيل ۽ چيل شعرن سان سندس گهونگهٽ کنيو تہ راحت جو پورو وجود واقعي راحت بڻجي ويو. راحت کي اِها خبر هئي تہ اِمداد ماستر بہ آهي تہ شاعر بہ، پر هو ايڏو پيار ڪندڙ چاهيندر بہ آهي، اِها راحت کي خبر ئي نہ هئي، اُن احساس راحت کي پنهنجي ئي نظرن ۾ معتبر بڻائي ڇڏيو هو. هوءَ آسمان ۾ اُڏامڻ لڳي هئي، جڻ وڇڙيل پريتم جي آغوش ۾ پناهہ ۾ اچي وئي هئي، جنهن جي صدين کان ڪيس ڳولها هئي. راحت گُل جيان ٽِڙي پئي هئي. راحت جون سڀ سهيليون راحت جي خوشيءَ ۽ مُرڪ کي ڏسي حيرت ۽ رشڪ ۾ پئجي ويون هيون، جيڪا اِمداد جي خيالن ۽ تصورن ۾ سندس ڇهري تي تري ٿي آئي. راحت، امداد سان پرڻجي ڏاڍو خوش هئي، هڪ خوشي تہ اِها هيس جو ڪيس پيار ڪندڙ مُڙس مليو هو ٻيو شاديءَ جي چوٿين ڏينهن ڏاڏي ڄَنا بہ گُذاري وئي، جنهن ڪري راحت پنهنجي جيون ۾ اڱڻ ۾ بس خوبصورتيون ئي محسوس ڪندي هئي.

امداد ۽ راحت جو پيار ايڏو تہ گِهرو ٿيندو ويو جو هڪ پل بہ جدائي سندن لاءِ تڪليف جو سبب هئي، اِمداد اڪثر اڪيلائي جي لمحن ۾ شاعريءَ ڪندو رهندو هو ۽ شاعري ۾ راحت جي حُسن جي تعريف ڪندو هو. سندس شاعريءَ جي هر بند ۾ راحت جي حُسن ۽ حياءُ جا اولڙا پيا پسبا

ها. ڪمري ۾ جڏهن اِمداد وينو ڏاڍيان پنهنجي شاعريءَ جا بند ورجائيندو هو تہ اُهي راحت جي ڪنن تي بہ پوندا هئا. جيڪا گهر جي ڪم ۾ رُڌل هوندي هئي. راحت اِمداد جي آواز ۾ شاعريءَ کان علاوه پيار پرين ۾ مزاح وارين ڳالهين تي ساهرين گهر جي ڀاتين جي حياءَ کان وڏا ٺهڪ تہ نہ ڏئي سگهندي هئي، پر پوءِ بہ چپن تي مُسڪراهٽ اچي ويندي هيس. جيڪا سيئي گهر ڀاتي ڏِسي سهي ڪري وٺندا هئا ۽ سندسن محبت پيار تي چڙ رشڪ ڪندا هئا.

ڏينهن گذرندا ويا خيرن سان ڪين نياڻيءَ ۾ هڪ پٽ بہ ڄائو ٻارن جي ڄمڻ سان نہ اِمداد جي محبت گهٽجي نہ وري راحت جي محبت ورهائي پر وڌ کان وڌ ۾ اڳ کان اڳري ٿيندي وئي. سياري جي رات هئي، پنهنجي ڪمري ۾ رکيل ڏيئي جي روشنيءَ ۾ راحت پنهنجو ئي پاڇو ڏسندي پنهنجي شاعر مڙس جي شاعري دِل ئي دِل ۾ ورجائي رهي هئي. ٻارن کي ننڊ وٺي وئي هئي. شاديءَ جي پهرين ڏينهن کان اڄ ڏينهن تائين، معمول مطابق سومهڻيءَ جي نماز تي ويندڙ اِمداد کي هوءَ ايترو تہ تصرف ۾ رکندي هئي جو خيال ۾ تصور ۾ سوچيندي هئي تہ، اِمداد هاڻي نماز پڙهي مسجد مان نڪتو هوندو، گهٽين مان هلندو اچي هاڻي چوواٽي تي رسيو هوندو ۽ هاڻي گهر واري سِڌي گهٽي ورتي هوندائين، او اِجهو! اِهو در کوليائين. هوءِ دِل ۾ اجا ايترو چوندي مس هئي تہ، اِمداد دروازي کان اندر داخل ٿيندو هو. راحت پنهنجي پيار ۽ چاهت ۾ اِمداد جي اچڻ جو وقت ۾ ڪانٽو اهڙو تہ سيٽ ڪري ڇڏيو هو جو رَتيءَ جو بہ فرق نہ پوندو هو. پهريون دفعو راحت جڏهن ائين ڪيو هو ۽ اِمداد کي ٻُڌايو هيائين تہ اِمداد صفا حيران ٿي ويو هو ۽ کيس ڀاڪر ۾ ڀري هڪ ڊگهو ساهہ کنيو هئائين. اِهو ٿڌو ساهہ بين لفظن ۾ خدا جو شڪر ادا ڪرڻ هو. خوشيءَ ۾ اطمينان جو اظهار هو.

هوءَ پهرين دفعي واري اُن حيرت انگيز واقعي جي ياد ڪنديِ اِمداد جي شاعري ورجائي رهي هئي. اُن لمحي هڪڙي عجيب روشن مُرڪ سندس مُنهن تي تري آئي، ڏيئي جي مٺي روشنيءَ وانگر تجلا سندس مُنهن تي ٻہ ٻَڪي رهيا هئا. هو مٺن خيالن ۾ هلي وئي. اُن رات اِمداد جڏهن اڳڻ ۾ راحت کي بيٺل ڏٺو هو تہ حيران ٿي ويو هو ۽ راحت بہ اِمداد کي ڏسي پنهنجي ئي تصور تي حيران ٿي وئي هئي. اِمداد ڪيس ڀاڪر ۾ ڀري زور ڏنو هو ۽ ان پل ٻنهي کان ٽڏو ساهہ نڪري ويو هو.

”تون هتي ڇو بيٺي آن؟“ اِمداد حيرت ۽ خوشيءَ گاڏڙ احساس سان پڇيو تڏهن راحت کان هلڪو ڇرڪ نڪري ويو هوءَ خيالن مان نڪري آئي ۽ شرمائيندي چيائين:

”تنهنجي انتظار ۾ سائين.“ راحت معصوميت سان وراڻيو.

”الا ڪيڏي چري آهين مان ڪو ٻاهرين شهر ويو هيس پنهنجي ئي شهر ۾ هيس.“

”پر توکي خبر آ تہ تون جڏهن بہ گهر کان ٻاهر ويندو آهين تہ مان تصور ۾ توکي ڏسندي آهيان. هر پل توسان گڏ هوندي آهيان، توسان گڏ گڏ هلندي گُهمندي آهيان. هاڻي بہ مون شهر کان تنهنجو تصور ڪيو توسان گڏ گڏ، بلڪل هم قدم تنهنجي پيرن سان پير ملائيندي هلندي آيس ۽ سوچ ۾ توکي آڻي در تي بيهاريم ۽ تون واقعي در تي هئين، سچي سائين!“

ٻنهي هڪ ٻئي کي ائينءَ ڀاڪر پاتو جهڙوڪر ٻنهي مان ڪو هڪ ڄڻو ڪوئي ڪسي ڇني رهيو هجي يا وري سندن آخري ملاقات هجي. ننڍڙو ٽن سالن جو ٿيو تہ راحت وري اميد سان ٿي هئي. سو ڪجهہ ڏينهن کان اِمداد سومهڻي جي نماز کان پوءِ جلدي ئي گهر موٽندو هو. ڏيئي جي روشنيءَ ۾ لکندو بہ هو تہ راحت سان روح رهاڻ بہ ڪندو رهندو هو. اميد واري هُجڻ ڪري اِمداد ڪيس وڏيڪ ٽائيم ڏيندو هو. هو ٻئي ڄڻا نئين ايندڙ ٻار متعلق

ڳالهائيندا هئا. راحت چوندي هئي پُٽ ڄمندو ۽ اِمداد چوندو هو مونکي تو جهڙي ڌيءَ گُهرجي. خير سان راحت جا ڳورهاري هجڻ وارا ڏينهن پورا ٿيا ۽ ڪيس ڌيءَ ڄائي، اِمدادڪي ٻئي نياڻي ڄائي ته خوشي ۾ صفا ماپيو ئي نه پئي. ڌيءَ جي ڄمڻ سان سندن گهر ڄڻ اجا به جنت بڻجي ويو. راحت ۽ امداد ٻچڙن سان ڏاڍو خوش هئا.

ڪجهه وقت ئي نه گذريو ته مُلڪ ۾ اوچتو ماتا جي وبا پکڙجي وئي، شهر ڳوٺ اُن وبائي بيماري جي لپيٽ ۾ اچي ويا. سندن ڇهن مهينن جي نياڻي بختاور کي به ماتا ٿي وئي. راحت ۽ اِمداد جو ته ڄڻ ساهه نِڪري ويو. ڏاڍا پريشان ٿيا پر ڇا ڪن بي وس هئا. ننڍڙي اُبهم سان جيڪو آزار هو سو ته بس راحت ئي پئي محسوس ڪيو. ڪچڙي لڱن تي ماتا جو مرض پوري جسم ئي داڻا داڻا ٿي رهيو هو. معصوم نينگر جو سمورو جسم تتل لوهه وانگر ٿي ٻريو. راحت جون هينيون هيٺ مٿيون مٿي رهجي ويون. اُن حالت ۾ راحت ننڍڙيء کي سيني سان لڳائي ائين ڪڙهندي هئي ڄڻ ته ڪيس ماتا ٿي وئي هُجي. راحت بي وسيءَ وچان ڌيء کي ڏسندي رهندي هئي. هر گهڙي قيامت جهڙي هئي. ماتا لاءِ ڪا خاص دوا ته ڪونه هئي جي هجي ها ته راحت هر قيمت تي خريد ڪري ها، سو رڳو الله جو آسرو هئن، دعائن جو سهارو هئن. هاڻي راحت جي اکين اڳيان اوندهه هئي، گهر ۾ ماتم جهڙو ماحول هو. سڄي ڳوٺ ۾ آهستي آهستي ماتا جو ديو ڪاهي پيو هو جيڪو هڪ نه ٻي فرد کي پنهنجي قبضي ۾ آڻيندو ويو. حالت وڃي اِها بيٺي جو هر ٻئي گهٽيءَ ۾ ڪو نه ڪو اِن وبا جو شڪار هو، ته هر ٽئين گهِٽي مان جنازو ٿي نڪتو. راحت خوف ۾ حواس باخته هئي، درود ۽ صلواتون پڙهندي رهندي هئي، جڏهن ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي هيس ته غشي طاري ٿي ويندي هيس، راحت اٽڪاٽي خوف ۾ ڳري ڪنڊا ٿي وئي هئي، ڪيس گرهه به اندر نه ٿي هليو. پاڻي به جهڙوڪر وِهُه ٿي پئي لڳس. هوءَ بيوس جهُجندي پئي وتي.

اوچتو اِمداد بہ ڪٽ تي بيوس بي حال ٿي ڪِري پيو. نِنڍڙي بختاور جي ناچاقائي سوچ ۽ وهم ۾ صفا بخار ۾ ٻري پيو. اِها خبر تہ وچي چوٿين ڏينهن پئي تہ اِمداد کي وري مليريا جڪڙي ورتو آهي جو اُن زماني ۾ مليريا بہ موت مار بيماري هئي. پوءِ تہ ويتر راحت جي جنت دوزخ جهڙي بڻجي پئي، صفا ساهہ ئي نِڪري ويس. بختاور جي بيماري ڪانپوءِ ڪيس لڳو هو تہ ڄڻ ڪيس اُها وبا وڪوڙي وئي آهي پر امداد جي حالت ڏسڻ ڪانپوءِ سندس اکيون تاريڪ بڻجي پيون ڄڻ تہ ڪيس ڪو وڏو مرض ٿي پيو آهي. اوڙي پاڙي ۾ اڪثر ماڻهن کي ماتا جي مرض ۾ وڪوڙيل ٻُڌي ڪيس ائين محسوس ٿيندو هو ڄڻ ماتا جا داڻا راحت جي اکين ۾ لهي آيا آهن. اُنڪري هوءَ هر هر نلڪي تي وڃي پاڻي جا ڇنڊا پنهنجي اکين تي هڻندي هئي پر جيڪو خوف ۽ عذاب سندس دل ۽ روح ۾ گهر ڪري ويو هو سو پاڻيءَ جي ڇنڊن سان لهڻ جو ڪٿي هو. هُن کي بس خيالن توڙي تصور ۾ رڳو ماتا پئي نظر آئي جنهن صفا ساهہ ئي سُڪائي ڇڏيو هيس.

ٽن ڏينهن کان اوجاڳي، انتظار صوم صلوات ۽ ذڪر جو لک ڪيرائڻ کان پوءِ بہ سڀ ڪجهہ ساڳيو هو ڪجهہ نہ بدليو هو راحت اوجاڳن ۽ بکن کان بي نياز ورد وظيفا ڪري ڪري هر وقت الله الله ڪندي ٿي رهي. سندس چپ خشڪ سڪل، منهن ڪاراٽيل، اُجريل وار ۽ وچڙندڙ لفظ ثابت ڪري رهيا هئا تہ هوءَ ڪيتري تڪليف ۽ پيڙا جو شڪار هئي جو سندس دنيا بدلجي وئي هئي ۽ وهمن جي ڪُن ۾ ڦاسي پئي هئي. اُن ڪُن جي ڦيرن ۾ ۽ اندر جي ڊپايل ريهن ۾ عجيب ڪيفيت ۾ هر پل آسمان ڏانهن نهاري دعائون گهُري رهي هئي، راحت جي اکين جا بند ضبط سان روڪيل هئا، سراپيل وجود سان ٿڙندي ٿاٻڙندي سيني سان لڳل ڏيءُ کي ڪٽي اِمداد جي ڪٽ پرسان اچي ويني، اِمداد ڪيس ڏنو ۽ ڳوڙهن کي روڪيندي زهر جهڙي ڳيت ڏنائين، ڄڻ بي جان اکين سان بيوسيءَ ۽ لاچاريءَ سان ڪيس گهوري رهيو هجي،

سندس گهُور راحت کي ڪوري ڪپي رهي هئي. اکين ۾ ايندڙ ڳوڙهن کي روڪڻ مشڪل هيس، سو اِمداد جي مٿان واري چادر سولي ڪري ٻاهر نڪري آئي.

اڄڻ ۾ چنڊ ساڳيو ئي بيٺو هو نہ بدليو هو اڄڻ ساڳيو ٻير جو وڻ ساڳيو ۽ ساڳي زمين آسمان هو پر هن جو آسمان ٽُٽي ٽنگ ٽنگ تي ڇڄي رهيو هو نئيڙي کي سيني سان لڳائي بيوس ضبط جا بند ٽوڙي وڏائين ۽ وراندي ۾ موڙيءَ تي ويهي رهي. الائي تہ ڪهڙا ڪهڙا خيال ۽ وسوسا ڪيس ڪائي رهيا هئا. ايتري ۾ امداد کيس رڙ ڪري سڏيو، هوءَ بختاور کي اُتي کٽ تي ليٽائي وٺي ڪمري ڏانهن ڀڳي. چادر پري ڪيائين تہ اِمداد جون اڌ کُليل اکيون راحت جي وجود کي ڪُن جي تَري ۾ اُڇلائي ويون جِن کي سندس ڏيرياڻيءَ اچي هٿ رکي بند ڪيو ۽ مُنهن تي ڪپڙو ورائي ڇڏيائين. راحت ڳالھہ سمجهي وئي تہ قصو ختم ٿي ويو. راحت بي وسيءَ وچان دانهون ڪيون پنهنجون چوڙيون ڀڳائين ۽ رانياٽ ڪندي ڪمري کان ٻاهر ڀڳي، ٻاهر اچڻ سان کَٽَ تي پيل پنهنجي بختاور کي ڏٺائين، جيڪا پُرسڪون حالت ۾ مُرڪي رهي هئي، سندس مُنهن تي ماتا جا داڳا پڪل شِڪل ۾ اُڀري پنهنجا نشان ڇڏڻ لاءِ مِڙي رهيا هئا. راحت غور سان ڏٺو تہ بختاور جي مُنهن ۾ کيس ڏاڏي جَنا نظر آئي، هوءَ پار ڪيدي روئڻ بدران جڙ سڪتي ۾ ونجي وئي، جو بختاور ڏاڏي جنا جي روپ ۾ زندھہ رهڻي هئي.



# سرمد عباسي

**عالم ارواح** ۾ ڪٿي تہ مليا هونداسين. جو اڄ ڏٺي، اڄ ملي ئي ايتري قربت ۾ هڪ ٻئي لاءِ مان ڏينهون ڏينهن پيو وڌندو وڃي.. بس، آس آهي تہ سرمد سائين سان هڪ وڏو ڀاڪر پائي ڪيس چوان: ”بابل سائين! اوهان جون لڪٽيون ڇڻ برق(ڪنوڻ) جي سواري ٽيون ڪرائين. پل جهپ ۾ الائي ڪٿان ڪان ڪٿي وڃيو ڇڏين...!؟“

سرمد جي ڪهاڻين جو پهريون جملو قاريءَ کي مٿي اوچائيءَ ڏانهن ڏڪي ٿو وڃي، ۽ پوءِ اوچتو سڌو هيٺ زمين تي سَٽڪي سان ٿو اڇلائي هيٺ ڪِرڻ مهل وڇايل زمين آئينو ٿي ٻڌجي پوي ۽ پڙهندڙ پنهنجو اندر چِٽي نموني انَ ۾ ڏسي ٿو وٺي.

سندس ڪهڙين ڪهاڻين جو ذڪر ڪريان...؟ سڀ اک ٽيٽ ڪري پيون نهارين ۽ آئون انهن کان ڊڄان پيو. سرمد عباسي هڪ نيڪ صورت ۽ منڙو ٻوليندڙ ڪهاڻيڪار آهي.

مولاءِ ڪُل شلَ. پاڻ کان سواءِ ڪنهنجو بہ محتاج نہ ڪريس.

**آخوند عباس**

# شادِي هال

پياري دوست جو وهاڻ هو. بس نيڪ صبح اٺين وڳي نيشنل هائي وي تي لاٿو. سامهون ئي دوست جي ڳوٺَ ڏانهن ويندڙ لنڪ روڊ هو. روڊ جي پاسي کان بيهي چانهه پيئڻ لاءِ پٽي سوچيم جو ڪنن ۾ آواز پيم.

”ماستر! هيڏانهن هليو اچ.“

نهاريم تہ سائين گلزار احمد تي نظر پئي. هو منهنجي ان ئي دوست جو پاءُ هيو. جنهن جي وهاڻ ۾ ويس پئي.ڪيس ڏسي خوشي تہ ٿي پر هن جي طبيعت جو سوچي ڳڻتي ورائي وئي. سائين گلزار احمد تعليم کاتي ۾ ٿِي اِي او هيو ۽ منهنجي نوڪري بہ سندس، مون تي ڪيل ٿورو هئي.هونءَ تہ پلوڙ انسان هيو پر استادن تي ٺوڪَ ۽ چٽر ڪرڻ جي ڏاڍي عادت هيس. جڏهن بہ دوستَ سندس پاءُ اياز سان ملڻ ويندو هيم ۽ هن جي ور چڙهندو هيس تہ ڏاڍي جُٺِ ڪندو هو.ڪيس ڪيترو بہ مطمئن ڪرڻَ جي ڪوشش ڪندو هيس پر هو ڳالهہ کي ويندو هو وڪوڙيندو. وٺُ ئي نہ ڏيندو هو. مان روڊ ٽپي هائي وي جي اولهندي پاسي کان سائينءَ جي اچي ڪرولا وٽ پهتس.

”ماستر دلاور صاحب ڪاڏي تياري آهي؟“ سندس مُکَ تي مرڪَ هئي.

مان ڪيس سلام ڪري، گاڏيءَ ۾ وينس.

”سائين توهان جي شهزادي جي وهاڻ ۾“ مان بہ مرڪندي وراڻيو.

هههه ... سائينءَ ٺهڪ ڏنو ۽ گاڏي اڳتي وڌائي چڏيائين.

”ڪم هيو ڪجهہ ان ڪري سوير پرو نڪري آيو هيس. موٽان پيو جو تو تي نظر پئي. ڏي خبر رات نہ پهتين؟“

سائينءَ گاڏي لنڪ روڊ تي لاهيندي پڇيو.

هونءَ تہ سائينءَ کي ادا ئي ڪونيندو هيم، پر بہ ورهيہ اڳ جڏهن نوڪري وني ڏني هئائين تڏهن کان پاڻَ مرادو سائين چوڻ لڳو هو مانس.

واسطو پنهنجي جاءِ تي هو پر ساڳي ڪاتي ۾ وڏي پوسٽ تي هيو، سو ادا چوڻ صحيح نہ لڳندو هو. هُن بہ ڪڏهن جهليو نہ هو. ان ڪان اڳ جو مان ڪيس وراڻي ڏيان ها، هن ڳالهہ جو پاسو پنهنجي پسند جي موضوع ڏانهن موڙي ڇڏيو.

”موڪل ڪري آيو آهين ماستر يا اجان ساڳيا پير اٿئي...؟“

”سائين موڪل لکي ڏئي آيو آهيان. اڳي بہ ٻڌائي پوءِ موڪل تي ويندو هيم.“ دل تي پٿر رکي مرڪندي چيم.

”چئبو تہ بايو ميٽرڪ سڌاري ڇڏيئي.“ ٺهڪ ڏئي چيائين.

مان مرڪڻ جي ئي حدن ۾ رهيس.

”گهڻا ئي سُڌري ويا.اڳي هوٽلن تي ويٺا هوندا هيا، بايو ميٽرڪ اسڪولن ۾ پهچائي ڇڏين. وڏو فرق آيو آهي.هيلَ بہ ..“

ٺهڪُ ڏئي چيائين.

دل ۾ آيو تہ چئي ڏيانس تہ ”جي سڌارو آيو آهي تہ پوءِ رڙيون چو ٿا ڪيو تہ سنڌُ جي تعليم وجي ٿي تباهہ ٿيندي“ پر چوڻ جي همت ساري نہ سگهيس.

”سائين مان بايو ميٽرڪ نظام ڪان پهريان بہ ڊيوٽي ڪندو هيس، هاڻ بہ ڪيان پيو. بايو ميٽرڪ جي ڪري مون کي ڪا پريشاني ناهي. باقي گسائيندڙن جي توهان کي خبر.“ مان چيو.

هن پهرين ڪان بہ وڏو ٺهڪُ ڏنو. جنهن ۾ توکَ چِٽي محسوس ٿي.

پرَ مان وڌيڪَ ڪجهہ نہ ڳالهايو. سائين بہ شايد وهانءَ جي ڳُٽيءَ ۾ هو سو وڌيڪَ ڪجهہ نہ ڳالهايائين. مان بہ دل ۾ شڪر ادا ڪيا. سائين جي ڳالهين ڪان وڌيڪ، ڳالهائڻ جو نمونو پيڙا ڏيندو هو. هائي وي ڪان ڳوٺ گهڻو پري نہ هو.ستت ئي موڙي ٽپي گاڏي ڪاہي پاسي مڙي تہ شاخَ جي ڪپَ تي هنن جي اوطاق نظر اچڻَ لڳي. جمعي جو ڏينهن هو. اڄ شام نڪاح هو

چنچر تي برادري ۾ آچر تي ٻاهرين ماڻهن جي دعوتَ هئي. نڪاح به ڳوٺَ ۾ ٿي ٿيو هو.

گاڏي جڏهن رستي کان هيٺ گهرن ڏانهن رُخُ رکيو ته مون چيو:

”مونکي هتي ٿي لاهيو ها. اوطاقَ تي ڪمُ ڪار هوندو.“

”اوطاقَ تي مهمانن جي رهڻ جو بندوبست آهي. نڪاح لاءِ هيڏي بندوبست ڪرڻو آهي. تون آيو آهين ته هاڻ اهو بندوبست تنهنجو ذمو.“

سائينءَ جي ڳالهه ٻڌي مون هائوڪار ۾ ڪنڌُ لوڏيو. گاڏي ڪجهه ئي اڳيان گهرن جي سامهون هڪ هنڌ بيهي رهي. مان اڇرج ۾ ونجي ويس.

”تون اندر هلي ڪم ڪار سنڀال، سيٽنگ ڪراءِ. مان اياز کي موڪليان ٿو“.

”نڪاح هتي ٿيندو سائين؟“ مان سائينءَ ڏي چتائي نهاريندي پڇيو.

سائينءَ هڪ پل لاءِ مون ڏانهن نهاريو ۽ ٻي گهڙي، تڪڙ ۾ اکيون ٻي پاسي ڪري ڇڏيائين.

”ٻيو باقي...؟ ٻڌايو جو مانءِ ته اوطاق واندي ناهي. هاڻي لڳ ڪم ڪار سان، ايازَ کي به چوان ٿو...“

سائينءَ جي وراڻي ٻڌي، گاڏيءَ مان لٿس ۽ گهرن جي سامهون ان عمارتَ جي اڱڻ ۾ هليو آيس، جنهن ڏانهن سائينءَ اشارو ڪيو هو. ڳوٺَ جا ڪيترائي ماڻهو ڪم ڪارَ ۾ لڳا پيا هئا. ڳوٺَ جي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول عرف شادي هال ۾ تعليمي عمل معطل ۽ ٽي اِي او صاحب جي پاءُ جي وهانءَ جي دعوتَ جا انتظام اوجَ تي هئا.

# سبق پڙهيون

گهر ۾ ڪريم بخش  لاءِ  امن نہ هو. ڇِهڪ ڇِهڪ صبح سوير هن جي اٺڻ سان ئي شروع ٿي وئي هئي. جوڙس ۽ ٻہ پٽ، هن کي رٽائرمنٽ کان پوءِ مليل ڳري رقم ۾ اڪيون ڪپايون ويٺا هئا. ان رقم جي طلب، رشتن کي پاسيرو ڪري، اڪيون نرڙ تي رکڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو هئن. نيٺ يڪي ويڙهاند کان پوءِ هن تواڻيءَ ۾ آخري جملا چيا ۽ گهران نڪري آيو.

”پئسا منهنجا آهن، ڪاڏي بہ ڪيان تنهن ۾ اوهان جو ڇا؟ جيڪو ڪرڻو اٿو ڪيو، مون کي پرواهہ ڪانهي...“

سندس جملن سان لوپ جي باھ جهڪي ٿيڻ بدران مچي، مچ ٿي وئي. پوءِ هو ترسيو ڪون گهران نڪري آيو. سندس رخ پرائمري اسڪول ڏانهن هو ٻہ ٽي ڏينهن پهريان هن کي خبر پئي هئي تہ اسڪول ۾ نئين پرتي تي آيل استاد جي پوسٽنگ ٿي آهي، سو ان کان حال احوال وٺڻ جو خيال ڪري اسڪول ڏانهن منهن ڪيائين. هونءَ  بہ رٽائرمينٽ کان پوءِ هو ڪڏهن ڪڏهن استادن سان ڪچهري ڪرڻ ويندو هو. اسڪول پهچڻ تائين پٽن جا پاراتا پاڙي وارن سان گڏ هو پاڻ بہ ٻڌندو رهيو پر اسڪول وڃڻ جو ارادو رد نہ ڪيائين. اسڪول جو گيٽ ٽپيو تہ روز جيان استادن کي اڱڻ ۾ نم جي وڻ هينان ڪچهريءَ  ۾ رڌل ڏٺائين. ان وقت صبح جا ڏھ ڪن ٿيا هئا. اڄ نئين استاد جو واڌارو هو. نئين استاد سوڌو ٽئي استاد ڪرسين تي ويٺا هئا. جڏهن تہ شاگردن مان ڪي ٻار ڪلاسن ۾ تہ ڪي وري اڱڻ ۾ ڌمچر مچايون ڪڏي رهيا هئا. استاد انهن کان ڪن لاٽار ڪيون ڪچهري ۾ مست هئا. نئون استاد چڱي گهراڻي جو پئي لڳو. ڪاٽن جو جوڙو پالش ٿيل چمڪدار بوٽ ۽ سليقي سان ڦٽي ڏنل وار ڪيس وٽندڙ شخصيت ٻڌائي رهيا هئا. سندس هٿ ۾ اخبار هئي. توڙي جو اڃان رسيس جو وقت نہ هو پر استاد ڪلاس کان

ٻاهر خبرن تي تبصرا ڪري رهيا هئا. هو اڃان سندن ويجهو مس پهتو ته پويان هن جو پٽ حق نواز گف وهائيندو اچي پهتو.

”بابا اڄ ڪو فيصلو ڪندي يا نه؟“ حق نواز وڏي رڙ ڪندي پڇيو.

هن سان گڏ استادن ڪان به ڇرڪ نڪري ويو. نرڙ تي گهنج وڌي ويس.

”گهر هل نياڻا، اڃان ٿو ته ڳالهايون ٿا. به تي منٽ استادن سان ويهڻ ڏي.“

هن ڪوشش ڪئي ته نرميءَ ڪان ڪم وٺي پر ڳالهائڻ ۾ تئو وري به اچي ويس.

”چڱو ٿيو جو هتي آئين ، استاد اوهان ئي فيصلو ڪيو ته هن عمر ۾ رٽائرمنٽ جا پئسا ڪاڏي ڪندو. ڪهڙي آس اڌوري اٿس جا لکين رپين سان پوري ڪندو. توهان ئي سمجهايوس ته ان مان پتي اسان اولاد کي به ڏي ته پنهنجو ڪو بلو ڪريون.“

پٽهنس استادن ڏانهن منهن ڪندي جڻ فرياد ڪيو. استاد ڪرسين تان اٿي، هنن ڏانهن نهارڻ لڳا. ماحول ڪان اڻ واقف نئون استاد وائڙو ٿي ويو.

”تون ميلائي ڪهڙو بلو ڪندي پنهنجو. نڳ تون وڃي لٽائيندي ميلن ۾ ناچڻين ۽ نشي پتي تي ٻيو ڇا ڪندي؟“

هن گرم ٿيندي وراڻيس.

”تون وري ڪهڙو سڄي زندگي سجدا ڪندي گذاري آ؟ تنهنجا شوق ڏسيان ڇا استادن کي؟“ پٽهنس بي حيائيءَ سان چيو.

هن کي لڳو ته جڻ اپ مٿس اچي ڪريو هجي، ڏسڻ ۾ پنڊ پهڻ ٿي ويو پر اندر ۾ آنڌمانڌ مچي ويس. لڳس ته اجهو ٿو ڪران. نئين استاد اچي سنڀاليس. پٽهنس حق نواز جڻ ته اڄ پيءُ تي هٿ به کڻي ها پر ٻيا استاد کيس سمجهائيندا اسڪول ڪان ٻاهر گهلي ويا. هو سخت صدمي ۾ وڃي ويو. کيس پٽ مان اها اميد نه هئي ته ڪو ايئن سامهون ٿيندو. نئين استاد کيس ڪرسيءَ تي ويهاريو. سندن وچ ۾ ماٺ هئي. هو ڪنڌ هيٺ ڪيون ويٺو

رهيو. جڏهن ته نئون استاد ڪجھ گهڙيون ڏانهنس منتظر نظرن سان ڏسندو رهيو پوءِ وري اخبار سنڀاري ورتائين.هن ڪنڌ ڪٽي چوڦير نهاريو. ٻارن جي پاڻ ۾ وٺ وٺان لڳي پئي هئي. ڪي پاڻ ۾ وڙهي رهيا هئا ته ڪي راند ڪيڏڻ ۾ لڳا پيا هئا. بينچون ۽ ٻيو سامان ڏوڙ لڳو پيو هو.ٻارن جا ڪتاب ڪاپيون هيٺ مٿي وکريا پيا هئا. اسڪول جڻ ته ڀوت بنگلو لڳو پيو هو. هن جون نظرون ڦري اچي نئين استاد ۾ کتيون.

”استاد...!“ هن جهيڻي آواز ۾ پڇيو.

نئون استاد اخبار مان منهن ڪڍي ڏانهنس نهارڻ لڳو.

”مان به استاد هيس. سال کن ٿيندو جو رٽائرڊ ٿيو آهيان.“ هن. چيو.

”اڇا... !!!“ نئين استاد سخت اچرج مان وراڻيو.

”ٻتيهه ورهيه سروس ڪيم پر چڱيءَ طرح ياد آهي ته انهن ٻتيهه ورهين ۾ شايد سال کن مس پڙهايو هوندم. ڊيوٽي چور هيس ،سڄو وقت گهمندي ڦرندي، اخبارون پڙهندي ۽ ڪچهريون ڪندي گذاريو اٿم.“

هن ڪجھ گهڙيون ساهه پٽيوءِ وري چوڻ شروع ڪيو.

” ٻين جي ٻارڙن جو احساس نه ڪيم. سو نتيجو سامهون آيو اٿم ته منهنجا پنهنجا ٻار سڌرڻ کان رهجي ويا. هڪ ميلائي ٿي ويو ته ٻيو وري جواري ۽ ڦڏائي. انهن جون ڇتيون پريندي پريندي سڪون سان جيئڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. ڪوپل چين جو اطمينان جو ناهي گذريو.“

هن جي اکين ۾لڙڪ تري آيا.

نئون استاد الف جيان سڌو ٿي ويهي رهيو.

”ضمير سان جنگ ۾ نقصان هميشه اسان جوئي ٿيندو آهي پر خبر ڏاڍي دير سان پوندي آهي .مون جيڪو پوکيو هو سوئي لڻيو اٿم.“ هن انتهائي افسوس سان چيوءِ وڃڻ لاءِ اٿيو.

”سائين ڪجھ چانهن پاڻي؟“ استاد ڪيس رسمي صلاح ڪئي.

”مان هلان ٿو. هونءَ بہ رسيس ۾ اجان اڌ ڪلاڪ پيو آهي.“

هن نئين استاد کي ڪجھ اهڙي نموني چيو ڄڻ ڪي سال پهرين ڪنهن شاگرد کي سبق سمجهايو هجائين.

هو ڪجھ دير نئين استاد ڏانهن نهاريندو رهيو پوءِ جهيٽيون وکون کڻندو اسڪول جي گيٽ ڏانهن وڌي ويو. گيٽ وٽ پهچي هن ڪنڌ ورائي نم واري پاسي ڏانهن نهاريو. ڪرسيءَ تي اخبار رهجي وئي هئي. استاد شاگردن سوڌو ڪلاس ۾ وڃي چڪو هو. نئين استاد، پراڻي استاد جو ڏنل ”سبق پهريون“ ياد ڪري ڇڏيو هو.

# روزو

نياڻيءَ جي وهي ڇهه ست ورهيه ڪن هئي. هٿن ۾ ميرانجهڙي ڪپڙي سان ڍڪيل ٿانوَ ۾ روزيدارن لاءِ آندل ماني ڪٽي، هيسيلَ نِهارَ سان مولوي محمد حسن جي آڏو بيٺلَ هئي. هن جا ڪپڙا ميرا ۽ گهنجَ پيل هئا.پوتيءَ ڪان آجي مٿي تي اٽيا وارَ ڪيترن ڏينهن ڪان تيلَ ڦُليلَ لاءِ سِڪندي محسوس ٿيا.ڏوڙ هاڻا پيرَ,جُتيءَ جي اَڻ هُوند جو اعلان ڪري رهيا هئا.

”سائين ماني...!“ هِنَ مُنجهيل آوازَ ۾ مولوي محمد حسن کي چيو.

روزي کُلڻَ( افطاريءَ) ۾ اجان اَڌُ ڪلاڪ هيو. مسجد ۾ روزيدارن لاءِ دسترخوان وِڇائجي چڪو هو. مسجد جي ويڪري اڱڻَ جي هڪَ ڪندَ ۾ لڳل نلڪي تي پاڙي جا ننڍڙا وڏا ٻارَ ڪولرَ ۾ پاڻي پيري,خيرَ ۾ آيل برفَ سان ٿڌو ڪري رهيا هئا. مولوي محمد حسن پاڻَ وراندي جي ٿُلَ وٽ مٿي کي آلي وڏي رومالَ سان ويڙهي, پاڙي مان آيل ماني جدا جدا ٿانوِن ۾ وندي رهيو هو. ٻي ٽي ڏينهن ٿيندا جو هُو ڪنهن چاڻَ سُجاڻَ واري جي معرفت الله جي هن گهرَ ۾ پيش امام ٿي آيو هو.

اڄُ ته گرميءَ ڪانوَ جي اکِ پٽي ڪڍي. تائِي ۾ پوسٽَ ڪارڊ ساهُ پٽي ويو. نِڙيون ٽر ٿي چڪيون هيون.

”اَمان تون ڪنهن جي ڌِيءُ آهين...؟ “ مولوي محمد حسن نياڻيءَ کان پڇيو.

”رَشوءَ جي سائين...“ هن جواب ڏنو.

”ڪنهن جي....؟؟؟“ مولوي محمد حسن جي سمجهه ۾ هن جو جواب نه ماپيو.

”سائين هيءَ رشيد جي ڌيءُ آهي, ڪنول...! پَرين گهٽيءَ ۾ ڪندَ تي لوڙهي وارو گهر هنن جوئي آهي.“

مولوي محمد حسن لاءِ ماني ڪٽي پُهتل جَماعتي اظهارَ وچَ ۾ ڳالهائيندي چيو.

”اچا!!!“ مولوي محمد حسن وراڻيو.

”هي توهان جي لاءِ آهي سائين.“

اظهار ساڻُ آندل هڪُ ڊِيشُ ورانديءَ ۾ ٿُلَ جي پاسي ۾ رکندي چيو ۽ بي هٿَ ۾ جهليل ٿانو مولوي محمد حسن ڏي وڌايائين.

”گرمي ڪيئن آهي ادا؟“ مولوي محمد حسن،اظهارَ کان ٿانو وٺندي چيو.

”توبهہ زاري آهي سائين! پارو لڳي ٿو پنجاهَ کي وڃي رَسيو آهي. اهڙي باهِ سِجَ ۾ روزو رکڻُ بہ جهاد سمجهو“

اظهارَ اشهدُ آڱر نَڪَ تي گسائيندي وراڻيو.

”جيتري سَرسُ تڪليف، اوترو سرس اَجر... روزو تہ نانءُ ئي سَهپَ ۽ شُڪرَ جو آهي.“

مولوي محمد حسن جي سُڪلَ زمينَ جهڙن چپن تي بہ مُرڪَ ڦُٽي آئي.

”بيشڪ سائين...سُبحانَ الله...“ اظهارَ عقيدتَ وِچان چيو.

اظهارَ جا ٿانوَ واندا ڪري مولوي محمد حسن ڪنول ڏانهن نهاريو.

ڪنول انهيءَ مهل جڻُ تہ ڪانئن اڻ ڄاڻ، ٿانوِن ۾ وندليَ ڪاڏي ڏانهن نهاري رهي هئي. سندس نهارَ ۾ جيءُ جهوريندڙ حسرتَ هئي.

”امان ڏي تہ توکي بہ ٿانوَ واندا ڪري ڏيان. يڪو بيٺي آهين.“

مولوي محمد حسن ڪانئس ٿانوَ وٺندي چيو.

ڪنول نماڻائيءَ سان ڪيس ٿانوَ ڏنا ۽ سندس ڏيان ٻيهر روزيدارن لاءِ آيل ڪاڏي ڏانهن ٿي ويو. مولوي محمد حسن هن جي ڏنل ٿانوِن تان ڪپڙو لاٿو ۽ ٻي گهڙي هنَ پاڻَ کي پنڊُپهڻُ ٿيندي پاتئيو.ڪيس پنهنجي اَکين تي يقين نہ ٿي آيو. پِنڊيءَ ۾ بہ اَڻُ مَکيَلَ مانيون ۽ پلاسٽڪ جِي پليٽ ۾ ذري گهٽ ڪارو ٿي ويل رَحو(رسُ/ شوربو) هيو. اُنَ ۾ نہ ٻوٽي هئي، نہ ئي وري ڪو پٽاٽو. رڳو

ٻجَ نموني جي ڪا شئي منجهس تَري رهي هئي. شايد اهو ڪنهن سادي مِرچن ۾ ڳڙهيلُ پاٽيءَ جو رَحو هو. مولوي محمد حسن جي نِهارَ ڄڻُ تہ ايلفيءَ سان اُنَ ڪاڏي تي چَهٽي وئي هجي. هنَ جي اندرَ ۾ دردَ جي هڪَ لهرَ اُٿي.

”يا الله سائين...!!!“ هنَ جي واتَ مان پاڻَ مُرادو نڪتو.

هنَ سامهون نهاريو. ٿانوڻِ ۾ گوشت، سايون ڀاڄيون ۽ ميوا پيلَ هئا. جيڪي پاڙي وارن موڪليا هيا ۽ اُنَ ساڳئي پاڙي جي هيءَ نياڻي ڪنول... جنهن جي گهرَ ۾ هيءَ حالتَ هئي. مولوي محمد حسن جي اکين ۾ نيرَ ڀرِجي آيا. هن مسجد جي اڱڻَ ڏانهن نهاريو.اکين ۾ آيل نيرنِ جي اوٽَ مان بہ هِنَ چڱيءَ ريت سجاتو تہ دسترخوان آڏو نَهي سنبري وينلن مان ڪيترائي اُهي هئا جن جي گهرن مان روزيدارن لاءِ ڪاڏو آيو هو ۽ ٻيا گهڻا اهڙا بہ هئا جيڪي مَڃي مانيءَ وارا هُئا.پرَ پوءِ بہ روزو کولڻَ لاءِ مسجد ۾ آيا هئا. مولوي محمد حسن ڪنول ڏانهن نهاريو. هن جي اَکين ۾ لاچيتو حسرتَ هئي.جنهن جو نہ مُنڍُ هو نہ ئي شايد ڪو اَنتُ. مولوي محمد حسن، ٿَلَ جي پاسي ۾ رکيل، پنهنجي لاءِ آيل ڊيش کنيو ۽ انَ تان ڪپڙو ڪنيائين. ڪُڪڙ جو ڀوڙُ چار مانيون، چانورَ تريلَ پٽاٽا ۽ بہ انبَ هيا. مولوي محمد حسنَ کي قلبَ ۾ قرارُ لهندي محسوس ٿيو. ڪنول جا آندل ٿانوَ واندا ڪري هَنَ ڊيش بہ کنيو.

”امان ڪنول... هي تنهنجا ٿانوَ بابلا... پيو مسجد جي طرفان خيرَ جو گِره بہ اَٿئي... اهي ٿانوَ پراوا آهن سو سُتتِ واندا ڪري ڏئي ويجان ۽ صبح جو قرآن پاڪَ جو سبقُ وٺڻَ بہ ايندي ڪر.“

مولوي محمد حسن ڏاڍي ٻاپوهہ منجهان چيو.

ڪنول اچرجَ مان مولوي محمد حسن ڏانهن نهاريو. کي گهڙيون گذري ويون نيتِ سندس ڦڪيون ٿي ويلَ اَکين ۾ ڪا لاٽَ ٻري پئي. هِنَ ڪنبڊڙ

هٿن سان سپُ ٿانوَ ورتا ۽ هوريان هوريان وکون کڻندي مسجد جي مُک درَ ڏانهن وڌي وئي.

مولوي محمد حسن،ڪنول جو آندل کاڌو سوري پنهنجي آڏو ڪيو. اُنَ سان گڏُ ئي مسجد جي مؤذن "الله اڪبر" جِي صدا بُلند ڪئي. مولوي محمد حسن اکيون ٻوٽي مُنهن آسمان ڏانهن ڪري چڏيو. ايترو سڪونَ وارو روزو هيڏي ساري حياتيءَ ۾ پهريون ڀيرو نصيب ٿيو هيس.

# نہ رهندي تون، نہ رهندس مان!

پڦيءَ جي قبرَ تي نظرَ پوندي ئي چپن تي هلڪي مرڪَ تَري آئي. سجَ اولهہ ۾ الوپ ٿيڻ واري پئي ڪئي. سوجهري جڻُ تہ آخري پَساهَ پئي کنيا. قبرستان ۾ آکيرن ڏانهن موٽي ايندڙ پکين جو گوڙُ حياتيءَ جو احساس ڏياري رهيو هو.

منهنجي پويان ئي ايندڙ قبرستان جي پيرسن مجاور جي هٿن ۾ تارچ بہ هئي.

منهنجن چپن تي آيل مرڪَ جو ڪارڻ نہ ئي ٿَنولَ هئي نہ ئي وري ڪنهن بہ قسم جي سوچَ جو ڪو احساس بس سامهون جيڪو منظر ڏٺم، اُنَ ڪري پنهنجي ڪيفيت سنڀاري نہ سگهيس.

”شاهہ صاحب مان بہ ٿي منٽَ ترسندس.“

مون پڦيءَ جي قبر جي پيراندي وٽ ويهندي چيو.

”ٿورو تڪڙ ڪجان ابا... هيءَ مهلَ نانگَ بلائن جي نڪرڻ جي آهي.“

مجاور سائين اختيار علي شاهہ چيو ۽ منهنجي جهلڻ ڪان پوءِ بہ تارچ اتي ڇڏي قبرستان کان ٻاهر نڪري ويو.

مان پيراندي وٽ ئي هڪ ڪجهہ صاف جاءِ تي اوڪڙون ويهي رهيس. پرسان ئي ٻچيل تازو گارو ڪجهہ ڪچيون سِرون ۽ مٽيءَ جو ڍيرُ تازي ٿيلَ تدفينَ جو احوال ڏئي رهيا هئا. اگربتين جي تيز سڳنڌ ۾ اُٺندڙ دُونهين ماحولَ کي هڪَ اداس ڪري ڇڏيندڙ چتر جو ڏيکُ پئي ڏنو. اڄُ صبح ئي پڦيءَ جي گذاري وڃڻ جو اطلاع آفيس پٽاٿ صديق ڏنو هو. ساڍَس ڳالهائي بس ئي ڪئي هيم جو اديءَ جي نمبر تان امان جي ڪال بہ اچي وئي هيم.

”ابا نڪتو آهين...“ امان جو روئڻهارڪو آواز ٻڌم.

”امان... توهان وڃو... مان ڪون ٿو اچان...“

مان الائي ڪيئن اهو جملو چئي سگهيس. نہ چاهيندي بہ.

”ائين نہ چئہ سارنگ، تنهنجي پڻي آهي ابا...“

امان اهو چئي روئي ڏنو. اوڇنگارون ڏئي، ٻارن جيان منهنجي اکين ۾ بہ نيرَ پرجي آيا. پوءِ وڏيڪ نہ امان ڳالهايو نہ ئي مان.

بس پوءِ اديءَ ڳالهايو: ”سارنگ ڪجھ شرم ڪر...“

۽ فون بند ٿي وئي.

مان ڪيترين ئي گهڙين سوچن جي ٻوڏ ۾ ترندو، لُڙهندو رهيس. پنهنجي هٺُ کي دليل ڏئي سوپارو ڪرڻ لاءِ جڪَ ڪائيندو رهيس پرَ نيٺ مان هارائي ويس. منهنجي هوڏ، امان جي سڏڪن آڏو سِرُ نِوائي ڇڏيو. آفيس کان موڪل وٺي نڪري پيس. ڪراچيءَ کان ڳوٺ پُڄندي پڄندي دير ٿي وئي. ڳوٺان خبر پئي تہ تدفينَ ٿي چڪي آهي سو مان تڏي تي وڃڻ بدران سڌو قبرستان هليو آيو هيس. هاڻ پڻيءَ جي قبرَ منهنجي آڏو هئي.

پڻي سموري حياتي،منهنجي پيءُ(پنهنجي ڀاءُ) سان ڪا نہ نهي هئي. مسئلو وڏن جي ڇڏيل ملڪيتَ تي ڪيو هئائين. بابا ڪيس سندس حصو پوري ايمانداري سان ڏنو هو پرَ پوءِ بہ گهرَ تان قَڌو رکيو پئي آئِي. سندن ۽ اسان جي گهرَ جي ڀتِ، ڀتِ سان گڏيلَ هئي. پاڙيسري هياسي. وڏن جي ڇڏيلَ ملڪيت مان سندس حصي آڏار، بابا ڪيس ٻني ۽ چڱي ڀلي روڪَ رقمَ ڏني هئي. منهنجو پڦڙ چاچو غلام حسين بہ ان ونڊَ سان سهمت هو پرَ الائجي ڪنهن جي چوڻَ ۾ اچي پڻي بابا تي اچي ڪاوڙي ۽ بابا تي حصو کائڻَ جا الزامَ هڻڻ شروع ڪيائين. سڀني مٽن مائٽن ڪيس گهڻو ئي سمجهايو هيو پرَ پڻيءَ ڪنهن کي وٽُ ئي نہ پئي ڏنو. بابا سمورا ڪاڳر پٽَ ڪڍي،ڪيترا ئي پيرا وٺس لنگهي ويو پرَ پڻيءَ جي ساڳي هوڏ تہ اهو گهر بہ منهنجي حصي جو آهي سو خالي ڪر. بابا ڀيريان تہ ڪيس پيارَ سان سمجهائيندو رهيو نيٺ

هڪ ڏينهن ڪاوڙجي ڪيس ست سريون ٻڌائي موٽي آيو. ان ڏينهن بابا ڏاڍو رُنو هو. بابا کي بس اها هڪَ پيڙَ ئي هئي. ٻيو ڪو ياءُ پيڙ نہ هو.

"سارنگَ جي ماءُ ڏينهن قيام جي تون شاهدي ڏجان تہ مان پنهنجي پيڙ کي ان جي حصي کان بہ وڌيڪ ڏنو آهي. هڪ روپيو بہ ڪو نہ کاڌو اٿم."

مان ۽ منهنجي پيڙ ثمرين تڏهن اجان ننڍا هئاسين. اسان کي پلي ۽ ريت خبر هئي تہ اسان جو پيءُ هڪ سنو انسان آهي ۽ هُو پنهنجن جو تہ ڇا پراون جو بہ حق ناهي کائيندو. پڇيءَ کي اها ڳالھ ڪير سمجھائي.؟ اسان سڀ پاڻ ۾ گھٽو تہ نہ پر ڪنهن نہ ڪنهن حدَ تائين واسطو رکندا آياسين پرَ پڇي بابا جي شڪل بہ ڏسڻ پسند ڪو نہ ڪندي هئي. حدَ تہ انَ مهلَ ڪري ڇڏيائين جو هڪ ڏينهن پنهنجو گھر ڪرائي تي ڏئي، ڪنهن ٻي پاڙي لڏي وئي تہ "مان اهڙي ياءُ جي پاڙي ۾ بہ نہ رهندس، جنهن منهنجي حصي تي ڏاڙو هنيو هجي." بابا کي ڏاڍو ڏک ٿيو هو.

"مان پنهنجي سموري ملڪيت ڏئي ڇڏيانس.پرَ مون کي بہ اولاد آهي. انهن جو بہ مون تي حق آهي.پنهنجي پيڙ جي ڪري مان پنهنجي اولاد کي دربدر نہ ڪندس." بابا چيو هو.

وقت گذرندو ويو. ادي ثمرين پرڻجي وئي ۽ مون کي بہ ڪراچيءَ ۾ سٺي نوڪري ملي وئي. اهي بارَ لاهي هڪ رات بابا امان کي ملڪيت جا ڪاڳر ڏيکاريا. سڀ ڪجھ سمجھايائينس ۽ ٻي صبحَ جو خبرَ پئي تہ بابا هاڻ ڪڏهن بہ نہ جاڳندو. بابا گذاري ويو هو. اسان جي گھرَ لاءِ اهي قيامتَ جون گھڙيون هيون. اسان جا جيءَ جُهرِي پيا هئا. پڇي ان موقعي تي بہ ڪو نہ آئي. سندس ٻيا گھرَ ڀاتي آيا پر پاڻ بابا جو مُنهن ڏسڻَ بہ ڪو نہ آئي. اسان جو ڏُک ٻيڻو ٿي ويو هو پرَ ڇا پئي ڪري سگھياسين. جنهن جِيئري قدر نہ ڪيو انَ مان مُئي پڇاڻان اميد رکڻ اجائي ڳالھ هئي.

مجاور سائين اختيار علي شاھ جي ٻيھر اچڻ تي مون کي احساس ٿيو تہ گھڻي دير ٿي چڪي ھئي. قبرستان، رات جي ڀاڪر ۾ ڀرجي ويو ھو. پکين جي لات،ماٺ جي روپ ۾ ننڊ ڪڙي ٿي رھي ھئي.

”ابا اڃان ويھندي؟“ مجاور پڇيو.

”نہ سائين دعا گھرو تہ ھلون ٿا“ مون اٿي بيھندي وراڻيو.

”ٻاھر موٽرسائيڪل واري کي بيھاريو اٿم. توکي ڳوٺ پھچائي ايندو.“ مجاور چيو.

مون ھاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ دعا لاءِ ھٿ کنيا. دعا گھري مون تارچ کڻي مجاور کي ڏني ۽ اسان ٻاھر طرف ھلڻ لڳاسين.

”مان قبرستانَ ۾ ٻارھين ھڪ تائين ويھندو آھيان. اڄ ڪجھ وڌيڪ ويھندس تازي قبر آھي، متان ڪو جانور نہ پٽڻ جي ڪري..“

مجاور ھلندي ھلندي چوڻ لڳو.

مان چپ رھيس. مجاور بيھي رھيو ۽ پنھنجي تارچ ڀڦيءَ جي قبر ڏانھن ڪيائين.

”وڻ جي ھيٺان سني جاءِ نصيب ٿي آھي مرڻ واريءَ کي. مان بہ پيرسن ٿي ويو آھيان ابا، ٿورو ٻڌائجان اھا ڀڪَ ۾ ڪنھن جي قبرَ اٿس. ذھنَ تان لھي ويو اٿم.“

مان مُڙي ڀڦيءَ جي قبرَ ڏانھن نھاريو ۽ منھنجي چپن تي مُرڪَ تَرِي آئي. سائين منھنجي پيءُ يعني پنھنجي ڀاءُ جي ڀاڙي ۾ جاءِ ملي اٿس.



# ياسمين چانڊيو

منهنجو نالو **ياسمين چانڊيو** آهي. مان لاڙڪاڻي جي علائقي لاهوري محلا ۾ هڪ نهايت ئي غريب گهراڻي ۾ پيدا ٿيس . مون کي شروع کان پڙهائي سان ڏاڍو چاهه هيو جڏهن ٽيئن ڪلاس ۾ پهتس ته مونکي سنڌي ۽ اردو پڙهڻ تي عبور حاصل ڪري ورتو هو. ڪلاس ۾ سڀني ٻارن کان وڌيڪ هوشيار هوندي هئس. منهنجو وڏو ادا ارباب چانڊيو پڻ پڙهائيءَ ۾ هوشيار هوندو هو ۽ منهنجي هر قدم تي رهنمائي ڪندو هو. هو اڪثر ٻين ڪمن جهڙوڪ سياست، سماج ۾ نابرابري، غربت وغيره ۾ مصروف هوندو هو.

انهن ئي ڏينهن ۾ ادا مونکي لينن جو هڪ ڪتاب **”اسان غريب ڇو آهيون؟“** پڙهڻ لاءِ ڏنو جيڪو مونکي ان وقت ڪجهه ڪجهه سمجهه ۾ آيو. ۽ ان ڪتاب پڙهڻ سان منهنجي سماج ۾ اڻبرابري واري سوچ ۾ اضافو ٿيو. تڏهن ضياء جي حڪومت هئي، ۽ ادا ارباب تن ڏينهن ۾ ڪميونسٽ پارٽي جو حصو هو. پوءِ ڪجهه عرصي کان پوءِ اسان قمبر شهر ۾ لڏي آيا سون. قمبر ۾ ادا ارباب عوامي تحريڪ رسول بخش پليجي صاحب جي پارٽي ۾ شامل ٿيو ۽ مان ڪلاس فور پاس ڪري چڪي هئس ۽ گڏوگڏ ڪتابن جو مطالعو به ڪندي هئس. مونکي جنون جي حد تائين ڪتاب پڙهڻ جو شوق هو. ان دوران امرجليل جون ڪافي ڪهاڻيون، نجم عباسي جون، خليل جبران جا ڪتاب، الطاف شيخ جا سفرناما ۽ لينن فلسفي جا ڪتاب پڙهي چڪي هئس.

ادا ارباب مونکي ادي زاهده شيخ جي گهر وٺي ويو جتي پهرين دفعو منهنجي پليجي صاحب سان ملاقات ٿي ۽ ان ڏينهن کان پوءِ منهنجي زندگيءَ جي سياسي، سماجي ۽ بهترين سوچ جي شروعات ٿي. مونکي جنهن مثبت رستي جي تلاش هئي ۽ جيڪو گهڻا ڪتاب پڙهڻ ڪري منهنجي دماغ ۾ لفظن جو طوفان هو اهو مانيٽو ٿي ويو. تڏهن منهنجي لفظن کي حقيقي زبان ملي.

# مسلط ٿيل محبت ۾ گم ٿي ويل احساس !

اڄ هن جا لڱ لڱ ٺري پيا هئا. هن جي اندر مان صدين جو غبار لهي ويو هو ڪيڏو نہ خوبصورت احساس هوندو آهي، جنهن جي هن کي اڄ خبر پئي تہ زندگي ايتري خوبصورت بہ هوندي آهي. جيڪا ڪجهہ ڏينهن اڳ صرف آڙاهہ هئي، جنهن ۾ هي هر روز سڙندي هئي، هر روز مرندي هئي. جتي هر روز هن جي احساسن ۽ جذبن جو قتل ٿيندو هو. ڪيڏو نہ ڪربناڪ منظر هوندو آهي. جڏهن هن جي جسم سان گڏ هن جي روح ۽ جذبن جو ريپ ٿيندو آهي. جيڪو هن نام نهاد سماج طرفان مسلط ٿيل نالو جنهن کي سماج هن جي مڙس جو نالو ڏنو هو. هن هڪ ٽڏو ساهہ پريو ۽ اٿي پٽ تي لڳل آرسيءَ ۾ پنهنجو پاڻ کي ڏٺو. ڪيترن سالن کان پوءِ اڄ پهريون دفعو هن کي پنهنجو پاڻ وڻڻ لڳو. هن ايترن سالن کان پوءِ پاڻ کي ايترو غور سان ڏٺو هن کي اڄ پنهنجي وجود سان عشق ٿي ويو هو. جنهن وجود سان هي نفرت ڪندي هئي، جنهن کي هر رات گِد نما هن جو مڙس نوچيندي ايهو چوندو هو تہ

”تون منهنجي ملڪيت آهين، تنهنجي عيوض پنجاهہ هزار ۾ سڱ ڏنو آهي.“

افففف...! ڪيترن سالن کان هي ايهو جملو ٻڌندي جيئندي ۽ مرندي پئي اچي. هن کي نفرت ٿي وئي هئي مرد جي نالي کان ئي. دنيا جو هر مرد هن کي گِدُ لڳندو هو. جيڪو صرف عورت جي جسم کي نوچي نوچي کائڻ جي خواهش ۾ رڌل هوندو آهي. پر ان ڏينهن مرد جي باري ۾ هن جي سوچ پاسو مٽايو. تنهن ڏينهن نورل ۽ ٻيا گهر ڀاتي ڪٿي ويل هئا. هوءَ گهر ۾ اڪيلي هئي.

” نورل... او نورل...!“

ايتري ۾ وري زور سان در تي ڪڙڪو ٿيو. هن ڊوڙ پائي در جو پردو مٿي ڪنيو. سامهون بيٺل ساجن تي نظر پوندي ئي هن جي دل جي ڌڙڪن تيز ٿي وئي. ساجن هڪدم حيران ٿيندي چيو.

”رضي تون ڪٿي هلي وئين هئينءَ...!؟“

هن اتاولو ٿي رضي کان سوال ڪيو. هيءَ ڇا جواب ڏئي، بت بڻجي بيهي رهي. ساجن هن جو نند پڻ جو پاڙيسري هو. جنهن کي هي دل جان سان چاهيندي هئي پر هن جي پيءُ ٽڪن عيوض هن جي شادي نورل سان ڪرائي هئي. تڏهن ڪنهن مجبوريءَ سبب ساجن وارا لڏي ويا هئا. پر اڄ ايترن سالن کان پوءِ ساجن کي پنهنجي ايڏو ويجهو ڏسي هوءَ حيران ٿي وئي هئي. آرسيءَ جي اڳيان بيهندي هن کي ڪافي دير ٿي وئي هئي. اڄ هن جو وجود ڪنهن گد نه پر هن جي محبوب جي خوبصورت ٻانهن جو هار بڻيو هو. هن پنهنجي ڳلن تي هٿ ڦيريو جن تي ساجن جي چپن جو ڇهاءُ هو. هن پنهنجي ڇاتيءَ مان پنهنجي محبوب جي پگهر جي خوشبو محسوس پئي ڪئي. زندگيءَ ۾ پهريون دفعو هن جي دل وهنجڻ نه پئي چاهيو. متان هن جي جسم مان پنهنجي محبوب جي پگهر جي خوشبو نه نڪري وڃي. اڄ ڪترن سالن کان پوءِ هن جا محبت ڀريل احساس ليپي ويا جيڪي ڪٿي گم ٿي ويا هئا.

# صرف حاصل ڪرڻ جي تمنا

هن پنهنجا وار ڪولي سامهون ويٺل ساحل کي چيو:

”سائين، ٻڌايو مان ڪئين ٿي لڳان؟“

ساحل هن ڏي ڪن پل لاءِ نهار ڪندي چيو: ”واهه.. واهه...!“

هِن چيس: ”بس واهه واهه ... ڪجهه تہ چوندا ڪريو منهنجي پڇڻ کان بغير منهنجي زلفن جي تعريف صرف بہ لفظ واهه واهه...!؟“

ساحل وراڻيو: ” بابا پوءِ ڇا چوان...!؟“

اهو ٻڌي هِن جي چهري تي اداسيءَ جون لهرون نمودار ٿيڻ لڳيون. سڄو چهرو ڏک وچان سرخي مائل ٿي ويس. جنهن اڄان بہ هن جي سونهن کي وڌائي ڇڏيو. سوچڻ لڳي تہ هوءَ جتي بہ ويندي آهي، سڀ هن جي وارن جي، هن جي حُسن جي تمام گهڻي تعريف ڪندا آهن پر هوءَ ايترو خوش ناهي ٿيندي. هن کي صرف ئي صرف ساحل جي تعريف جي ضرورت آهي. انڪري جو هُو هِن جو محبوب آهي. هيءَ دل جان سان اُن کي چاهي ٿي. ان سان بي پناهہ عشق ٿي ڪري پر ان عشق ۾ اظهار جي اڻاٺائي هميشہ هن ئي ڪئي آهي جو سچي عشق جو انحصار اظهار تي مشتمل هوندو آهي، عشق جي زبان ئي پنهنجي محبوب جي هر شئي جي تعريف جو اظهار ڪرڻ آهي.

هِن ڏکياري آواز ۾ ساحل کي مخاطب ٿيندي چيو:

” منهنجا محبوب مونکي توهان کي حاصل ڪرڻ جي تمنا کان وڌيڪ توهان کي وڃائڻ جو خوف ٿيندو آهي.“

ساحل ورندي ڏيندي چيس تہ: ”حاصل ڪرڻ ئي سڀ ڪجهہ هوندو آهي. اڄايا دل ۾ وڃائڻ وارا وهم نہ پال.“

هن ساحل کان پڇيو: ”توهان الله جي اڳيان ڇو جهڪندا آهيون. نمازن ۾، سجدن ۾، دعائن ۾، انڪري جو توهان کي الله سان عشق آهي.“

ساحل جواب ڏنو: ”بيشڪ...!!!“

هِن ساحل کي گهورندي چيو.

”تہ پوءِ ان عشق ۾ حاصل ڪرڻ جي تمنا ۽ وڃائڻ جو خوف هوندو اٿئي ۽ ان کي قائم رکڻ لاءِ هٿ مٿي ڪٽي پنهنجي عشق جي التجا جو اظهار ڪندا آهيو؟ چو....؟؟؟“

ساحل وراڻيو تہ: ”رب کي راضي ڪرڻ لاءِ ٻيو ڪهڙو طريقو اختيار ڪيون...!!؟؟“

هِن چيس: ”بلڪل صحيح ٿا چئو عشق الهامي هجي يا انساني ان کي قائم رکڻ لاءِ اظهار تمام ضروري آهي. عشق جي رسي تمام وسيع هوندي آهي ۽ اظهار ان کي ڳنڍيون ڏيندو آهي. ايئن اها رسي ويجهو ايندي ويندي آهي.“

ساحل هن ڏي هڪ نهار ڪئي ۽ چيائيس:

”مان تنهنجو آهيان، تون منهنجي آهين، بس اهو ڪافي آهي ۽ روز روز وينو پنهنجي محبت جو اظهار ڪيان.“

اهو ٻڌي هِن وراڻيو: ”نماز بہ روزانو چو پڙهندا آهيون؟ بس هڪ ڏينهن پڙهي ڇڏيو ڪافي آهي، انڪري جو عشق کي حاصل تہ ڪيو پر ان کي برقرار رکڻ لاءِ هميشہ قائم رکڻ لاءِ بار بار اظهار جي ضرورت هوندي آهي.“

هن ڪنڌ مٿي ڪٽي ساحل جي اکين ۾ غور سان ڏٺو جتي حاصل ڪرڻ جي تمنا تہ هئي، پر وڃائڻ جو خوف نہ هو. اهو احساس هن جي اندر کي جهوري رهيو هو.

# اماوس جي رات

اڄ جي رات جيتري ڪاري اداس ۽ خاموش هئي. هن جي من اندر اوتري ئي مونجهه هئي. هن جي زندگيءَ ۾ اهڙيون هزارين راتيون آيون آهن، يا هن جي هر رات ڪاري ۽ دل ٻوڙيندڙ هوندي آهي پوءِ اڄ ڇو هوءَ ايتري اداس هئي ؟ انڪري جو ڪڏهن ڪڏهن زندگيءَ جي اداس راتين سان وڙهي وڙهي هوءَ ٿڪجي پوندي هئي يا شايد جڏهن سور حدون ٽپي ويندا هئس ته پنهنجي ئي منهن انهن کي ميارون ڏيندي هئي ۽ ويهي ڪلاڪن جا ڪلاڪ آسمان کي گهوريندي هئي ته متان ڪٿي چنڊ نظر اچي ڪيترن سالن کان هن چوڏهين جي چنڊ جي روشني ڪان ڏٺي هئي. هن جڏهن چوڏهين جو چنڊ ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي هئي يا بادل چنڊ کي گهيرو ڪري ويندا هئا يا ڪڏهن چنڊ کي گرهڻ لڳي ويندو هو ۽ ايئن هن جي زندگي اماوس جي رات جيان انڌيري ئي انڌيري هن هڪ نظر ڦيرائي پنهنجي پاسي ۾ ستل مڙس کي ڏٺو. جنهن هر روز جيان اڄ به هن جي رات کي اماوس بڻايو هو. آخر گهڻي دير کان پوءِ هن جي اک لڳي ۽ خواب ۾ هي چوڏهين جي چنڊ سان ملي. هن جي خوشيءَ جي حد نه رهي ته چنڊ بلڪل هڪ خوبصورت انسان جيان هن اڳيان اچي بيٺو ۽ هن کي پنهنجي پاڪر ۾ پيري هن جي نراڙ تان چمي ورتي. ۽ چوڻ لڳس:

” اڄ منهنجي محبوبه! اڄ تنهنجو صدين جو انتظار ختم ٿي ويو آهي. مان تنهنجو ئي چوڏهين جو چنڊ آهيان، جنهن کي ڏسڻ لاءِ تون ڪيترائي سال تڙپي آهين. مان تنهنجي صدين جي تڙپ ختم ڪرڻ لاءِ آيو آهيان منهنجي مٺي...!“

خوشيءَ وچان هوءَ جهومي رهي هئي. هن جي دل اندر ئي اندر رقص ڪري رهي هئي. چنڊ هن جي اکين ۾ نهاريو جن ۾ هن لاءِ صدين جي رکيل

محبت پريل پئي هئي. چنڊ هن جي وڏن ۽ خوبصورت وارن ۾ آڱريون ڦيري، هن جا وار پنهنجي منهن تي اوڍي ڇڏيا. ايتري ۾ هِن رڙ ڪري چنڊ کي چيو:

” نہ نہ پنهنجي منهن تي منهنجا وار نہ اوڍ. مونکي تنهنجي چهري تي ڪجهہ بہ اچڻ پسند ناهي. مونکي تنهنجي روشنيءَ ۾ زندگيءَ جي جوت نظر ايندي آهي.“

ايتري ۾ سج پنهنجون ڪرڻون نمودار ڪيون ۽ چنڊ جي روشني مڌهم ٿي وئي. چنڊ هن کي الوداع چيو. هِن رڙ ڪري چيس:

” مونکان الوداع نہ ٿي مان توسان گڏ رهڻ چاهيان ٿي، مان زندگيءَ جي انڌرن کان اڪتائجي پئي آهيان.“

چنڊ وراڻيس: ”پنهنجو ميلاپ بس، ان ئي حد تائين آهي. مان آسمان جو چنڊ آهيان، ۽ تون زمين جي.“

” پر منهنجو ڇا ٿيندو...؟“ هن چنڊ کان سوال ڪيو.

”مان هر اماوس جي رات تنهنجي زندگيءَ ۾ روشني ٿي ايندس.“

هن کان رڙ نڪري وئي ڇرڪي اٿي ڏسي تہ صبح جي آذان ٿي رهي هئي. آسمان ٿورو ٿورو صاف ٿيڻ لڳو. اڄ پهريون دفعو هن جي چپن تي مرڪ تري آئي ۽ هي اماوس جي رات جو انتظار ڪرڻ لڳي.

# من اندر مانڌاڻ

اڄ هن جي اندر ۾ آنڌ مانڌ لڳل هئي. من ۾ ڪجھ مونجھ ۽ ڪجھ خوشي، ڪجھ خوف. هن منافق معاشري جو جتي عورت کي انسان نہ پر صرف عورت سمجھيو وڃي ٿو هن جي ڪنن ۾ اهو مڌر ۽ مڌم آواز گونجي رهيو هو ۽ ان آواز جي مڌرتا هن جي من اندر ڪيئي سُر اپاري ڇڏيا. اڄ زندگيءَ ۾ پهريون دفعو هن ڪنهن لاءِ ڪجھ محسوس پئي ڪيو. هن خيالن ئي خيالن ۾ ان جي وجود جي گرمائش پنهنجي اندر محسوس پئي ڪئي. هن کي ائين لڳي رهيو هو ڄڻ هو هن جي پاسي ۾ ويٺل آهي ۽ پنهنجا گرم چپ هن جي نرم چپن سان ملائي ڇڏيا هجن. هن جو ساهہ نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو. هن کي محسوس پئي ٿيو تہ پورو جسم پگھر سان آلو ٿي ويو. هن پاڻ کان سوال ڪيو تہ: ”ڇا هي عشق آهي..؟“ هن جي لڱن مان سيسراٽيون نڪري ويون سوچڻ لڳي تہ: ”هي سماج هي منافق معاشرو ان عشق کي قبول ڪندو؟ نہ بلڪل نہ...“ پوءِ مان ڇا ڪريان هن دل جو جنهن ۾ هُن جي عشق جون مَڌُر ڌُنون وڄي رهيو هيون. ۽ هوءَ انهن ڌنن تي جهومڻ پئي چاهي، ان نئين محسوسات کي پاڻ اندر هميشہ لاءِ رهڻ پئي چاهي. ڪن پل لاءِ وري ڇرڪجي وئي، هن کي اهي لذتون کسجڻ محسوس ٿي رهيو هيون. جڏهن هن جي ڪن تي سندس مڙس جو آواز پيو.

” ٻڌين ٿي، پاڻي پيار... ڪڏهن کان سڏيان پيو، ٻوڙي ٿي وئي آهين ڇا؟“ هن ٻوڙي وڃي پاڻيءَ جو گلاس پري سندس کي ڏنو.

هن جي من اندر مڌرتا جا گيت مڌم ٿيڻ لڳا. اهو ڏينهن ياد آيس پئي جڏهن هن وڏيءَ عمر واري سان سندس نڪاح ٿيو. ڪيڏو نہ رُني ۽ تڙپي هئي پر ڪنهن هن جي ڳالھ نہ ٻڌي. ڪيتري تہ ڪِرپ ايندي هئس هن مان. پر زهر جو ڍڪ پري زندگيءَ کي گھلندي رهي پنهنجي مئل وجود سان. ڪيترا

سال ان مرد سان سمهندي رهي، جنهن کي هن ڪڏهن دل سان تسليم ئي نہ ڪيو هو. هڪ ڏينهن هن پاڙي جي ملياڻي کان پڇيو هو تہ:

” نڪاح جو مطلب ڇا آهي؟“

هُن ٻڌايس تہ: ”اسلامي طريقي سان مرد ۽ عورت جي رضامنديءَ سان هڪ ٿيڻ.“

” پر منهنجي تہ شادي ۾ منهنجي رضامندي ڪون هئي تہ ڇا اهو نڪاح قبول ٿيو...!؟“

هن ملياڻي جيجي کان سوال پڇيو. تڏهن جيجيءَ ڪنڌ مٿي ڪٽي هن جي اُداس نگاهن ۾ نهاري، وري ڪنڌ هيٺ ڪيو هو. هوءَ چپ چاپ اتان هلي آئي هئي. پر اڄ هن پاڻ ۾ ڪنهن جي وجود جي خوشبو محسوس ڪئي. هيءَ ان مڌر ڏنن تي جهومڻ پئي چاهي، جيڪي هن جي من اندر وڄي رهيون هيون.

# يادن جي رُڃ ۾ بي وفائيءَ جي بوءِ

اڄ وري هن جا لڙڪ لارو ڪري وهي پيا. جڏهن بادلن پنهنجا پر ڪولي زمين کي باغ بهار ڪري ڇڏيو. هن کي ائين لڳي رهيو هو ڄڻ بادل زمين سان جبر ڪري ان جي مرضيءَ خلاف ان تي حاوي ٿي، ان کي آلو ڪري ان هيڪار مان پنهنجو وجود قائم رکيو اڇن ۾ ڏرتي بي وس لاچار پُسجندي ۾ ٻڏندي ٿي رهي، انڪري جو ان جي مقدر ۾ ئي پُسڻ ۾ ٻڏڻ لکيل آهي. هن کي اهو ڏينهن ڪڏهن ناهي وسرندو جڏهن ڌرتيءَ جيان هن جي وجود کي بہ ڪنهن بادل زبردستي آلو ڪيو هو. اهو ڪير هيو نہ پر ان جو پنهنجو مڙس هيو. اُها رات بہ اڄ جي رات جيان ڪاري خوفناڪ گجگوڙن واري رات هئي. جنهن رات مڙسئيس چيو هيس تہ:

”پنهنجي شاديءَ کي هفتو گذري چڪو آهي، اڄان تائين تون مونکي، ويجهو اچڻ نٿي ڏين، تون منهنجي زال آهين، منهنجي نڪاح ۾ آهين، امان ۽ سڀ مائٽ توکون ٿا ڪن تہ شايد مان نامرد آهيان“

۽ بيڊ تي وڇيل اڇي چادر ڏانهن اِشارو ڪندي چيو هئائين تہ:

” روز امان پڇي ٿي تہ الائجي ڇوڪري پهرين ڪان ئي ڪنهن سان ڪريل تہ ڪانہ هئي جو چادر تي ڪو داغ ئي ناهي لڳو.“

تڏهن ڪيڏو نہ هيسجي وئي هئي بلڪل ڌرتيءَ جيان ٻڏڻ جي خوفَ کان. جڏهن مڙسئيس هِنَ جي وجود کي اُگهاڙو ڪري، هِنَ جي وات تي رَئو ٻڌيو هو. متان ڪير منهنجي رڙ نہ ٻڌي، تڏهن بي رحم بادلن خوشيءَ وچان گجگوڙن ڪرڻ شروع ڪري وڏَ ڦڙا وسايا هئا. هو پنهنجي فتح تي ڪاميابي جا گيت جهونگاريندي ڪنوٽين سان ڪيچل ڪري مٽيءَ جي مهڪ تي جهومي پيا. جيڪا هنن جي جياپي جي جوُتِ هُئي. تنهن ڏينهن ڪان هِنَ کي

بادلن ڪان نفرت ٿي وئي هئي. جڏهن بارش پوندي هئي، تڏهن ڏرتيءَ سان گڏ هن کي پنهنجو وجود به آلو ٿيندي محسوس ٿيندو هو. صبح جو سوير جڏهن هِنَ جي سس ڪمري ۾ داخل ٿي ۽ پهرين نظر وڇايل چادر تي پيس جنهن تي رات هن جي وجود کي قتل ڪيل داغن جا چٽا نشان هئا. هِنَ جي قتل ڪيل وجود کي سس سوريندي چادر کسڪائيندي پُٽ کي خوشيءِ وچان چيو هو:

” مبارڪون هجن پُٽ توکي....“

۽ ان وقت سندس مڙس جي منهن تي فاتحانه مُرڪ تري آئي هئي. ٿوري دير ڪان پوءِ هن جي ڪنن تي سندس سَسُ جو آواز پيو جيڪا سپني گهر ياتين کي چئي رهي هئي:

”مبارڪون هجن ڇوڪري صحيح آهي، هي ڏِسُو چادر تي داغُ...“

اهي جملا هِنَ جي قتل ٿيل وجود کي ڪوري ماس الڳ ڪري رهيا هئا. هِنَ کي ايئن لڳي رهيو هو ڄڻُ هِنَ جي اُگهاڙي جسم کي ڳجهون نوچي رهيو هيون. تنهن ڏينهن هيءَ بستر تان ڪون اُٿي هئي ۽ ان ڏينهن هيءَ مري چُڪي هئي. هِنَ جي وجود سان گڏ هِنَ جي روح جو به قتل ٿي چُڪو هو. اوچتو وري هن جي ڪنن تي بادلن جون گجگوڙن هن جي وجود کي هلائي ڇڏيو ۽ لڙڪن جي برسات هن ڳلن تان ٿيندي هِنَ جي وجود کي آلو ڪري رهي هئي.

# اُجايل آشائون

اج وري منهنجي مٿي ۾ سور جي شدت وڌي وئي هئي. بيڊ تي ليٽي ٻه ڪان پئي سگهيس ائين لڳي رهيو هو ڄڻ مٿو ٽڪاءُ سان ڦاٽي پوندو. ڇت تي لڳل پکي جا پر هڪ ٻئي پويان ڊوڙ لڳايو هلندا پيا وڃن بلڪل منهنجي زندگيءَ جيان انهن جي هوا جي زور تي، ٽيبل تي رکيل ڪتاب جا پنا ڪر ڪر ڪرڻ لڳا هڪ هڪ پنو آواز ڪري اٿلڻ لڳو ڄڻ منهنجي زندگيءَ جا سمورا ورق ڏيکاري رهيا هجن. جنهن تي منهنجي زندگيءَ جي داستان اُڪريل هجي ۽ چٽي رهيا هجن:

” چري شڪست زنده ٿي تنهنجي داستان ۾ شڪست ناهي لکيل، تون اڏول آهين پنهنجي جذبن جيان. تون حوصلو نه هار انڪري جو تون ڪٽڻ وارن مان آهين. جيڪي ڪڏهن هار نه مڃيندا آهن انڪري جو هارائڻ، وڏيڪ ڪٽڻ جي جستجوءِ جو نالو آهي، تون جستجو آهين جيت جي.“

ڏسندي ئي ڏسندي ڪتاب جا ورق بند ٿيڻ لڳا. ڇَتِ تي لڳل پکي جا پَرَ آهستي آهستي هِڪَ ٻئي پويان هلي هلي رُڪجي ويا. مان سڄي پگهر ۾ شَلُ ٿي ويس. لائيٽ هلي وئي هئي. مشڪل سان اُٿي جارج واري لائيٽ ٻاريم، جنهن جي هلڪي ۽ ٿڌي روشنيءَ ۾ گهر جي هر شئي خوبصورتيءَ جو منظر پيش ڪري رهي هئي. بلڪل منهنجي مَنَ اندر جي جي ڪيفيت جيان، جنهن کي مان ڄاڻي واڻي، ڏنڊلو ڪيو هو. جئين ڏکن پيڙاهن جا پاڇا چِٽا ٿي منهنجي زندگيءَ تي نروار نه ٿين. ۽ منهنجي اڳتي وڌڻ جي آشائن تي حاوي نه ٿين مان پنهنجي اُجايل آشائن کي ايئن مرڻ نه ڏيندس مان هِنَ سماج جي سيني ناانصافين جو انت آڻيندس.

اھو سوچيندي سوچيندي، فرج جي مٿان رکيل دٻي مان ٻہ گوريو ڪيڍي ترڻيءَ تي رکي انھن کي غور سان ڏسڻ لڳس. پنھنجو پاڻ کان سوال ڪرڻ لڳس تہ: ”ڇا ھي ننڍڙيون گوريون منھنجي تڪليف کي ختم ڪنديون؟“

نہ نہ... ايئن ناھي ھي تہ وقتي طور تي منھنجي دماغ کي منھنجي سوچ کي سمھاري ڇڏينديون. ۽ وري منھنجي ڪيفيت ساڳي ٿي ويندي،“

”نہ نہ... مان پاڻ کي ڇيو، ڇا مان انھن پٽڪرين گورين کان بہ وڌيڪ ڪمزور آھيان...!؟“

نہ تہ مان اٽل آھيان، منھنجو نالو اُميدَ آھي، آشا آھي، جيت آھي. ايتري ۾ لائيٽ اچي وئي. ٿوري دير پھرين گھر جون شيون ھلڪي روشنيءَ ۾ خوبصورت منظر پيش ڪري رھيون ھون سي تيز روشنيءَ ۾ بدنما لڳي رھيون ھون. ۽ اُن تيز روشنيءَ سان گڏ مون پنھنجي اندر بہ اُجالا محسوس ڪيا جنھن ۾ مونکي ھن سماج جا داغَ ڇٽا نظر اچڻ لڳا. ۽ مان پنھنجي اندر جي اُجايل آشائن کي نئين جذبن سان سيراب ڪري ھڪ ٿڌو ساھ ڀريو جنھن سان منھنجي اندر جي اُميد وري اُجاگر ٿي.

# هڪ طرف محبت ۽ ٻي طرف حوس

اڄ پورو هفتو گذري چڪو هو پر زينت جي ڳلن تي ڳوڙهن جي لارن بس نہ ڪئي. هوءَ اندر مان اڌ ٿي چڪي هئي. هن جنهن سان زندگيءَ ۾ پهريون دفعو سچي محبت ڪئي. جنهن جي پوجا ڪئي، جنهن کي پنهنجي سِرَ جو سائين ڪيو هئائين، جنهن سندس مرڻ تائين گڏ رهڻ جا واعدا ڪيا هئا، سو بي وفا هو. صرف حوس هيس هن کي حاصل ڪرڻ جي، بس جڏهن پيٽ پرجي ويس تہ، افففف ...ڪيڏو نہ قرب ناڪ لمحو هو. جڏهن هن سارنگ کي ڪنهن وڏي عمر واري عورت سان رنگ رليون ڪندي ڏٺو هو. تڏهن زينت جو اندر اڌ ٿي چُڪو هو. پيٽ ۾ وڌَ پئجي رهيا هيس، دماغ جون نسون فاٽڻ تي هيس. هِنَ کي اهو ڏينهن ياد اچي ويو جڏهن سارنگ جي باري ۾ هن پنهنجي پيائرن کان پڇيو هو تہ : ”سارنگ کهڙو ماڻهو آهي...؟“ تڏهن انهن ٻڌايو هيس تہ: ”تمام بي ڪار، عياش ۽ ڪوڙو ماڻهو آهي.“ پر گهڻي دير ٿي چڪي هئي هي تہ سارنگ کي پنهنجو خدا مڃي چڪي هئي. پنهنجو تن من ان کي سونپي چُڪي هئي. جڏهن سارنگ سان ملي هئي ۽ پنهنجي پيائرن جي ان جي باري ۾ ڳالهيون ٻڌايائين تڏهن سارنگ ڪلمي جو قسم کنيو هو تہ هو اهڙو ناهي ۽ هِنَ کي يقين ڏياريائين تہ: ”هي آذان جو قسم آهي، منهنجي زندگيءَ ۾ صرف تون آهين“ ۽ هِنَ کي ڪيڏي نہ ڦڪائي ٿي هئي تہ اجايون ويچاري تي شڪ ٿي ڪريان، منهنجي پيائرن کي ڪا غلط فهمي ٿي هوندي ۽ سارنگ جي من موهيندڙ معصوم شڪل تي هي تہ اڳي ئي دل هاري چڪي هئي، پر ان ڏينهن هن جي دنيا انڌير ٿي وئي هن جيڪي محبت جا ديپ سارنگ جي نالي پنهنجي اندر جلايا هئا، پنهنجي محبت کي روشن ڪرڻ لاءِ تن هن جو اندر ساڙي رکُ ڪيو. هن سارنگ کي فون ڪري چيو:

”اڄ مون توهان کي پنهنجي اڪين سان ڏٺو آهي.“

تڏهن سارنگ مڪرجي ويو ۽ هن کي ڪنهن بہ ڳالهہ جو ڪولي جواب نہ ڏنائين ۽ فون بند ڪري ڇڏيائين. هن تہ سارنگ کي پنهنجي ڇپن جو امرت پياري اهو سمجهيو هو تہ هاڻي سارنگ جي پيار جي اڄَ هِنَ اُجهائي آهي، پر هِنَ کي ڪهڙي خبر تہ هو بادلن جيان اُجايل آهي، جنهن جي اُڄ ڪڏهن ختم نٿي ٿي سگهي. هن پنهنجي جسم جو سڳند ڏيئي ان جي پيار جي بک متائڻ چاهي هئي، پر سارنگ جي بک بگهيڙن کان بہ وڌيڪ هئي. جيڪي پيٽ خالي ٿيڻ کان پوءِ وري نئين شڪار جي تلاش ۾ هلندا آهن. انهن ۾ محبت ڪٿي بہ ناهي هوندي. هو هوس جا پوڄاري ٿي چُڪا هوندا آهن اڄُ ان ڳالهہ کي پورو هفتو ٿي چڪو هو. ان ڏينهن کان پوءِ سارنگ هِنَ سان ڪو رابطو نہ ڪيو. هي پيڄي پورا ٿي چُڪي هئي، هِنَ بي وفائيء جي باهِ ۾ سڙي هن جو تن من خاڪ ٿي چُڪو هو. هِنَ کي هر طرف انڌيرو ئي انڌيرو نظر اچي رهيو هو. هِنَ اڪيون عرش ڏي ڪيون ۽ مسلسل آسمان کي تڪي رهي هئي . جتي ڪهڙي وقت اڇا بادل ۽ ڪهڙي وقت انهن جي جڳهہ تي ڪارا بادل، تڏهن هِنَ دل ۾ سوچيو ”ڪاش هن کي بادلن جو صرف ڪارو پن ئي نظر اچي ها... جيڪي وسڻ کانپوءِ وري اُجارا ٿي ويندا آهن، ڪاش اسان جي معاشري ۾ انسان، انسان ٿي پوي، محبت جي پاڪ ۽ صاف جذبي سان سرشار ٿي وڃي، نہ ڪي حيوان. پر حيوانن ۾ بہ ڪجهہ رحم ايندو هوندو تہ پوءِ سارنگ جهڙن مردن کي ڪهڙو نالو ڏجي. جيڪي معصوم دلين کي پنهنجي حوس جي نظر ڪري، پوءِ بہ خوش آهن.“

اهو سوچي زينت جي دل۾ سارنگ لاء نفرتن جون نديون هِنَ جي اڪين مان لار ڪري وهي پيون. هِنَ کي ايئن لڳي رهيو هو جڻ سارنگ هن تي ڇترو ڪري ٺهڪ. ڏيئي رهيو هجي ۽ ايهو چئي رهيو هجي تہ

”ڏس منهنجي رچيل راند ۾ تون بہ بازي هارجي وئينءَ...!“ ۽ اڄ اهو ڏينهن شدت سان ياد پيو اچيس جڏهن هن جي ننڍڙي ڀاءُ سارنگ جي گندي ۽ حوس ڀريل ڪارنامن جون ڪهاڻيون ٻڌايون هيون. جنهن جو شڪار هيءَ بہ ٿي چڪي هئي.



# شهزاد سهتو

**نالو: پرويز حسين سهتو**
**والد جو نالو: محمد يونس سهتو**
**ادبي نالو: شهزاد سهتو**
**ڄمر جي تاريخ:** 4 مئي 1982ع
**اولاد: ڌِيءَ: امرتا سنڌو ـ پُٽ: هالار پرويز**
**ڳوٺ: مگٹا پوٹا، هنگورجا ـ تعلقو: سوڀو ديرو ـ ضلع خيرپور**
**ڪِرت / ڪمر : استاد** ( Junior School Teacher )
**تعليم: اي ـ ايم (انگريزي) ايم ـ ايس ـ سي (سماجيات)، ايم ـ ايڊ (ايجيوڪيشن)، پي ـ ايچ ـ ڊي اسڪالر ـ پڙهندڙ**
**رابطو: موبائيل:** 03337590995، 03018125995
**اِي ميل:** parwaizsahito@gmail.com

**شهزاد سهتو** پنهنجي تعليم مڪمل ڪندي، ڪجهہ وقت مختلف اين جي اوز ۾ نوڪري ڪرڻ ڪانپوءِ پڙهائڻ جهڙي مقدس پيشي سان لاڳاپو جوڙيو آهي. هي اسان جو سجاڳ ذهن آهي. هن پنهنجي تخليقي ڪم جي شروعات اِجهو هاڻ ڪِئي، ويجهڙي عرصي کان ڪئي آهي. هي سنيون ڪهاڻيون لکي ٿو، تحقيقي مضمون لکي ٿو ۽ ترجما پڻ سنا ڪري ٿو. هن وٽ لکڻ جي ذات آهي تہ ڏانءُ بہ اٿس. پاڻ سنو جذبو ۽ شوق رکي ٿو. مون کي اميد آهي تہ اڳيان هلي هي سنو لِکاري ثابت ٿيندو ۽ پنهنجي سنڌ وطن جو نالو روشن ڪندو.

**محمد يوسف جويو**

# مان استاد آهيان

اسان جي شهر جو هڪ استاد آهي، ڏاڍو ذهين ۽ هوشيار آهي، پنهنجي سبجيڪٽ تي تمام گهڻي مهارت اٿس. اها حقيقت آهي ته هن جا پڙهايل اڪثر شاگرد انٽري ٽيسٽ ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهن. ان ڪري هر والدين جي خواهش هوندي آهي ته هو سندن ٻارن کي پڙهائي ته جيئن هو به ساڳي طرح ڪامياب ٿي وڃن. نوڪري ته سرڪاري اسڪول ۾ اٿس پر ڪجهه خانگي ادارن کي به وقت ڏيندو آهي، ان سان گڏوگڏ ٽيوشن به پڙهائيندو آهي. هن وٽ وقت بلڪل به ناهي هوندو، ان ڪري هن سان ملاقات صرف آچر واري ڏينهن تي سگهندي آهي. وقت ته جيڪر هو ان ڏينهن به نه ڏئي پر ٻارڻ گڏ پڙهيا آهيون، ان ڪري ڪڏهن ڪڏهن وقت ڏئي ونندو آهي. رهڻ لاءِ عالي شان گهر ۽ گهمڻ لاءِ سٺي گاڏي اٿس. سندس به وڏا ٻار ڪراچي جي ڪنهن بهترين اداري ۾ پڙهندا آهن.

آچر جو ئي ڏينهن هو، فون ڪري صبح جو نَوَ بجي ملڻ جو وقت ورتومانس. هن سان ملڻ ضروري هو جو هڪ دوست جي ٻار لاءِ هن کان وقت کپندو هو. هو اڳ ۾ ئي منهنجي انتظار ۾ ويٺو هو، ڇوته هو وقت جو صفا پابند آهي. اوطاق واري ڪمري ۾ داخل ٿي، سلام ڪري چيومانس:

”ماستر ڪهڙا حال اٿئي؟“

سلام جو جواب ڏئي چيائين: ”يار! هاڻي تو به اسان کي ماستر ٿو چئين؟ ڀائو! مان استاد آهيان، ماستر نه.“

پڇيومانس: ”استاد ڇو؟ ماستر ڇو نه ۽ ٻنهي ڪو فرق؟“

چوڻ لڳو: ”ماستر ان ڪري نه جو مان پڙهائيندڙ استاد آهيان، ماستر، يا ته اسڪول نه ويندا آهن يا پڙهائيندا نه آهن. ڪن کان ته ٻئي ڪم نه پڄندا آهن. پر مان اسڪول به ويندو آهيان ۽ پڙهائيندو به آهيان. ۽ اهم ڳالهه ته

مون وٽ ٻين جي سرگرمين تي ڌيان ڏيڻ جيترو وقت ئي ناهي. منهنجي دوست اشرف صاحب جو چوڻ آهي: ماستر اهو آهي جنهنکي پڙهائڻ ڪانسواءِ ٻيو سڀ ڪجهه اچي. سو هاڻ تون پاڻ فيصلو ڪر ته مان استاد آهيان يا ماستر؟“

چيومانس: ”ڇڏ يار! جتي ڊيوٽي اٿئي اتي ته پڙهائين ڪونه ٿو.“

چوڻ لڳو: ”ها دوست! اهو سچ آهي ته مان جنهن سرڪاري اسڪول جو استاد آهيان، ان ۾ ٿورو وقت ڏيندو آهيان. گهڻو وقت ان ڪري نه ڏيندو آهيان جو اتي شاگرد ايندا ناهن ۽ جيڪي ٿورا گهڻا ايندا آهن، انهن کي پڙهڻ جو شوق ناهي هوندو. تنهنڪري اهڙن ڏُڏ شاگردن کي وقت ڏيڻ وقت جو ذيان سمجهان ٿو. ڀلا سندن والدين کي ئي پنهنجن ٻارن لاءِ وقت ناهي ته پوءِ مان ڇا لاءِ پنهنجو وقت ذيان ڪريان. ٻيو ته منهنجي حصي ۾ هڪ ڪلاڪ جا صرف ٻه پيرڊ اچن ٿا، باقي سڄو سارو وقت اسڪول جي ٻين استادن سان گڏ چانهه پي، اخباري سرخين تي تبصرو ڪرڻ ۽ هيڏانهن هوڏانهن جون اجايون ڳالهيون ڪرڻ پاڻ کي ڪونه اچي، ان ڪري وڌيڪ وقت وچائڻ بدران پرائيويٽ اسڪولن کي اوليت ڏيندو آهيان“

چيومانس: ”توکي ايترو وقت ڪٿين ٿو ملي وڃي جو پنهنجي اسڪول سان گڏ خانگي اسڪول کي به وقت ڏئين ٿو؟“

وڏو ٽهڪ ڏيندي چيائين: ”هڪ اسڪول نه، ٽن خانگي اسڪولن کي وقت ڏيندو آهيان.“

”ٽي....!“

”ها ها ٽي... نه رڳو مان، پر سنڌ جي اڪثر خانگي اسڪولن ۾ اسان جهڙا استاد اٿئي، اسان جهڙن استادن جي وڏي گهر آهي. ٻيو ته پرائيويٽ اسڪولن ۾ پڙهائڻ جو مزوئي الڳ آهي.“

”ڇا جو مزو....؟“

”ادا ....! اتي هوشيار شاگرد هوندا آهن، انهن کي پڙهائڻ ۾ مزو ايندو آهي. مزو صرف انڪري نہ ايندو آهي تہ هو هوشيار آهن. مزو انڪري بہ ايندو آهي جو پرائيويٽ اسڪولن کي وڏيڪ وقت ڏيڻ سان معاوضو بہ ججهو ملندو آهي.“

احساس ڏياريندي پڇيومانس:

”يار! توکي سرڪاري اسڪولن ۾ پڙهندڙ سنڌي قوم جو احساس ڪونهي؟“

چوڻ لڳو: ”ڪهڙي سنڌي قوم؟ جنهن کي اها خبر ناهي تہ سندن ٻار ڪهڙي اسڪول ۾ ۽ ڪهڙي جماعت ۾ ٿو پڙهي، اسڪول وڃي بہ ٿو يا اسڪول جي بهاني هوٽل ۾ وڃي ٿو فلمون ڏسي. ان کان علاوه سڄو ڏينهن گهر ۾ جهيڙو پيو پوندو اٿن، اهو بہ نہ سوچيندا تہ ٻار جي نفسيات تي ان ڳالهہ جا ڪهڙا منفي اثر پوندا. اسڪول کانپوءِ ٻارن کان درزين جي دڪانن، گئراجن، هوٽلن تي مزدوري ڪرائيندا، شام جو ڪائڻ مال متاءَ جو ڪم الڳ ڪرائين پوءَ اهڙو ٿڪل ٽٽل ٻار ڇا پڙهندو؟“

ڳالهہ تہ سندس برابر هئي، ان کان اڳ جو مان ڪجهہ چوان، هن پنهنجي ڳالهہ جاري رکندي چيو:

”مونکي پنهنجي قوم جو ڪافي فڪر آهي، جنهن جي ڀلي لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏي اٿم، ان ڪري ئي تہ ڪافي اسڪولن ۾ وڃي پڙهايان ٿو.“

چيومانس: ”سنڌي قوم صرف خانگي اسڪولن ۾ ناهي هوندي منهنجا دوست!“

چيائين: ”تون منهنجي قوم مان غلط مطلب ورتو آهي، منهنجو مطلب سنڌي قوم بلڪل بہ نہ آهي، مان جنهن قوم جي ڳالهہ ڪري رهيو آهيان، ان ۾ صرف پنج فرد شامل آهن يعني منهنجا چار ٻار ۽ هڪ عدد گهرواري، جن

جي آئيندي جو ڪافي الڪو اٿم. اهو ئي سبب آهي، جو هنن لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏي اٿم. مان آچر ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي ڏينهن تي پنهنجي ٻارن کي راند ڪندي نہ ڏسي سگهندو آهيان. انڪري جو جنهن وقت گهر ۾ داخل ٿيندو آهيان يا گهر مان نڪرندو آهيان تہ انهن کي ستل ئي ڏسندو آهيان.“

مذاق ڪندي چيومانس: ”پوءِ تہ تو وارا ٻار تہ توکي سڃاڻندا بہ نہ هوندا؟“

کلندي مذاق ۾ ئي جواب ڏنائين: ”هاهاهاها ...... هر آچر تي منهنجي گهرواري ٻارن کي منهنجو تعارف ڪرائندي ياد ڏياريندي آهي تہ مان سندن پيءُ آهيان...........!!! يار! ڪم ايترو آهي جو وقت ئي نہ ٿو ملي، اوهان جهڙن ٻن ٽن دوستن کانسواءِ ڪنهن کي بہ وقت ڏئي نہ سگهندو آهيان، ۽ انهن وٽ بہ ايترو وقت ڪونهي، ڇاڪاڻ تہ انهن جا ڪم بہ مون جهڙا آهن. مائٽن سان تہ سال ۾ هڪ دفعو سو بہ جيڪڏهن عيد نہ هجي تہ ملاقات جو ڪوبہ سوال پيدا نہ ٿو ٿي سگهي.“

سمجهائيندي چيومانس: ”هڪ انسان جي لاءِ سماجي زندگي بسر ڪرڻ ضروري هوندو آهي. مطلب دوستن، مٽن مائٽن کي وقت ڏيڻ سيرو تفريح ڪرڻ وغيره. اضافي روزي ڪمائڻ لاءِ پيو ڪو ڏندو ڪر جنهن سان ڪمائي ۾ بہ اضافو ٿئي تہ دوستن، مائٽن ۽ پنهنجي ٻارن کي بہ وقت ڏئي سگهين.“

وراڻيائين: ”ٻڌو اٿم تہ ماستر پارٽ ٽائيم جاب ڪندا آهن. ڪي مال جو واپار ڪن ٿا، ڪي دڪانداري ڪن ٿا، ڪي ٽيڪسي هلائين ٿا. اهڙا ڏندا اهي ڪندا هوندا آهن، جن کي پڙهائڻ نہ ايندو هوندو. ان ڪري ئي تہ شايد ماستر ٿا سڏجن. اسان بہ پارٽ ٽائيم جاب ڪندا آهيون. پر اها نوڪري بہ پڙهائي سان لاڳاپيل آهي. مانجهاندو ڪري بہ ڪلاڪ جون بہ

هوم ٽيوشنس، ان کان پوءِ ٽيوشن سينٽر، وري به پيون هوم ٽيوشنس، ماستر ڪٽي تي پارٽ ٽائيم جاب به ڪن پوءِ به اسان جيترو نه ڪمائي سگهندا.“

رازداريءَ مان چيائين: ”خبر اٿئي ته رڳو انٽري ٽيسٽ جي تياري جي ڪلاسن جي ٽن مهينن جي عرصي ۾ ڪيتري مال ٺهندو آهي؟“

اندازو لڳائيندي وراڻيم: ”شايد لک سوا لک.“

مسڪرائيندي ٻڌايائين: ”گهٽ ۾ گهٽ به ڏهه ملي ويندا آهن. باقي هوم ٽيوشنس ۽ ٽيوشن ڪلاسز ته سڄو سال پيا هلندا آهن. ان کان علاوه مان ڪجهه هينڊ بوڪ به لکيا آهن، جيڪي سال ۾ هڪ دفعو بوڪ اسٽالن ۽ امتحاني مرڪزن تي شاگردن جي هٿن ۾ نظر اچي سگهبا آهن.“

پڇيومانس: ”معياري به هوندا آهن يا.........!؟“

ٺهڪ ڏيندي وراڻيائين: ”هاهاهاهاها......هاڻي اهي معياري هجن يا نه ان سان ڪهڙو فرق ٿو پئي. هڪ شاگرد هينڊ بوڪ وٺي ئي امتحان واري ڏينهن ته ان کي معيار سان ڪهڙو واسطو.“

ڳالهه جاري رکندي ٻڌايائين: ”امتحان سان ڳالهه ياد آئي امتحانن جي وقت ۾ ته اصل مزا هوندا اٿئي، وڏي عزت ٿيندي آهي. هرڪو پيو چاهيندو آهي ته مان ان جي ٻار جو پيپر حل ڪريان. پر مان صرف ڏهن امير ماڻهن جي ٻارن جا پيپر ڪنهن هڪ جي اوطاق ۾ ويهي ڪلاڪ ۾ حل ڪري وٺندو آهيان. ان هڪ ڏينهن ۾ هڪ مهيني جيترو ڏندو ٿيندو آهي. امتحانن کان پوءِ وري پيپر چيڪ ڪرڻ جو وقت ايندو آهي. بورڊ ۾ چار سڃاڻ آهي، انڪري ايڪسٽرنل ٽيڙ ۽ پيپر چيڪ ڪرڻ جي ڊيوٽي به حاصل ڪري وٺندو آهيان. پيپر چڪاسڻ جو معاوضو في ڪاپيءَ جي حساب سان جو ملندو آهي، ان ڪري ٻار پيپر ۾ ڇا لکيو آهي ان سان منهنجو ڪوبه واسطو ناهي، بس پنن تي ليڪا پائيندو ويندو آهيان ۽ جوابي ڪاپين جا ڍير لڳائيندو ويندو آهيان، ساڻ پئسن جو حساب لڳائيندو ويندو آهيان. جوابي

ڪاپين ۾ ڪڏهن ڪجهه منفرد سٽن تي نظر پئجي ويندي آهي، جن ۾ پيپر چيڪ ڪرڻ واري کي پاس ڪرڻ جا قَسم ڏنل هوندا آهن. اهي قَسم اڪثر سرڪاري اسڪولن جي سينٽرن تان آيل ڪاپين تي لکيل هوندا آهن. ڪنهن جي فيل يا پاس ٿيڻ سان اسان جو ڪو تعلق ناهي، اسان جو واسطو آهي ته ڪمائيءَ سان. امتحانن جي حوالي سان بيا به ڪمائي جا ذريعا آهي.....پر ڇڏ انهن کي، هاڻي ڏي احوال، پڇندو ماسترن جو ڪو ڪاروبار اسان استادن کي؟"

سوچڻ لڳس ماستر هجي يا استاد ڪمائي ته هن پيشي ۾ آهي. هڪ ئي وقت به ٽي ڏندا ڪري سگهجن ٿا. ياد آيو جنهن ڪم سان آيو هئس اهو ته وسري ويو. چيومانس:

"يار عابد! هڪ ٻار آهي ان کي ٽيوشن ڏيڻي اٿئي، سندس والد کي خبر پئي ته تون منهنجو دوست آهين، ان ڪري مون وٽ آيو هو غريب اٿئي ثواب ملندئي."

چيائين: "ٽيوشن لاءِ مونکان وقت صرف اهي ئي وٺي سگهندا آهن، جيڪي سرنديءَ وارا هوندا آهن. باقي غريبن لاءِ مون وٽ وقت ناهي. يائو! ثواب سان پيٽ نه ڀربو آهي. پيٽ کي مانيءَ جي ضرورت هوندي آهي. هڪ سنڌي شاعر ته جڻ مون جهڙن لاءِ ئي هي شعر چيو هجي:

"هر وقت آهي ساهه کي ڳيپي جي ڳولا،
ڏوَ بـنا ڏولا ناهي ساڃاهه سونهن جي."

ان شعر منهنجو ڪم آسان ڪري ڇڏيو آهي. بس هر وقت ڳيپي جي تلاش جاري آ. باقي جيڪي مفت ۾ پڙهائي ثواب حاصل ڪرڻ جي صلاح ڏيندا آهن، انهن کي هڪ ئي جواب هوندو آهي ته سرڪاري اسڪول ۾ باقي ڇا لاءِ ٿو پڙهايان اتي جو غريبن جا ٻار ايندا آهن."

چيومانس ته: "مطلب جواب سمجهان...!؟"

چيائين: ”موڪلينس، رعايت ڪندوسانِ.“

وراڻيم: ”پئسا وري بہ وٺيندين، سڌرنديون ڪونہ...“

کلي چوڻ لڳو: ”جيستائين اسان جي سنڌ جي تعليم ۾ تعلمي پاليسيون نيڪ نہ ٿيديون مون جھڙا استاد ۾ بي ڏر وارا ماسترن جا نٽ ھوندئي.“

چانھہ پي معذرت سان گڏ موڪلائڻ جي ڪيائين، چوڻ لڳو:

”يارا آچر جي بہ ٽيوشن ملي آھي، جيڪا صرف آچر واري ڏينھن پڙھائٽي ھوندي. انڪري ڪنھن ٻئي دفعي ملنداسين.“

مون بہ دل ۾ ڪونہ ڪيم. سڌي ڳالھہ ڪرڻ وارو ۾ دوست ماڻھو آھي، انڪري پنھنجو ڪم پڪو ڪري ھليو آيس.

# ڪتا ڪانفرنس

انڌيري رات ۾ جڏهن سڀ انسان ننڊ جي هنج ۾ مدهوش ٿي سمهي پيا. تڏهن شهر ڪان ٿورو پر پرو سنسان رستي جي پاسي غير آباد علائقي جي وسيع ميدان ۾ وڻن جي جهڪر هيٺان ڪجهه ڪتا پاڙ ۾ گڏيا. ائين پئي لڳو ڄڻ ته ڪا سنڌن ميٽنگ هجي. شايد تعداد ۾ پنج ڪن هئا. انهن مان هڪ ڪتي گروهه جي سردار ڪتي کي ٻڌايو:

"سائين! مان اوهان جي حڪم موجب گذريل ڪيترن ئي ڏينهن کان هر گهر جي هر ان ڪتي سان سان مليم جيڪو زنجير سان ٻڌل هو۽ ان سان به مليم جيڪو زنجير سان ٻڌل نه هو پر اهو هئو وري به غلام ڪتو. ڪين گهڻو ئي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪين منهنجي ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي آئي ته هو ڪو غلاميءَ واري زندگي گذاري رهيا آهن. سچ چيو آهي ڪنهن ته دنيا جو سڀ کان ڏکيو ڪم ڪنهن غلام کي اهيو يقين ڏيارڻ آهي ته هو ڪو سچ ۾ به غلام آهي. ان ڪري اهڙي گروهه کي سمجهائڻ جو ڪم منهنجي وس کان ٻاهر ٿو نظر اچي."

سردار ڪتو سوچ ۾ پئجي ويو پڇڻ لڳو: "پوءِ تو ڇا ڪيو؟"

وراڻيائين: "سائين مان ڇا ڪريان؟ هو پنهنجي آقا جي خلاف هڪ لفظ به ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهن. بلڪل انڌا ٻوڙا ۽ گونگا لڳا پيا آهن. هنن کي ته بس پيٽ پريل هجڻ جي پرواهه آهي. باقي مالڪ جي نفرت، گارگند، ڌتڪار جو انهن مٿان ڪوبه اثر ڪونه ٿو ٿئي. هو ته ٻن وقتن جي مانيءَ عيوض پنهنجو سڀ ڪجهه مالڪن مٿان واريون ويٺا آهن. اسان جهڙن ٻين ڪتن جي رسائي پنهنجي مالڪن وٽ بلڪل بند ڪرايون ويٺا آهن. جڏهن مان انهن کي اهيو احساس ڏياريو ته هو غلام آهن ۽ غلامي، چاپلوسي ۽ چمچاگيريءَ

واري زندگي ڇڏي اسان جو ساٿ ڏين، آزاد فضا ۾ ساهه کڻن، ڀلي جي اها آزاد فضا گهڙي پلڪ جي ڇو نه هجي، ورهين جي غلاميءَ کان اتم ۽ اعليٰ آهي.“

سردار ڪتي پڇيس: ”ته پوءِ هنن تي تنهنجي ڳالهه جو ڪو اثر پيو؟“

وراڻيائين: ”اثر وري ڪهڙو سائين! ابتو هنن اها ڌمڪي ڏني ته هو اسان جي شڪايت وحشي ڪتن تائين پهچائي اسان کي نقصان رسائيندا ۽ جي ضرورت پئي ته مارائي به سگهن ٿا.“

گروهه جو سردار ڪتو سنجيده ٿي هڪ دفعو ٻيهر سوچ ۾ پئجي ويو. ٿوري دير ترسي هن ٻئي ڪتي کان پڇيو:

”تون ڪر خبر تنهنجي ڇا رپورٽ آهي؟“

ٻئي ڪتي وراڻيو: ”سائين مان اوهان جي نشاندهي ڪرائڻ تي، پهرئين ڪتي وانگر انهن سيني ڪتن سان مليس جيڪو گهرن ۾ رسن سان ٻڌل ته نه هئا پر عام رستن تي رلي رهيا هئا، جڏهن ته سندن ڪو به ٺڪاڻو ناهي هوندو. انڪري انهن سان ملڻ ۾ ڏکيائي پيش آئي، هنن جو به حال غلام ڪتن وارو آهي، بس فرق اهيو آهي ته هو رسن سان ٻڌل ناهن هوندا. انهن کي به احساس محرومي بلڪل ناهي، ٿوري گهڻي ملڻ، ذلت ۽ خواري ۾ خوش آهن، ڇا مليو ڇا کسيو ويو کين ان ڳالهه جي نه سُڌ آهي نه ئي ڪا پرواح آهي، وس وارن ڪتن جي حڪم تي هڪ ڪان ٻئي هنڌ تڙيا رهن ٿا. سو مان به پهرئين ڪتي وانگر انهن مان مايوس آهيان.“

سردار ڪتي پڇيس: ”ڀلا ڪنهن اسان جي ساٿ ڏڻ جي حامي ڀري؟“

وراڻيائين: ”ها سائين! هڪ ٻن ها ڪئي آهي، پر لڳي نه ٿو ته هو ساٿ ڏئي سگهندا.“

سردار ڪتي پڇيس: ”ڇو.... ۽ تو کي ائين ڇو ٿو لڳي؟“

وراڻيائين: ”ڇو جو انهن کي وحشي ڪتن جو ڊپ آهي، ۽ جان هر ڪنهن کي پيار ٿيندي آهي.“

سردارڪتي سندن ڳالهيون ٻڌي باقي ٻن ڪتن ڏانهن نهاريو پر اهي ڪنڌ نوائي ويهي رهيا، سردار ڪتو سندن خاموشي ڏسي سمجهي ويو ته هنن وٽ ٻڌائڻ لاءِ ڪجهه به نه آهي، تنهنڪري ٿوري دير خاموش رهڻ کان پوءِ کين مخاتب ٿيو:

”دوستو! جيئن ته مان اوهان کي هر دفعي جي ملاقات ۾ ان ڳالهه تي زور ڏيندو آهيان ته پنهنجو ڪم نهايت چالاڪيءَ سان ڪندا ڪريو، اهڙو ڪوبه رد عمل نه ڏيکاريندا ڪريو جنهن مان پتو پئجي سگهي ته اسان جو مشن ڪهڙو آهي؟ جيئن ته اوهان کي خبر آهي ته ڪجهه جاسوس ڪتا جيڪي لومڙ جي نسل مان ٿين ٿا، انڪري وڏيڪ چالاڪ هوندا آهن، جيڪي اسان جي گروهه ۾ ملي ڪري اسان جي هر ڳالهه وحشي ڪتن تائين پهچائين ٿا. وحشي ڪتا خود بگهڙ جي نسل مان ٿيندا آهن ۽ تمام گهڻا خونخوار ٿيندا آهن. هو سڀني نسل مٿان پنهنجو تسلط رکڻ چاهين ٿا ۽ هو هرگز به نه ٿا چاهين ته اسان آزادي سان هڪ منظم معاشري ۾ رهون، جتي هر هڪ کي پنهنجو حق حاصل هجي. ياد رکو ته هو اوهان کي پنهنجي گروهه ۾ شامل ڪرڻ لاءِ هر قسم جو وس هلائي سگهن ٿا. پر اسان کي پاڻ ۾ اتحاد ۽ ايڪو پيدا ڪرڻو آهي. محنت ڪري پنهنجي گروهه کي وسيع ڪرڻو آهي، جيڪو پوري نسل جي بقاءَ لاءِ بهتر آهي.... هاڻي پاڻ موڪلايون ٿا...ڪن بين هنڌ به اهڙيون ملاقاتون رکيل آهن.“

جيئن ئي سندن ميٽنگ پڄاڻي تي پهتي ته سندن مٿان وحشي ڪتن جي هڪ وڏي گروهه حملو ڪري ڏنو. ٽن ڪتن کي چيري ڦاڙي ڇڏيائون باقي ٻن کي ساڻ ڪري ائين وٺي ويا ڄڻ ته هو سندن ئي ساٿي هجن جيڪي جاسوسي خاطر ان گروهه ۾ شامل ٿيا هئا.

# مراد

وليداد عمر جي پنجاهين ڏاڪي تي اچي رَسيو هو. پر ڪيس ڪوبہ اولاد نہ پئي ٿيو. وليداد ڪي ولي عهد جي ضرورت هئي، ان ڪري هو ٽي شاديون ڪري چڪو هو. پهرئين گهر واريءَ کي شاديءَ جي پنجين سال اهيو ڪارڻ ڄاڻائي طلاق ڏئي ڇڏيائين جو هوءَ اولاد ڄڻڻ جي لائق ناهي. پهرئين گهرواريءَ جي طلاق ۾ سندس گهر ڀاتين جو بہ ڪافي حد تائين هٿ هيو. هر وقت طعنہ "نياڻي آهي، ڪنهن جو پاراتو لڳل اٿس، هن جي قسمت ۾ اولاد لکيل ئي ناهي بيماري اٿس ان ڪري سنڍ آهي وغيره ...!!!"

وليداد سرنديءَ وارو هو ۽ ان وقت عمر بہ اڃا گهٽي ڪونہ ٿي هيس انڪري ٻي شادي لاءِ ڪيس گهڻو انتظار ڪرڻو ڪونہ پيو. ٻي شادي کي بہ ٻہ سال گذري ويا پر حال وري بہ ساڳيا هئا. گهر وارن جا نئين ڪنوار ڪي ساڳيائي طعنہ ۽ پِٽ پاراتا. پر هن دفعي لوڪ جي لڄ ڪان طلاق ڏيڻ بدران هُن پيرن مرشدن ڏانهن رخ ڪيو. ڪِن ڪان ڏاڳا ڦيڻا ڪرايائين تہ ڪن ڪان تعويذ لکرايائين تہ وري ڪجهہ مزارن تي باسون الڳ باسيائين. پر سڀ ڪوششون بيڪار ويون ڪو بہ اثر ڪونہ ٿيو. ان ڪوششن ۾ ست سال ڪن ٻيا بہ گذري ويا. نيٺ بيزار ٿي هن ٽئين شادي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. پهرئين ڪان ٽئين شادي تائين جي سفر دوران سندس عمر پنجاهہ سالن جي لڳ ڀڳ اچي پهتي.

ٽئين شاديءَ لاءِ ڪيس ڪافي هٿ پير هڻڻا پيا، ڇوتہ سندس عمر وڌي هئي ۽ ڪيس ننڍي عمر واري ڪنوار گهربل هئي. ڪو بہ سياڻو ماڻهو ڏسي وائسي اهڙي رشتي ڪان انڪار ئي ڪري پئي سگهيو. انڪري هن پنهنجي شهر ڪان ٻاهر اهڙي ڪنهن غريب ۽ ضرورتمند خاندان جي تلاش ڪئي، جيڪو پئسن جي عيوض ڪيس پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ ڏئي. پئسن عيوض

سڱ ڏيڻ جي رسم گهٽجي ۽ پاڳي ختم ٿي پر ان هوندي به ڪن ٻهراڙين ۾ هيءَ ڪڏي رسم اڃا به جاري آهي. وليداد ڪي به هڪ ٻن سالن جي ڳولا ڪانپوءِ ويهن سالن جي ڪنوار ملي وئي، جيڪا هُن ٽِن لکن ۾ خريد ڪئي هئي.

نئين ڪنوار عمر ۾ گل جي مکڙيءَ جيان بلڪل نئين. جواني جي چائونٺ تي قدم رکڻ واري، چنبليءَ جي گل جيان خوبصورت هئي، سندس جسم جو جوڀن گلابن جي خوشبوءِ سان واسيل هو. جنهن ڪري وليداد کيس وڏيڪ اهميت ڏيڻ لڳو. اهميت ڏيڻ جو خاص سبب اهيو به هيو ته هاڻي وليداد ۾ اهو جوش ۽ جذبو به نه رهيو هو جو پنهنجي نئين ۽ ننڍي عمر واري ڪنوار جي ڦوهه جوانيءَ ۽ مست خواهشن کي پنهنجي لهندڙ سج جهڙن جذبن سان خوش رکي سگهي، نئين ڪنوار ۽ سندس عمر جي وچ ۾ عمر جي وٿي نه پر هڪ نسل جي وٿي هئي، جيڪڏهن کيس پهرئين گهرواريءَ مان اولاد ٿئي ها ته هُن جيتري سندس ڌوهتي نه به ته ڏيءُ ته ضرور هجي ها. وڏي عمر وارا مرد پنهنجي ننڍي عمر واري گهرواريءَ کي جڏهن خوش ڪري نه سگهندا آهن ته پنهنجي گهر واريءَ لاءِ سندن پيار ويتر وڌي ويندو آهي، سندن خيال اڃا به وڌيڪ ڪرڻ شروع ڪندا آهن ته جيئن گهٽجي گهرڻ پائڻ سان سندن ڌيان ڪنهن ٻئي پاسي نه وڃي، ۽ متان ڪنهن ٻئي هنڌ ڪا اڻ وڻندڙ حرڪت نه ڪري ويهن. پر حقيقت ان جي ابتڙ هوندي آهي. ڇو ته بک، اڃ ۽ جسماني ضروت فطرتي آهن جن جو ضرورت جي وقت انسان هر طرح سان پورائو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

وليداد جو نئين ڪنوار لاءِ لاڏ پيار کي سال ڪان مٿي عرصو گذري ويو هو، پر اولاد وري به نه ٿيو هو... ڏاڳن ڦيڻ، تعويذن ۽ مزارن جي باسن جو ساٿ هاڻي ڊاڪٽر جي دوائن به ڏيڻ شروع ڪيو. پر اهيو سڀ ڪجهه وليداد لاءِ نه پر نئين ڪنوار لاءِ هيو. سڪينه کي هڪ ڊاڪٽر مشورو ڏنو:

”اوهان ٻئي زال مڙس چيڪ اپ ڪرايو ته جيئن خبر پئي سگهي ته نقص ڪنهن ۾ آهي؟“

سڪينه ڊاڪٽر کي چيو: ”ميڊم! منهنجي مڙس کي يقين آهي ته خرابي مون ۾ آهي، ان ڪري هو چيڪ اپ ڪونه ڪرائيندو، اوهان منهنجو چيڪ اپ ڪريو.“

ڊاڪٽر صاحبه ڪيس ضروري ٽيسٽون لکي ڏيندي چيو:

”ٽيسٽن جو رزلٽ کڻي اچڻ وقت پنهنجي مڙس کي لازمي وٺي اچجو.“

ڊاڪٽر جي مشوري مطابق نئين ڪنوار ڪجهه ضروري ٽيسٽون ڪرائي ورتيون، هن وليداد تي زور پريو ته هو ڪيس ڊاڪٽر ڏانهن وٺي هلي نه ته هوءَ نه ويندي، وليداد جيڪو ڪيس خوش رکڻ لاءِ سندس تقريبن هر ڳالهه مڃيندو هو، ڪيس ڊاڪٽر ڏانهن وٺي وڃڻ لاءِ تيار ٿي ويو. ڊاڪٽر صاحبه پنهنجي ڪلئنڪ جي آفيس ۾ وڏي ڪرسيءَ تي ويٺي هئي، سندس سامهون ڪشادي ٽئبل جي اڳيان پيل ڪرسين تي وليدا ۽ سندس نئين ڪنوار سڪينه جيڪا هاڻي نئين نه رهي هئي، اچي ويٺا. سڪينه ٽيسٽن وارو فائيل ڊاڪٽر صاحبه کي هٿ ۾ ڏيندي وليداد ڏانهن اشارو ڪندي چيو:

”ميڊم هي منهنجو مڙس وليداد آهي.“

ڊاڪٽر صاحبه وليداد تي هڪ نّظر وجهي پنهنجي نظر وارو چشمو اکين تي چاڙهيندي ٽيسٽن جو مشاهدو ڪرڻ لڳي. ٽيسٽون ڏسي ڊاڪٽر صاحبه وليداد کي مخاطب ٿيندي چيو:

”سڪينه، مطلب توهان جي گهر واري هنن ٽيسٽن مطابق بلڪل نارمل آهي، اولاد ڄڻڻ جي به ڀرپور سگهه رکي ٿي، پر توهان کي ڪجهه ٽيسٽون لکي ٿي ڏيان، جيڪي جلد ڪرائي وٺو ته جئين اوهان جو علاج ٿي سگهي. ان ۾ ڪا لڄ يا شرم جي ڳالهه ناهي، هي هڪ عام مسئلو آهي.ان ڪري اوهان کي به شرم جهڙي فضول ڳالهه تي توجه ڏيڻ جي ضرورت ناهي.“

ان وقت ڊاڪٽر صاحب جي اڳيان هو ڪجھ ڪين ڪڇي سگھيو پر گھر اچي ڏمرجي پيو چوڻ لڳو:

”ڇٽ ڊاڪٽر. ڀلا مرد کي ب علاج جي ضرورت هوندي آهي ڇا؟ مرد ۾ هميش سگھ هوندي آهي ت ٻار ڄڻڻ ۾ عورت جي مدد ڪري. باقي ٻار ڄڻڻ جي سگھ عورت ۾ گھٽ هوندي آهي.“

سڪين چيس: ”تي سگھي ٿو ڊاڪٽر صحيح هجي. ڀلا ٽيسٽ ڪرائڻ ۾ ڪهڙو هرج آهي؟“

وراڻيائينس: ”لڳي ٿو ت مونکي چوٿين شادي ڪرڻي پوندي. هوئين ب مذهب اسان مردن کي چار شادين جي اجازت ڏئي ٿو... هل ت سپاٽي مرشد کان تعويذ وٺي اچون ۽ سائين جي درگاه تان ب ٿي اچون. ڏسان ت ڪيئن ن ٿو اولاد ٿئي.“

سڪين وراڻيس: ”ڏس وليداد! مونکي تنهنجي هڪ دفعو وري شادي ڪرڻ يا مرشد ڏانهن ڏاڍي ڦيٽي لاءِ هلڻ ۾ ڪو اعتراض ڪونهي. پر تون اڳ ۾ ب شاديون ڪيون آهن پر انهن مان ب ڪو نتيجو ڪون نڪتو آهي. اسان ٻين بيمارين جو ب ت علاج ڪرائيندا آهيون. ت پوءِ هن مسئلي لاءِ دوا ڇون ٿا وٺي سگھون؟“

وليداد جنهن کي پنهنجي جوان مردي تي ناز هو ۽ اهو تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ئي ن هو ت مرد سان ب ڪو اهڙو مسئلو ٿي سگھي ٿو. سڪين کي حڪم ڪيائين ت:

”مان ڪجھ ن ٿو ٻڌان بس تون سپاٽي مرشد ڏانهن هلڻ لاءِ تيار ٿي.“

اڳئين ڏينهن وليداد سڪين کي ساڻ ڪري پنهنجي مرشد وٽ وٺي ويو جتان تعويذ وٺي سائين وڏي جي درگاه جي حاضري ڀري واپس گھر موٽي آيا.

وليداد جو ننڍو ڀاءُ طاهر تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ ڪراچي ۾ ڪاروبار ڪندو هو. ڪجهه ڏينهن لاءِ ڪم سانگي پنهنجي ڀاءُ جي گهر ۾ ترسيل هو. هو قداور ۽ خوبصورت هجڻ سان گڏ وڏو عياش پرست نوجوان هو ۽ ان سبب ڪري ئي هن اجا تائين شادي ڪانه ڪئي هئي، پيسي جي زور تي ڪنهن به ڇوڪريءَ کي پنهنجو ڪرڻ ۾ دير نه لڳائيندو. گهر ۾ طاهر جي ماني ٽڪي ڏيڻ وٺڻ جو جوڪم سڪينه ڪندي هئي. جيڪا طاهر جي چالاڪيءَ واري خوش اخلاقي جي سبب ساڻس جلدئي گهِري ٿي وئي هئي.

انهن ئي ڏينهن ۾ سائين وڏي جي درگاهه تي ميلو لڳل هو. سنڌ جي پيرن فقرن جي درگاهن تي جيڪي ميلا لڳندا آهن انهن ۾ شام جو ملاکڙن ٿيندا آهن ته رات جو اهي ميلا راڳ جي محفل سان سَجيل هوندا آهن. پراڻي دؤر انهن ۾ ميلن ۾ ديسي فنڪار راڳ ڳائيندا هئا ۽ پنجاب جون ناچڻيون پنهنجي فن جو مظاهرو ڪنديون هيون. راڳين کي ورلي ڪو داد ملندو هو ۽ مشڪل سان پنهنجو خرچ پکو ڪڍي سگهندا هئا. پر ناچڻين وٽ وڏيرا، زميندار ۽ ڪجهه ٻيا سرنديءَ وارا پنهنجو الهه تلهه ڦرايو ويندا هئا ۽ گادي نشين مفت ۾ پيا مزا ماڻيندا هئا. پر هاڻ منافع بخش ڪاروبار ڏسي پرديسي پکيئڙن جي جاءِ گهٽي ڀاڳي ديسي ڪونجن ولاري ورتي آهي. وليداد به ٻين چڱن مڙسن وانگر سڄي رات ميلي ۾ ناچڻين جي رقص مان پيو محو ٿيندو رهيو.

گرمين جا ڏانهن هئا. منجهند جو وقت هو. گهر جو هر هڪ ڀاتي پنهنجي ڪمري ۾ آرامي هو. هر طرف آڌيءَ رات جيان خاموشي لڳي پئي هئي. ميلي ۾ سڄي رات جي گذارڻ، اوجاڳي ۽ وري صبح جو ضروري ڪم ڪار مان واندو ٿي وليداد به پنهنجي ڪمري ۾ گهري ننڊ ستل هو. طاهر شهر ۾ پنهنجي دوستن سان ملاقات ڪري واپس آيو هو. سڪينه سندس انتظار ۾ هئي ته هو اچي ته ڪيس ماني ڏئي هوءَ به ڪجهه گهڙيون آرامي ٿئي. طاهر

پنهنجي ڪمري ۾ داخل ٿي وينو ئي مس تہ سڪينہ ماني کڻي سندس ڪمري ۾ صوفي جي پرسان پيل ٽيبل تي اچي رکندي چيائينس:

”ايتري دير نہ ڪبي آهي، سڀ پيا آرام ڪن ۽ مان ويٺي تنهنجو انتظار ڪريان.“

طاهر منهن تي مرڪ آڻي وراڻيس:

”واقعي ايتري دير ناهي ڪبي، ڪنهن کي ايترو انتظار ناهي ڪرائبو.“

”اهو تہ مان چوان ٿي“

”ها ها، مان بہ تہ اهو توکي سمجهائي رهيو آهيان.“

طاهر، سڪينہ کي پنهنجين ٻانهن ۾ قابو ڪندي چيو. سڪينہ جو جسم جيڪو ٿر جي ريگستان تي چڪو هو جتي ورلي ڪي مينهن ڪڻيون پونديون هيون ۽ جنهن کي شديد برسات جي ضرورت هئي، ڇاڪاڻ سندس جسم جي وراياسي پٽ تي ڪافي عرصي کان ڪو وسڪارو نہ ٿيو هو ۽ نہ وري ترت ڪنهن اُتي جي اميد هئي. طاهر جي سيني سان لڳي ڪيس مينهن جي پهرين ڪڻين جي وسڻ ڪري مٽيءَ مان نڪرندڙ هٻڪار محسوس ٿي. ڏڄ ۽ گهٻراهٽ جي احساس مان ڪيس چيائين:

”ڇا مطلب....!“

”مطلب سڀ ننڊ پيا آهن، موقعو سنو آهي. دل ڪري پئي ساوڻ جي مينهن وانگر تنهنجي سرزمين تي وسي پوان.“

”پوءِ ڪنهن روڪيو اٿئي، وسي پئو....“

پوءِ ڪافي دير تائين ريگستان تي تيز بارش ٿي ۽ وارياسو پٽ جرڻ ٿي ويو جنهن جي آلاڻ سڪينہ جي رڳ رڳ ۾ رَلجي وئي. ٻئي ڏينهن ئي طاهر هوا جي ڪلهن تي سوار ڪڪرن جيان ڪراچي روانو ٿي ويو. پر سندس وسڪاري سبب سڪينہ جي سڪل نوٽ جسم مان ساوا گونچ ڦٽڻ لڳا، هوءَ جيڪا پهريان ان خوف ۾ ورتل هوندي هئي تہ وليداد چوٿين شادي نہ ڪري،

هاڻي سندس جسم جي زرخيزيءَ ڪيس اهڙي خوف واري ڪيفيت مان آجو ڪري ڇڏيو هو. ٿوري ئي وقت ۾ سندس جسم جو ورياسي پٽ مان سرسبز ۽ شاداب ٿي ويو جيڪو ڪنهن گلستان کان گهٽ ڪين پئي نظر آيو.

سانوڻ جو مينهن بهار جي موسم ۾ پنهنجو آخري جوهر ڏيکاريو. سڪينہ جي جسم مان گلاب جو گل ڦٽي نڪتو هو. جنهن پوري گهر کي واسي ڇڏيو هو. هر طرف خوشيون هيون. گهر ۾ نئين آيل مهمان کي ڏسڻ لاءِ ڪافي ساريون عورتون آيل هيون. حاجرا پئي چيو:

”پيءُ جهڙو آهي.... پر وات ۽ نڪ پنهنجي چاچي طاهر جهڙو اٿس....“

ساران چيو: ”نہ ادي! صفا چاچي جهڙو آهي.“

ڪراڙي ماسي هدايت چيو: ”طاهر جهڙو آهي بہ تہ ڇا ٿي پيو. هو بہ تہ سندس چاچو آهي. آخر پنهنجي خاندن تي ئي ويندو.“

وليداد سڪينہ کي چيو: ”نياڳي ڊاڪترياڻي. ڇئي پئي تہ تون علاج ڪراءِ. چيو نہ هيومانءَ اولاد ٿيندو. آخر مرشد سائين جي دعائن ۽ سائين وڏي جي ڪرامتن جي اڳيان انگريزي دوائن جي ڪا پيٽ آهي ڇا؟“

وليداد جي ٻئي گهر واري ڀاڳل چيو: ”توهان ڪٺي ڇا بہ چئو پر وليداد جي مراد مرشد جي دعا ۽ سائين وڏي جي ڪرامت جي ڪري ٿي آهي.“

# غيرت

بئنڪ ۾ بينظير انڪم سپورٽ جا پئسا اچي ويا هئا. تمام گهڻي رش جي ڪري واحد بخش کي انتظار ڪندي شام جا چار ٿي ويا هئا. بئنڪ جي اي ٽي ايم (ATM) مشين تي عورتن ۽ مردن جي تمام گهڻي پيهه هئي، مردن ۽ عورتون جي وچ ۾ صرف ڪپڙن جي وٿي هئي.

عورتن کي جلد وارو ملي رهيو هو. ان ڪري واحد بخش پنهنجي پيڻ رحمت کي وٺي آيو هو جيڪا ان رش ۾ مردن سان گڏ انهن جي وچ ۾ بيٺي هئي. سنڌي عورتون اڪثر اڻپڙهيل هونديو آهن، انڪري رحمت پنهنجي واري اچڻ تي، هڪ مرد کي مشين مان پئسا ڪڍڻ لاءِ ڪارڊ ڏنو جيڪو ٻه سؤ روپين جي عيوض سيني کي ATM مان پئسا ڪڍي ڏئي رهيو هو. پئسا ڪڍرائي ٻئي گهر پهتا.

سڄ لٿي ڏاري سندس پيڻ پنهنجي سؤٽ کي ATM مان پئسا ڪڍرائڻ جو احوال ڏئي رهي هئي. واحد بخش پري کان سندن بي تڪلفي سان ڳالهائڻ ڏسي رهيو هو.

واحد بخش صبح جو ٿاڻي تي پيش پئي پوليس کي ٻڌايو ته هن غيرت جي نالي تي پنهنجي پيڻ ۽ سوٽ کي قتل ڪيو آهي.

# آسيہ مخدوم قريشي

**قلمي نالو:** مخدوم آسيا نعمت الله قريشي.

**ولد :** مخدوم نعمت الله قريشي.

**جنم هنڌ:** ديهہ گهيڙ گجو ڳوٺ متل خان آريجو.

**جنم تاريخ:** 1 آگسٽ 1997ع

**تعليمي لياقت:** فرسٽ ايئر. (ڪاش اسين بہ ايئن پڙهي سگهون هان جيئن دنيا جون ٻيون نياڻيون پڙهن ٿيون)

**حفظِ قرآن:** مدرسہ عربيہ مصباح الهدي خالد بن وليد مخدوم آباد ۽ جامعہ بنوريہ للبنات ڪراچي.

**هاڻوڪو پتو:** سيال محلہ گچيرو روڊ مورو.

ڪهاڻي ادب جي ظالم صنف آهي. ڪهاڻي دردناڪ سچ آهي. پير جي ڪُڙي ۾ بير جو ڪنڊو ۽ لهندڙ سج سان گڏ مري ويل گُل جي ٻيهر نئين جنم جي آس جو نئون نالو به ڪهاڻي آهي. اهو ويساهه شعور لاءِ جاڳندڙ ڏيئي جهڙو ڪافي آهي ته سنڌي جديد ڪهاڻي ٻڪرال مينهن جهڙي مزاج کان ڪڏهن به لاتعلق ناهي ٿي. ايڪهين صدي جي ڪهاڻي جو چهرو قبول ڪرڻ اسان جي ذميواري آهي.

اسان جي باشعور، بيباڪ، باصلاحيت ليکڪا **مخدوم آسيه قريشي** جون سنجيده ڪاوشون ساراهه لائق آهن. هن جي چند ڪهاڻين جي مطالعي مان پروڙ پوي ٿي ته هن وٽ شعور ۽ وجدان جو سنگم آهي. خاص ڳالهه اها آهي ته هن لفظن سان ڳالهائيندڙ ڪهاڻيون لکيون آهن. هن جون ڪجهه ڪهاڻيون نثري نظمن جهڙو مزاج رکن ٿيون ته ڪي مڪمل اصل ڪهاڻي جو اسلوب رکن ٿيون، پر خصوصيت اها آهي ته اهي مقصد سان ڀرپور آهن. **(پيش امام)** ڪهاڻي جي موضوعيت ڇرڪائيندڙ آهي ته ليکڪا جي شعوري اپروچ ۽ بيباڪي به داد لائق آهي. **(ديوارن کان اڳتي)** ڪهاڻي انتهائي بامقصد ۽ دلڪش آهي، جيڪا گهڻو متاثر ڪري ٿي. اها ڪهاڻي انساني ڏاهن آهي، جنهن جي دائميت رهڻي آهي. **(دريءَ ٽوري ڪليل ڇڏجو!)** ڪهاڻي واقعي شاندار ۽ جاندار سان گڏ انتهائي روح رهڙيندڙ ۽ دردناڪ آهي، درد کي محسوس ڪرائڻ جي شاهڪار آرٽسٽ نگاري هن ليکڪا جي زبردست ڪاميابي سمجهان ٿو. مجموعي طور اهو چوندس ته هڪ نئين ليکڪا هئڻ باوجود هن ۾ جيڪو ڪهاڻي لکڻ جو روپهرو اتساهه ۽ پٽريلو حوصلو موجود آهي اهو بيمثال آهي.

**ايوب کوسو**

# دري ٿوري کليل ڇڏجو!

هن کي لڳو هو تہ هر ديوار ڄڻ انا پرستيءَ جي سيمينٽ مان جڙيل آهي .
”۽ ڇت...!!!“ هن ڇت ڏي نهاري پڙڪيو: ”ڇت تہ ڄڻ غيرت جي نالي تي قتل ٿيل بي گناهہ ناريءَ جو وجود پئي لڳي“
هيءَ پٿر جون ديوارون جن سان منهنجي هر دعا ٽڪرائجي موٽي اچي ٿي . ٽڪرائجي ڪڏهن تي ؟؟؟؟ بد دعا ٿي منهنجي جهوليءَ ۾ ڪري ٿي. هوءَ سوچيندي رهي، سواءِ سوچڻ جي مون وٽ بچيو بہ ڇاهي“؟؟؟ هوءَ ڪنهن منجهيل سوال جيان پنهنجي اڳيان بيٺي رهي. هڪ سوال جنهن جو جواب نہ سج ڏئي سگهيو هو نہ رات جي جوين تي ايرنڊڙ چنڊ. هن هر موسم کان اهو هڪڙو ئي سوال ڪيو هواداس هوائون هن جي لاش جهڙي وجود سان ٽڪريئجي موٽي ويون هون، پر هوءَ تن موسمن جي اکين ۾ پنهنجي سوال جو جواب ڳولهي نہ سگهي هئي. هو پڇڻ پئي چاهي تہ: ”آخر ڇو اسان هنن ڇئن پتين جي نهيل قبر اندر ٻوساٽجي مري ويندا آهيون...؟؟“ ماءُ جي پيٽ واري قبر مان نڪري، هي قبر وري ٻي ۽ آخري قبر! ڇا قبر کان شروع ٿي قبر جي گهگه اونداهين تي ختم ٿيل جيون کي جيون چئجي....؟ زندگي ڪيڏي وڏي راند ڪيڏي آهي اسان سان! اسان تہ مرده آهيون بس لاشا، انا ۽ غيرت تي قتل ٿيل لاشا جيڪي جيون جي جيئندان لاءِ پاڻ پتوڙين ٿا. جيڪي بي گناهہ قتل ٿيل ارمانن ۽ احساسن جي لاءِ انصاف جي گهر ڪن ٿا. هو جيڪي اسان تي ڪوٽ اڏين ٿا، تن کي هٿ جي اشارن سان ايلاز ڪيون ٿا تہ:

”دري ٿوري کليل ڇڏجو“

هو ڪيڏي تہ ڪن لاتار ڪن ٿا.

”هو ڇو اسان کي روشن سج ڏسڻ کان روڪين ٿا ؟؟؟ هو اسان کي گهپ اونڌهين ۾ ڌڪي آخر ڪهڙو پنهنجي لاءِ سڪون ۽ ڪهڙو روشن صبح تلاش ڪن ٿا“؟؟؟

هن جي ڪاڀي اک مان ڳوڙهو وهي ڇڳل ڪٽ جي ٻانهنيءَ تي ڪِريو!

مون گهڻو رنو آهي پر ڪجهه به ته نه وريو!!! ڳوڙها اسان جا ايئن ڌرتي پي وئي ٿر جي پياسي واريءَ جيان. ڪنهن در جو ڪڙو ڪوليو ٻاهران هوءَ واپس موٽي اداسين جي جهان مان عاليشان بوٽ پاٽل به پير اڳتي وڌيا هن کي لڳو ته هو ڪو پيو آهي ڇو ته سوٽ بوٽ پيا ها پر نه ... هو ساڳيو هو. هن جي اکين ۾ اهائي اناپرستي جرڪي پئي، هن جي هلڻ ۾ اهوئي هوڏ ۽ هٺ هو.

”ڪجهه ڪپئي ته نه“؟؟؟؟

رعب ۽ ڪروڌ مان ڇيل لفظ پٿين جي ڪنن سان ٽڪرايو-

هن سوچيو هي هيترن سالن ۾ ڪجه نه ڏئي سگهيو آهي، سِوائي خيرات جي ٻن ٽڪرن ۽ ٽن لَٽن جي، سو هاڻ ڇا ڏيندو؟؟؟ ڇو جو هن وٽ ڏيڻ لاءِ اگر ڪجه هيو ته بس به ٽڪر خيرات جا ۽ اوگهڙ ڍڪڻ لاءِ ٽي وال ڪپڙو!! هو اگر ڏئي به سگهيو هو ته بس غيرت، انا، نفرت، ڪِروڌ جون نظرون ۽ حاڪميت! ڇو نه ڪري حڪم پيلا ؟؟؟ هو پاڻ کي هر حڪم ڏيڻ جي قابل جو سمجهي ٿو. هي معاشرو هن جو نهيل آهي.

”ڪاٿي گم ٿي وئينءَ توکان ڪجهه پڇيم“

حاڪم جو منهن ڪاوڙ ۾ ٻاڙهو ٿي ويو.

محڪوم بي جان بت جان اڳيان بيٺي رهي.

” مون کي .... م..... “ مون کي هن چپ چوريا-

(ڇا اڄ به هميشه جيان ساڳي خيرات گهران؟؟ اهو ته ٻيرن کان ٻير گهرڻ ڪيڏي بيوقوفي آهي) ضمير هن کي ملامت ڪئي.

”مون کي ڪجهه نہ کپي بس ... ويندي ويندي دري ٿوري کولي وڃجان! تہ جيئن آئون آڪاش جي ستارن سان ڳالهائي سگهان، پرهہ جو سورج پسي سگهان، ڪئي سال ٿيا آهن هوا سان ملاقات ناهي ٿي. بس مهرباني ڪري دري ٿوري کليل ڇڏجو.“

هن جون اداسيون ويراڳ ٻڌجي هن جي اکين ۾ لهي آيون!

”نہ .... نہ اهو ناممڪن آهي“

حاڪم جا لفظ هن جي تنهائين کي وڌائي ويا ۽ دروازو زور سان بند ٿيو. اونداهي ڪمري ۾ سرپاٽ ڪرڻ لڳي، هوءَ چنل ڪٽ تي پاڻ ڪيرائي ڇڏي ٿي. هي ساٿي جيڪي جيئري ئي هن جي قبر ۾ رکيا ويا ها، چنل ڪٽ اونداهي ۽ ڳوڙها !! پَرِين پت جي جارَي ۾ رکيل هڪ پراڻو ڏيئو جيڪو صدين کان انداهين سان وڙهي وڙهي ٿڪجي پيو هو. تنهن پڙڪا پي ڪاڏا، ڏيئي جا سڏڪا هن دل کي ميڻ جيان ڳاري رهيا هئا ! هن جون اکيون ڏيئي ۾ کپي ويون هون جيڪو آخري پساهن ۾ هو. سوچ هن جو ساٿ نہ ڇڏيو.

”اڄ بہ دري نہ کلي هئي “

هن جي نيڻن جا بند پڄي پيا. هن اکيون بند ڪري ڳوڙهن کي ڳلن تي ڪرڻ ڏنو. وري اکيون کوليون --- وري بند!

”ڇا ڏيئي جي تقدير ۾ فقط جلڻ ۽ ٻين کي روشني ڏيڻ آهي؟؟؟“

گلابي جوپن کان وني چمڙيءَ جي ڪومائجڻ تائين هن کي ڪنهن بہ سوال جو جواب نہ ملي سگهيو هو. هو ڪيڏي تہ ڪن لاتارڪ ڪن ٿا، هو ڇو اسان کي روشن سج ڏسڻ کان روڪين ٿا.

اسان...ڪ ... ي.. اونداهين ... ۾ ڏڪي ....

هن جون اکيون بند ٿيون، ڏيئون وسامي ويو .

لَڙيو سِج لَڪن۾ راسيون رَتائين،

مون کي ماريائين اديون اونداهي ڪري.

# ديوارن ڪان اڳتي

”هن ڪان وڏيڪ سٺو موقعو ڪون ملندئي مومل ! هو سڀ وڏيري ستار سان گڏ ورڪ تي ويا آهن. هميشہ جيان اڄ بہ دير سان ايندا- تون هلي وڃ ! مومل هلي وڃ“

سومل ننڍي ڀيڻ کي ايلاز ۾ ڪجھ جوش ۾ اچي چيو.

”ادي آئون هلي وڃان تہ پوءِ توهان جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيندا. هن جهنم ۾ اچا بہ داروغا وڌائي ڇڏيندا. ڀتون وڌائيندا, هي هر وقت اذيتن جي عذاب مان توهان کي گذاريندا- منهنجي نہ ڪيل گناهن جي سزا توهان ڀوڳيندئون, مان نٿي وڃي سگهان ايئن, ادي نہ.“

مومل جون اکيون ڀڄي ويون.

”تون اسان جو فڪر نہ ڪر مومل هو عذاب ڪري ڪري هري ويا آهن.

هو ڪمزور آهن بس اهوئي ڪري سگهن ٿا! اسان سَهي سَهي پٿرن جا ٿي ويا آهيون... پر اسان جي ڪا گذري آ ڪا ويندي گذري- توکي مان هنن ديوارن جي اندر گهٽجي گهٽجي مرڻ نہ ڏينديس, هتان هن جهنم مان توکي آزاد ڪرڻ ٿي گهران مان“

سومل ڀيڻ ڳوڙهن کي هٿن سان اگهندي چيو-

”ادي اسان کان هر هٿيار کسي هوندي سوندي معذور ڪري ويهاريو ويو آهي اسان ڪنهن بہ قسم جي بغاوت نٿا ڪري سگهئون, سچ تہ اهو آهي هن معاشري ۾ عورت جي لاءِ ڪا بہ چانو ناهي, نورالهدي شاھ لکيو هو ڪاٿي (آيل جي پيٽ کان قبر جي گهور اونداهين تائين اسان ان محڪوم قوم وانگر آهيون جيڪا بغاوت تہ جيڪا بغاوت تہ ڪرڻ چاهي پر هن وٽ هٿيار ناهن)“

مومل جي اکين مان وري نار وهڻ لڳا-

”ڏس مومل اسان کان سمورا حوصلا کسي اسان کي هٿ سان محڪوم بڻايو ويو آهي اسان کي انهيءَ جي ڪري تعليم جي زيور کان محروم رکيو ويو ته جيئن حق گهري نه سگهؤن- پر تو وٽ تعليم آهي مومل پل ته ڪا ڏگري نه اٿئي پر تو وٽ قلم آهي قلم ۾ قلم کان وڏو ڪو هٿيار ناهي هوندو.تون انهيءَ قلم سان جنگ جوٽي سگهين ٿي، هنن دجالن سان تون گهڻو ڪجهه ڪري سگهين ٿي. نورالهدي پاڻ به هڪ سيدياڻي آهي، پر هن انهن ڪڏين رسمن کي ڪين مڃيو هن ميرن پيرن شاهن سيدن ۾ وڏيرين جي پت وائکي ڪئي، ۾ ڪوڙن انا پرست بيغيرت بي شعور مردن کي ڏينهن جا تارا ڏيکاريا ڇا جي زور تي مومل ٻڌائي ڇا جي زور تي؟؟ قلم جي زور تي علم جي زور تي. ۾ مومل تو ۾ اهو حوصلو ۾ همت آهي، تون وڏي وڏي واڪي سچ چئي سگهين ٿي. تون ئي ته پڙهندي آهين جوش ۾ هو ستون ڪنهن شاعر جون.

”هيءَ عزم نه ٽيندو قيد ڪڏهن،
زنجيرون پل ڪڙڪائي ڏس-
پر سچ وڏي واڪي چئبو،
تون سوليءَ تي لڙڪائي ڏس.“

ڪنهن باغي ليڊر جيان تقريري انداز ۾ سومل پيڻ کي حوصلو ڏيندي چيو-

”پر ادي توهان سين کي هن آسمان جيڏين ديوارن ۾ چڏي ڪيئن ويجان توهان سيني کي جن قيد ۾ عذاب ۾ وجهي مان آزادي ۾ خوشيون ڪيئن ٿي ماڻي سگهان؟“

”مومل چري نٿي، هنن وڏين ديوارن کان اڳتي سوچ...صرف سوچ نه لوچ به، ۾ تون لوچي هنن ديوارن اندر نٿي سگهين. هنن پٿين اندر بس سوچي ۾ چريو ٿي سگهجي ٿو! اهڙي سوچ . لوچ جو فائدو ناهي مومل ! اهڙو سوچن ۾ انقلاب اسان به آڻڻ چاهيو هو پر اسان جون زبانون ڪپي، ڪنڌ وڍي، پيرن ۾

زنجير وڌا ويا. اسان جي لو...چ کي اسان ... ج...ي... سامهون بيدرديءَ سان ڪهيو ويو هو- توکي خبر آهي نه موملِ اسان جون دعائون به هنن ديوارن سان ٽڪرائجي پرزا پرزا ٿي ويون هون.هيءَ ديوارون اسان سان گڏ اسان جي بيوسيءَ تي لڙڪ لاڙينديون آهن. تون پنهنجو پاڻ کي ۽ پنهنجي خوابن کي هن قبرستان ۾ دفن نه ڪر ... مومل نه."

سومل جي لفظن ۾ صدين جو درد لهي آيو هو ۽ گهنجيل اکين جا لڙڪ لڪائي نه سگهي- وڏي پيڻ جي وڏين ۾ ٿوٽ اکين مان وهيل لڙڪ ڏسي مومل جهري پئي, هو اکيون جيڏيون وڏيون هون روئي روئي سڄي سڄي اوتريون ئي ننڍيون ٿي ويون آهن. هوءَ سوچڻ لڳي, پشپا ولپ جون سٿون ياد پيس "وڏين ڪارين اکين مان ڳوڙها پاسن کان وهي ڪڏهونڪو سڄي ويا" ۽ پيڻ سان گڏ رني منهن ملائي منهن سان.

"ادي تون منهنجو حوصلو آهين, تون ئي ائين روئندينءَ ته آئون ڪجھ نه ڪري سگهنديس"

مومل پيڻ جا ڳوڙها اگهندي وري روئي ڏنو-

"سومل صحيح ٿي چوئي ڏيءَ! هن جديد دور ۾ به اسان توکي هنن ديوارن جي قبرستان ۾ ڏانهن رات ٽيندڙ هيءَ عذاب سهڻ ڪون ڏينداسين-"

"اسان سڀ متفق آهيون سومل سان, تون هتان هلي وڃ مومل"!

"تو وٽ قلم جهڙو هٿيار آهي, تون بغاوت ڪري سگهين ٿي جتي به رستا بند ڪيا وڃن اتان ٽيون رستو اختيار ڪجي"

هيءَ جهريل ۽ حوصلي سان ڀرپور آواز مومل جي ٿنهي يقين جا هئا.

جن جون اکيون سر ڪيڏاري جهڙيون هيون ۽ هٿ هاڻ جوان نه رهيا ها,

انهن گهنجيل هٿن تي سهاڳ جي مهندي نه لڳي سگهي هئي ! هنن جا ڪارا وار هاڻ اڇي چادر اوڍي اگهور ننڊ جي ور چڙهي چڪا هئا-

”جيڪي پر تنهنجا انائن ۾ ڪوڙين غيرتن ڪتي چڙيا هئا اهي پر توکي واپس ڏيڻ آيا آهيون. تون هنن ديوارن ڪان متي گهٽو متي اڏامي وڃ مومل“

وڏي پڦيءَ ويجهو اچي مومل جي جوان ڪنوارن معصوم ڳلن تي ماءُ جيان هٿ رکي چيو.

”هيءَ سوکڙي مومل مون پاران“

”هن ۾ ڇاهي پڦي“ ؟؟

مومل تعجب مان پڇيو-

”هن ۾ ڪجهه زيور ۽ پئسا آهن جيڪي توکي ڪم ايندا“

”پر پڦي.....!!!؟“

”نه پر ڪي ڇڏ - هوئن به اهڙو سون گهوريو جيڪو ڪن ڇني سون سهاڳڻيون پائينديون آهن مومل ۾ جن لاء سهاڳ ڃائو ئي نه هجي اهي سون پائي اڏامنديون ته ڪون... هي ته بس دولت آهي جيڪا اسان ڪان وڌيڪ توکي ڪم ايندي- ياد رکج ٻاهر رهڻ به سولو ناهي“

پڦيءَ جي اکين ۾ وساٽيل خواب جاڳي پيا ڄڻ-

”ڳالهه ٻڌ مومل! تبديليءَ لاءِ هڪ ماڻهو ئي ڪافي هوندو آهي. عظيم انقلابي مائوزيتنگ چيو هو ته (هزار ميلن جو فاصلو طي ڪرڻ لاء به پهرين هڪ قدم ڪان شروعات ٿيندي آهي.) ۽ تون اهو هڪ قدم کڻ ته سهي هزارها فاصلا پاڻهئين طي ٿي ويندا. هن ڌرتيء جون سڀ مظلوم نياڻيون تنهنجي سڏ کي ورنائينديون. ڪوڙ ماڻهو تنهنجو آواز ٻڌجي توڏانهن ايندا پر انهيءَ لاءِ توکي جتان نڪرڻو پوندو. هنن ڀتين ڪان اڳتي آواز ڪيڏانهن به ناهي ويندو پلي ڪيڏيون به رڙيون ڪر. هتي ڪير نه ٻڌندو قتل کوهه ۾ مظلوم نياڻين جي حقن لاءِ علم کوڙڻو اٿئي ته توکي اڳيرو ٿيڻو پوندو باقي هوت ڪاميابيءَ

جي صورت ۾ تنھنجي سامھون ضرور ايندو. ياد رکجان ھيءَ آواز ھڪ تنھنجو آواز ناھي، ھن ڌرتيءَ جي مظلوم نياڻين جو آواز آھي“

سومل ڀيڻ جي ٻنھي ڪلھن تي زور سان جوش جذبي سان ھٿ رکندي چيو-

”ادي امان ھجي ھا اڄ ڪاش“

سومل ماءُ کي ياد ڪري روئي پئي-

”ادي آئون بابا کي ڪڏھن بہ معاف نہ ڪنديس ھن امان کي بنا ڏوھ بيدرديءَ سان اسان جي اکين اڳيان ماري ڇڏيو ھو، اھو ڳاڙھو رت اڄ بہ نظر ايندو اٿم، ھن جو ڏوھ اھو ھو جو ھوءَ تنھنجي شاديءَ لاءِ ضد ڪري رھي ھئي...“

”ڇري پراڻين ڳالھين تي روڄ نہ ڪر بس ھنن راڪاسن کي ڇڏ ھيءَ تہ سڀ قيامت جي ڏينھن انھيءَ مردن جي ٽوليءَ مان اٿاريا ويندا جن کان ڏمرجي رب پاڪ پڇندو: (ءِ ڪھڙي ڏوھ جي ڪري نياڻيون ماريون ويون؟؟؟) القرآن .... تون ڏسجان سومل اسان جون آھون، ھنن ڪوٺن کي ضرور ڪيرائينديون، منھنجي آھ اھا ڪڏھن ڪيرائيندي ڪوٺ کي.

سومل اجرڪ ويڙھيو پاڻ کي ءِ ٽيلھو ڪنيائين-

”ءِ ھو ادي جيڪي حويليءَ جي حفاظت لاءِ ويٺل آھن ٻاھر چمچا تن کي خبر ڪون پوندي؟“

سومل پريشان ٿي وئي-

”انھن کي تون ڇڏ ھو اڄ گھري ننڊ ۾ آھن“

ٻيو نمبر ڀڦيءَ ڳالھايو-

گھٽو ئي ڳوڙھن کي جھليو ھئائين پر وڏي ڀڦيءَ جي پيرن تي ھٿ رکي روئي پئي -

”تون بھادر ڏيءُ آھين... تون ... تون نہ رو“

پاڪر پريندي پڦي روئي پئي  تہ وري سڀ سڏڪڻ لڳيون. ٽنهي پڦين کان واري سان روئي موڪلايائين, رڳو لڙڪ ها جو اجرڪ تي آلو ٿي ويس-

”تون حوصلو نہ هارجان هن ڌرتيءَ جون سڀ مظلوم عورتون تنهنجون مائرون ڀينرون ۽ پڦيون آهن تون انهن جو آواز ٿيجان, اهڙي طرح ڪامياب ٿيجان جو جو اسان سڀ عورتون هن معاشري جي ڪوڙين انائن ۽ بي شعورين کي ٺڏي هڪ آواز تي الاعلان چئي سگهئون,

انڌي دستور کي بي ٽڪي تور کي

اسن نٽا ميچون.... ٿا ميچون

سومل جا لفظ چپن ۾ ساھ ڇڏڻ لڳا

”هيءَ راڪاس تنهنجي بغاوت کي ڀتون نٽا ڏئي سگهن“

سومل وري ڳالهايو-

”الاهي دير ٿي وئي آهي - انهيءَ اڳي جو اجا گهڻي دير ٿي وڃي... هاڻ جهٽ ڪر دير نہ ڪر مومل“

پڦيءَ ڳوڙها پنهنجا اگهندي چيو-

هوءَ سمورا در لتاڙي آخري در وڏي وٽ اچي پهتي. ساڄي پاسي کان خانداني قبرستان جو اجڙيل در ڪليل ڏسي اوڏانهن وڃڻ چاهيائين جتان هن جي شهيد امڙ هن کي حوصلي ۽ جرئت سان گهوري رهي هئي. ماءُ جو ناحق خون ياد ڪندي هوءَ وري اڪين جا بند ڀڃي ويٺي  تہ سومل ڀيڻ جو درد سمجهي ورتو-

”امان جي روح کي هاڻ شانتي پهچندي ڏسجان مومل هاڻ اسان جي نسل جون ايندڙ مائرون نياڻيون ائن ناحق نہ مرنديون. پر هو هاڻ آزاد فضا ۾ جيئنديون  ايندڙ نياڻين جا خواب هنن ديوارن جي قبرن ۾  دفن نہ ٿيندا, الاهي جلدي آزاديءَ جو سج اڀرندو- “ سومل چيو-

مومل اھڙي وڏي حوصلي واري وڏي اديءَ کي پاڪر پاتو ۽ ھن دفعي جي ڳوڙھن ۾ حوصلو ھو- نہ ڪي شڪست جا سڏڪا- ھوءَ وڏي آئي وري پڦيءَ کي ڀڪر پاتائين

”جرئت سان مقابلو ڪجان مومل پنھنجي عزت جي پاڻ حفاظت ڪجان ھن مرد پرست معاشري ۾ ٻاھر رھڻ بہ سؤلو ناھي تون مضبوط رھجان ڪو بہ بگھڙ تنھنجو وار ونگو نٿو ڪري سگھي“

وڏي پڦيءِ جو حوصلو بہ وڏو ھو ۽ مومل وڏو در ٽپي ٻئي پير در کان ٻاھر رکيا-

”پوئتي مڙي نہ نھارجان مومل!!“

ان کان پھرين جو مومل نھاري سومل داٻو ڏنس ۽ ھوءَ ديوارن کان اڳتي گھٽو اڳتي نڪري وئي تہ سمورا مظلوم ڳائڻ لڳا.

باغي آھيان باغي آھيان تنھنجو آئون سماج،

توسان وڙھندي رھندي منھنجي ھرھڪ رت ڦڙي۔

# پيش امام

ٻاهر ڪاڙهو گرم جهولا لڳا ٿي، هر ڪو گهرن اندر گرميءَ جي گهري ۾ سست ننڊ ۾ پيل هيو. موسم ۾ ويراني گهٽي هئي. نمون اداسين مان هوا سان سور سلڻ لڳيون. پاڙي جي مسجد جو نهايت شريف پيش امام جيڪو پنج ئي وقت پابنديءَ ٻانگ به ڏيندو هيو ۽ نماز به پڙهائيندو هو. انهيءَ سان ملڻ مسجد اندر هر روز هڪ ٻيو انهيءَ جهڙو مولانا ايندو هيو سو به انهيءَ اڪيلي ۾ ويران وقت ويل... جڏهن ڳوٺ سڄو ٿڪ ۾ جهولن ڪاڙهي جي ڪري ڪچن ڪمرن توڙي پڪين ماڙين وارن گهرن ۾ منجهند جي ننڊ ۾ هوندو هو!! هي پيش امام مسجد جي در وٽ انتظار ڪندو هو ٻي پيش امام جو.

هو گسائيندو ڪون هو. هر روز پابنديءَ سان انهيَ ويران وقت ۾ ايندو ضرور هو! ماڻهن کي خبر ڪون پئي، مسجد جون پٿون شاهد هيون.

هي آيو... ٻئي اندر ويا ..... مسجد جا در بند ٿيا .... مون اڳڻ مسجد جي ٿي لڳل ڪوسن جهولن کان پڇيو. هنن ڪنن تي هٿ رکي اکين مان ڳوڙها ڪيري ڏيکاريا. مان سمجهي ويس. گهٽي دير اڪيلائي ۾ اندر رهيا ۽ پري پري کان ٻانگون آيون ٻپهريءَ جون پئي آيون. در کليا .... ڪنهنڪر ٿي. آيل مهمان مولانا ڪپڙا صحيح ڪندو غسل خاني ڏانهن ويو. اندر ويٺل پيش امام نهايت شريف ، سلوار صحيح ڪري اٿيو ٻپهريءَ جي آذان ڏيڻ!

قرآن ويڙهيل شفاف ڪپڙن ۾ پيا رهيا، نڪون وچايل هيون ۽ پهرين صف ۾ وڇايل نک جا گهنج ڪبيري گناهه جا شاهد هيا. ماڻهن کي خبر ڪون پئي

مسجد جون پٿون، در، دريون، مقدس ڪتاب شاهد ٿيا. ۽ مونکي ڪنهن جي ياد آيا ڪنهن جا ڏکوئيندڙ لفظ:

"اڪثر ملا تقريبن لوط جي قوم مان آهن"

# مند

جنهن مند ۾، جنهن راهه تي ڪيڏي درد سان هوءِ وڇڙي هئس. اڄ بہ انهيءَ مند ۾ هو جيئي ٿو. جدائيءَ جو زهر پي، ڪا اونداهي سَحر ٿي، هن مَجنونءَ کي خبر ئي ناهي تہ مندون موٽي نہ ايندبون هِن. مندون رڳو بس سور ڏئي وينديون هِن. پر پوءِ بہ هوا نيڻ ٻاري- نند ٺاري- پاڻ ڳاري- سِگريٽ پيئندي- لڙڪ ڳِيهندي- ڪيڏيءَ اڪير مان هن لاءِ نظم ڳائي رهيو آهي، مرشد اياز جو-

ائن مند مٺان ٻي مند اچي،
تو لاءِ سدا سيڏايان ٿو-
ءِ ڪک پن ٻيهر ميڙي مان،
ڪو رين بسيرو ناهيان ٿو.

تون اچڻي آهين تون ايندينءَ،
مان سَلرو تنهنجو سپنو هان-
تون ڪيسين ائن ننڊ ڪندينءَ،
مان ڪيڏو تو لاءِ جاڳيو هان.

# ڪارا منهن

سومل سڄو ڏينهن مومل کي، لکندي ڏسي، ڏسي بيزار ٿي هئي. نيٺ اڄ چيائينس:

”موميِ تون بہ سڄو ڏينهن ڪتابن ۾ گم آهين پئي ٿي پنا ڪارا ڪرين.“

مومل ڪتابن مان نظرون ڪڍي- سومل ڏانهن ڪيون، چيايئنس:

”شڪر ڪر تہ رڳو پنا ڪارا ڪيا اٿم، هن سَماج ۾ رهندڙ راڪاسن جا منهن ڪارا نہ ٿم ڪيا اڃا “

”ملان انهيَ مڏ جو چڪو جي چکين

تہ ڪارنهن ڪڍي ڪنڌ ۾ وينو منهن مکين “.

# سيد ....!

”اهي پير پوٽا جيڪي پنهنجو در ٽپڻ ڪون ڏين ڪنهن ٻي ذات واري کي ڏينهون ڏينهن ڪوٺ وڏائن انائن جا- ۽ پاڻ پراوا در لتاڙيندا وتن.“

”ها انهن ئي سيد زادن جا پنهنجي ذات کان هيٺ سمجهندڙ ٻين ذاتين وارين وٽ (حالانڪ ذات پات ڪجهہ ناهي هوندو پر سيد پاڻ کي آسمان تان لٿل فرشتو سمجهن ٿا).“

”ها انهن پاڻ کان هيٺ ذاتين وارين وٽ هنن جا ناجائز ٻار پلجندا آهن... اڙي وقت جي ڏوڙ ۾ لَتجي ويل سادا ماڻهو! ڪڏهن هنن جي منهن تان شرافت وارو ڪپڙو ڇِڪي لاهي تہ ڏس! دنيا جي هر بر ائي توکي سيدن - ميرن - پيرن - شاهن - ۽ وڏيرن - پوتارن ۾ نظر ايندي!! “



# آصف ڪالرو

عشق جي عمر ڪي محبتن سان ئي ماپي سگھبو آھي. پيار جا پلَ ڪيڏا حَسين ٿين ٿا، اھو احساس وَصل جي واٽن تي رلندڙ وفائن ڪان وڌيڪ ڀيو ڪير ڀڏائي بہ نٿو سگھي! پيار جي چونڊ ڪرڻ ئي سڀ ڪان وڏي ڪاميابي آھي. پيار جي پناھ ۾ رھڻ ڪانپوءِ ماڻھو ماڻھو نظر اچڻ لڳندو آھي. مون ڪيترائي مٽيءَ ۾ دفن ٿي ويل ماڻھو ڏٺا آھن، جن جي مٿان سندن سڃاڻپ جي تختي بہ ناھي لڳل ھوندي، جيڪي اجنبين جيان جيئندا آھن ۽ اجنبي ٿي مري ويندا آھن. اجنبي ٿي مري وڃڻ بہ ھڪ وڏو الميو آھي. پر ھي چنڊ جھڙيون رولاڪيون رلندڙ رولاڪ روح! اڄ بہ ڪردارن جي ڪڪ مان وڏي ويجھي وڏو ٿي رھيو آھي. سندس ڪھاڻيون سندس عمر ڪان الاھي وڏيون آھن. مونکي سندس ڪھاڻين جي ڪردارن ۾، ھڪ الڳ آسمان نظر اچڻ لڳو آھي. ھن سنڌ جي ڪلا جي ڪھاڻيڪار وٽ، مختلف موضوعن سان گڏ خيالن جي ڪوٽ نظر نٿي اچي، ”رولاڪ آصف ڪالرو“ جون ادبي وِڪون ڏرتيءَ تي ائين ڪپيل آھن، جيئن وڻن جا پير پاتالن ۾ ڪپيل ھوندا آھن. ۽ ”رولاڪ آصف ڪالرو“ جي ڪھاڻين ”گودڙو فقير، نظر جي فريب، ٺڪ، پٿرن سان تشبيھ ۽ سندس ٻيون ڪھاڻيون مختصر ھئڻ سان گڏ مقصد مان ڀريل آھن. مقصد ئي ماڻھو ڪي منزل ڏي وٺي ويندو آھي! ”رولاڪ آصف ڪالرو“ جي ڪھاڻين ڪي ھڪ ڏينھن ضرور پنھنجي منزل ملڻي آھي، جيڪا سندس ڪھاڻين مان اوچي ڀاڳ سان گڏ نظر اچي رھي آھي. شال سندس ڪھاڻين جا ڪردار مٽيءَ جي ماڻھن لاءِ سدائين ساھ کڻندا رھن.

(آمين)

**اياز امر شيخ**

**ٺَڪ**

چيائين: ”سردار! هڪ ڳالهه پڇان؟ “

چيم: ”پڇو“

چيائين: ”هاڻ لکڻ ڇڏي ڏنو اٿئي، توکي ڪا منزل ملي وئي آهي ڇا؟“

مسڪرائندي چيم: ” نہ ! مونکي ڪا بہ منزل ناهي ملي، نہ ئي منهنجو ازيتن واروڪو سفر پورو ٿيو آهي. بس منهنجو دل ڀرجي وئي آهي“

چيائين: ”ڇا ڪان دل ڀرجي وئي آهي؟ ان عورت ڪان جنهن سان محبت ڪئي؟ يا ان سفر ڪان جنهن جي ڪا بہ منزل نہ هئي!؟“

چيم: ”ها مان گُهٽ ۾ ٻوسٹ واري زندگي ڪان تنگ ٿي ويو آهيان، ها، زندگيءَ جي مئخاني ۾ ڀڳل گلاس جي شيشن تي هلي ٿڪجي پيو آهيان. زندگي ۾ روز پنهنجا خواب ٽٽندي ڏسان ٿو، تڏهن مجبور ٿي پنهنجي اکين مان عذابن جا ڪنڊا ڪڍي پنهنجي پنبڻين ۾ ٽنبي ڇڏيندو آهيان.“

آئون هيڪلو صدين ڪان

اڄ دل اداس آهي، دل چوي ٿي اڄ پنهنجي ڊائريءَ ۾ ڪجھ حقيقت لکان اڄ عيد جو آخري ڏينهن آهي. آئون پنهنجي اندر جي قبرن مان پنهنجي جسم جا هڏا ڳولهي رهيو آهيان ! منهنجي ميري رت ۾ تنهنجي يادن جي ٻيڙي ترندي نظر اچي ٿي، آئون پاڻ کي موئن جي دڙي جو لقب بہ نٿو ڏئي سگهان! ڇو تہ موئن جي دڙي جي هڪ عظيم تاريخ آهي! منهنجي نہ، مان گمنام آهيان ازل کان، مان مڪليءَ جو پراڻو زبون قبرستان آهيان. ها، اهُو بہ سچ آهي تہ منهنجي اندر ڪن عظيم وڏن ليڪن ۽ بادشاهن جون قبرون ناهن،

پر منهنجي اندر ۾ احساس محبت پيار جون ننڍيون ننڍيون قبرون آهن.

انهن شمشان گهاٽن تان لهندڙ سج جڏهن ڏرتيء جي هنج ۾ لڪي ويندو آهي، تڏهن رات جا پهر بہ گذري ويندا آهن، پوري ڪائنات ماٺ جي قبر ۾ غرق ٿي ويندي آهي. تڏهن منهنجي من جي قبرستان ۾ عجيب آواز ايندا آهن! ها ڪڏهن ڪا رات ڏائڻ جهڙي بہ ايندي آهي، رات جي خاموشي جسم جو ماس کائي ويندي آهي، ڏات جي ديويء تي ڪاريهر نانگ ڦڻ ڪڍي ويهي رهندا آهن. تڏهن منهنجي اندر مان تنهنجي هڪ هڪ سڏ لاءِ لبيڪ جا ورد وري ايندا آهن. منهنجون هڙئي راتيون عذاب جهڙيون گذرنديون آهن! مان کلڻ چاهيندو آهيان پر کلي ناهيان سگهندو.

مان مرڻ چاهيندو آهيان پر مري ناهيان سگهندو. ڇو جو مان ناستڪ آهيان! مان ڪافر آهيان . مونکان موت بہ منهن مٽيو آهي، منهنجي لاءِ شايد زمين بہ جاءِ ناهي رکي، منهنجي ذهن ۾ اهڙا وهم ۽ هزارين خيال اپري ايندا آهن! آئون رولاڪ اٿندي، ويهندي ،گهمندي، ڦرندي پنهنجي وهمن کي پرچائندو پيو آهيان! مان ڇا لکڻ چاهيان ٿو ڇا لکي وجان ٿو؟ لفظ مونکي

درد لکڻ تي مجبور ڪن ٿا. احساس منهنجا احساس ڪمتريءَ جو شڪار ٿيل آهن. احساس لاوارث ٻار جيان سڀ ڪجهه وڃائي ويٺا آهن! آئون گرم صحرا جو اڪيلو مسافر آهيان! آئون ان جهنم جو رهواسي آهيان جنهن ڪي دوزخ جي باهه ۾ سڙڻ کان سواءِ ڪجهه نه ملندو! آئون پلن ۾ جيئندس ۽ پلن ۾ مري ويندس.

## مڪليءَ جي مُردن سان

اڄ به هُو مڪلي گهمڻ ويا هُئا. ذاڪر شادي ڪان پوءِ ڏاڍو خوش هُو پر عامر جي دل مڪليءَ جي قبرستان جيان ويران هُئي. جنهن جي زندگي مان سڀ خوشيون سارو جوڀن لٽجي چڪو هُو. هن جي اندر ۾ خوابن جا قبرستان ۽ محبت جو مزارون هيون ذاڪر هن سان پنهنجي خوشحال زندگي جون ڳالهيون ڪندي نه ٿڪبو هُو پر عامر ڪنهن خاموش ڏيئي جيان هن جو ڳالهيون پيو ٻڌندو هو عامر جي اکين مان لڙڪ ڪري پوندا هئا جڻ مڪليءَ جي قبرستان مان مُردا نڪري عامر سان ڳرانڙيون پائي پيا روئندا هُجن.

ذاڪر تسلي ڏيندي پڇندو هوس:

”عامر تنهنجي زندگي ۾ اهڙو ڇا آهي، جو تون اڪيلائين ۾ ويهي مڪلي جي قبرستان مان نڪري آيل مُردن کي ڳرانڙيون پائي پهرن جا پهر روئندو آهين؟“

عامر پنهنجي اکين جا لڙڪ اُگهندي چوندو هو:

”ذاڪر منهنجي ويران زندگيءَ ۾ رڳو سُڃ ئي سُڃ آهي، منهنجي دل جي اُجاري ڌرتيءَ تي ڪڏهن به ڪو بادل اوهيرا ڪري ناهي وسيو نه وري منهنجي دل جي بنجر زمين تي احساسن جو ڪو ريج ڦٽيو آهي.“

عامر جو آواز ڀرجي آيو وري ماٺ ٿي ويو- ذاڪر هن جي اکين ۾ درد ڏسڻ لڳو پر عامر جي اندر جو راز سمجهي نه سگهيو ! ذاڪر جڏهن عامر کي زور ڀريو ۽ دل جي حالت ٻڌائڻ لاءِ التجا ڪئي ته عامر اٿي بيٺو منهن ٻئي پاسي ڪندي چيائين:

” ذاڪر انسان زندگي ۾ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجن جي هٿان ئي هارائيندو آهي“.

ذاڪر ڪلهي تي هٿ رکندي چيس:

”عامر تون مرد آهين مرد جبل جيان مضبوط هُوندا آهن، انهن کي ڇڇڻ جو خوف ناهي هُوندو“

عامر ڇهري تي ڦِڪي مرڪ آڻي چيو:

”ها ذاڪر! سچ ٿو چوين جبلن کي ڇڇڻ جو خوف ناهي هُوندو ڇو جو جبلن جا اولاد ناهن هُوندا، جبلن جا احساس ناهن هُوندا، پر آئون رت جي رشتن کان وٺي محبت جي رشتن تائين بس محبت پيار لکي ڏيڻ تائين هارائيندو رهيو آهيان. منهنجي جنهن ڇوڪري سان شادي ٿي ان کي آئون ڪڏهن پسند نہ آيس نہ وري ڪڏهن هن مون سان محبت ڪئي. ڇو جو هُو شادي کان اڳ ڪنهن ٻئي شخص سان محبت ڪندي هُئي ان مونکي ڪڏهن بہ نہ چاهيو پر دنيا جي ڏيکاءُ لاءِ هڪ سمجهوتو ڪيو هو. پوءِ هن منهنجي عزت نہ رکي ۽ مون تي ڪيترائي الزام هڻي مونکي ڇڏي پنهنجي ماء جي گهر وڃي رهڻ لڳي، مون تي دنيا جي اڳيان وحشي تشدد ڪري گهران ڪيڻ جو الزام هڻي هميشہ جي لاء آزاديءَ جي حام هنيائين. هاڻ هُو آزاد آهي“.

ذاڪر ڪلهي تي هٿ رکندي چيو:

”عامر !تون ٻئي شادي ڇو نٿو ڪري ڇڏين؟“

عامر جي اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا چيائين:

”ذاڪر آئون جنهن ڇوڪريءَ سان محبت ڪيان ٿو ان کي هاڻ مون تي اعتبار ناهي رهيو هُو مونکي بيغيرت ٿي سمجهي مان هن جي نظر ۾ غيرتون ڇڏڻ وارو مرد آهيان، هُو روز مونکي طعنن جي تلوارن سان روُح تائين زخمي ڪندي آهي، ها هُو نڪاح کان اڳ مونکان سڀ لڪرائي وٺندي مون هن کي زندگي حق مهر ۾ ڏيڻ جو سوچيو آهي پر هُو ڪجهہ ٻيو لڪرائڻ ٿي چاهي ڇو جو آئون هاڻ هن جي اعتبار جي لائق بہ ناهيان هن جي انهن

لڪرائڻ واري سوال منهنجي دل جي مٿان ارغونن جي گهُوڙن جيان هڻڪاريندا اچي نيٺ سارو وجود اونداهين ۾ غرق ٿي ويو“

ذاڪر آسمانن جي وسعتن ڏانهن ڏسندي چيو:

”عامر اهُو سچ آهي ته جوڙا آسمانن تي ٺهندا آهن...؟“

عامر اکيون صاف ڪندي چيو:

”ها ذاڪر! جوڙا ٺهندا آسمانن تي آهن پر ذليل وري زمينن تي ٽيندا آهن“

ايئن چئي عامر مڪليءَ جي مُردن سان ياڪر پائي اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳو وري هن جي چهري تي مرڪ نه آئي، نه وري هن جي اڱڻ تي ڪڏهن ڪنهن به خوشين جنم ورتو...!!!“

# چٽي ويل گلاب

پورنماسي جي رات هن مونسان گڏ هلندي ڪڏهن انهن وچون تي نہ سوچيو هو جيڪي منهنجي راهن ۾ پنهنجي زهر جي سبيل لڳائي ويٺا هئا!
ها هُن هڪ ڏينهن مونکي چيو هُو:

”رولاڪ! تنهنجي خاطر آئون هر صليب کي لبيڪ چونديس “

آئون خاموش رهيس، هوءَ منهنجي خاموشيءَ واري طوفان کي سمجهي وئي هئي۔ چيائين:

”رولاڪ! ڇا ٿو سوچين؟“

اکيون چورائندي چيم:

”آئون پنهنجي زندگي حق مهر ۾ ڏيڻ جي ڏکهي سازش سوچي رهيو آهيان! آئون زندگي حق مهر انهيءَ کي ڏيندس، جنهن کي مون تصورن جي دنيا کان وٺي خوابن تائين چاهيو آهي پر تعبيرن ۾ رڳو وڇايو آهي۔ آئون پنهنجي جيون جا سڀ ساهہ هن جي نالي ڪرڻ چاهيان ٿو۔ ها آئون تنهنجا سڀ درد سمجهي سگهان ٿو تڏهن خاموش آهيان ! آئون آسمان جي وسعتن ۾ گم ٿي ويل پنهنجي نصيب جي تحرير ڳولي رهيو آهيان“

هن جون اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون ڪجهہ چئي نہ سگهي۔ شايد هن جي ڳلي ۾ لڙڪ اٽڪي پيا، مونکان اکيون چورائندي چيائين:

”رولاڪ! آئون سمجهان ٿي تون ڇا سوچي رهيو آهين “!

چيم: ”ڇا سوچي رهيو آهيان؟ “

اکين ۾ سوين لڙڪ تري آيس چيائين:

”رولاڪ! تنهنجي محبت ڪوٺن ۾ قيد آهي، هُو زندان جي قيدياڻي آهي، جيڪڏهن تنهنجي ٿي...“

چپن تي هٿ رکندي چيم:

” نہ سائنڙ! نہ. مان تنهنجي لاءِ وڙهندس، تنهنجي لاءِ مرندس، آئون توکي پنهنجو ڪندس، ها اهُو سچ آهي تہ تاريخ جي هر دور ۾ تون مونکان جدا ٿيندي رهي آهين ! تون بَرحق منهنجي آهين ! تون ازل کان ابد تائين صرف منهنجي آهين! توکي چاهڻ جي سزا ۾ مونکي انيڪ سزائون مليون آهن، ڪڏهن پلصراط جو سفر، ڪڏهن پنهنجي ئي ڪلهن تي صليب کڻي سسئي! توکان بنا رڻ ۾ رلندو رهيو آهيان ! تون منهنجي زندگي آهين! تون ئي منهنجي بندگي آهين! تون ئي منهنجي من جو ڀڳوان آهين! مون تنهنجي تصورن سان پنهنجي دل جي دنيا آباد رکي آهي! تون منهنجي رڳن ۾ رت وانگر ڊوڙندي آهين! تون منهنجي ساهہ جي تند مثل آهين. آئون توکان جدا ٿيڻ جو سوچيندو آهيان تہ اہاڻکو ٿي سوچن جي سمنڊ ۾ غرق ٿي ويندو آهيان. روح ڪروڙ جي ور چڙهي ويندو آهي! دل وري غفائن ۾ دفن ٿي ويندي آهي.“

هن آآڱرين ۾ رئو وٺيندين ٽيبل تي پيل گلدان جي گل ڏانهن اشارو ڪندي چيائين:

”رولاڪ! هن گل کي مون ڪڏهن ڪومائجندي ناهي ڏٺو نہ وري ڪڏهن ٽاريءِ کان جدا ٿيندي “

چپن تي مبهم مرڪ تري آئي چيم:

”اهُو گل وڻ جي ٽاري تي ناهي ٽڙيو اهُو گل ڪاغذ جو گل آهي“!

ٿوري اداس ٿي وئي چيائين:

”رولاڪ! تون پاڻ کي گودڙو فقير ڇو چوندو آهين؟ “

هن جي سوال تي ٿوري مرڪ تري آئي چيم:

”منھنجي ھٿ ۾ خالي ڪشتو آھي! مونکي تنھنجي دنيا وارا جيڪو دان ڏيندا آھن سو مان وري رولاڪين ۾ موٽائندو آھيان! مان ماڻھن کان پِنا نٿو

مونکي پوءِ بہ ڪجھ نہ ڪجھ ملي ويندو آھي! ڇو جو آئون رولاڪ زندگي جي تاريءَ تان ڇڻي ويل گلاب آھيان...“

# عورتن جو عالمي ڏينهن

نماڻين نظرن سان گهوريندي چيائين:

”آصف ڪائنات ڪيڏي نہ خوبصورت آهي...!؟“

چيم: ”ها پر ڪائنات جو سڀ کان خوبصورت حصو بہ عورت آهي، جنهن جو اڄ عالمي ڏينهن مهلايو پيو وڃي، “

چيائين :

”ڇا عورتن کي حق ملندا يا وري هو ڪڏهن پنهنجي مرضيءَ زندگي گذاري سگهنديون؟؟؟ “

هن جي سوال منهنجي هنياںء ۾ هٿ وڌو، چيم:

”نہ، هن معاشري ۾ عورت کي غيرت، دوکي، ڪوڙي انا، پيسي عيوض،، يا وري سنگ چٽيء ۾ ڏيڻ واري ڄار ۾ ڦاسايو ٿو ويو آهي، اتي عورت کي ڪٿي حق ملندا؟؟ جنهن سنڌ ۾ عورت کي پڙهائڻ عَيب سمجهندا هجن، انهن بي زبان نياڻين کي ڪهڙو حق ملندو؟ هي تہ اياڻيون، جڻ دنيا ۾ ڪارو ڪاري ،بدڪردار ،طوائف، جهڙا لفظ ٻڌڻ لاءِ ڄايون هجن. ان دنيا ۾ نياڻين کي ڪهڙو انصاف ملندو؟ ٻڌائي ... جٿي سورنهن ورهينءَ جي خوبصورت معصوم رابيل جي ڪليءَ جهڙي ڇوڪري عزت لٽائي رهزنن هٿان، اڌ موت مري چڪي هجي، اتي ٽيهہ مڻ ڪٽڪ تي وڏيرا جرڳو ڪري فيصلا ٻڌائن،

اتي نياڻين سان ڪهڙو انصاف ٿيندو؟ انهن کي ڪهڙا حق ملندا؟ جڏهن بہ مون سنڌ جي بي سهارا عورتن تي لکڻ شروع ڪيو. تڏهن منهنجا لفظ، گذري ويل وقت، يا مري ويل عورتن جا عڪس منهنجي سامهون بيٺا آهن. ننڍين ڪنوارن جسمن جي ننگي ذلت ۾ هنن جي اکين مان رت جا ڳوڙها وهندي ڏٺا آهن. اکين ۾ درد تري آيو! زندگيء جي هٿن مان پيين

ڪري پئي. سڏڪن ۾ صدابلند ٿيڻ لڳي ! اکين مان لڙڪ لارون ڪري وهڻ لڳا."

چيائين: "ڏس تنهنجا لفظن دل تائين لڳا آهن، ۽ منهنجو دل ٽٽي ٽڪرا ٿي پيو آهي، ڏس منهنجي هٿ تي نهيل دل ٻه ڀڃن حصن ۾ ورهائجي وئي آهي"

# نظر جو فريب

چيائين: ”فقيرن جهڙا حال ڪيا اٿئي ڇو پيلا؟ “

مرڪندي چيم:

”بس وري دل ضد تي ڪري“

حيرت ۾ اچي چيائين:

”ضد وري ڪهڙو“؟؟

چيم: ”بس وري تنهنجي در تي جهڪڻ تي گهري دل“

چيائين:

”ڪيڏو نہ معصوم آهين تون“ !

چيم: ”نہ مونکي گاريون نہ ڏي“

چيائين: ”گاريون ڪهڙيون ڏنم؟“

چيم: ”جيڪا هاڻ ڏني سا“

هن جي ڇهري تي مرڪن جا مينهن وسڻ لڳا.

هن جا ٽهڪ منُهنجي ڪنن ۾ پٽائيءَ جي سرن وانگر گونجڻ لڳا ۽ صبح جي سهڻي لات ۾ سيوهڻ جي ڏمال جيان وڄندا رهيا-

ٺورو ڪلندي چيائين:

”ڇئو پيلا ڇا ٿو چوين؟“

چيم: ”مان توکان درد جي خيرات گهرڻ آيو آهيان. مان توکان دردن ۾ لڙڪن جا تحفا وٺڻ آيو آهيان! مان توکان اڄ خيرات نہ گهرندس، بس پنهنجو حق وٺڻ آيو آهيان. مان تنهنجي در تان پنهنجو دامن غمن سان ڀري کڻي ويندس ! مون محسوس ڪيو آهي تہ تون هڪ حسين دوکو آهين! تون هڪ نظر جو فريب آهين! اسان نہ دنيا داري سِکي سگهياسين.

نہ دنيا سان گڏ هلڻ سگهياسين، اسان جڏهن بہ راهِ وفا ۾ نڪتا آهيون، تڏهن تون جهڙين ڇڙواڳ ڇوڪرين جي ور چڙهيا آهيون. يا وري شهر جي گهٽين ۾ مٽيءَ جا بت بڻيا آهيون. اڄ جي دور ۾ پٿرن جي ڪوٺ ڪونهي، پر شايد گل هوائن ۾ ڇڏي ويا آهن.....!!!

# پٿرن سان تشبيهه

اڄ دماغ جي خَلا ۾ پراڻيون يادگيريون تري آيون آهن! جڏهن آئون ٽيوشن پڙهي پنهنجي گهر ڏانهن وڃي رهيو هيس، مونسان گڏ منهنجي ڪلاس جا دوست به هُئا اسان شهر جي رونقن ۾ پنهنجا ٽهڪ وڃائيندا اچي مندر وٽ پهتاسين هر ڪو پنهنجي گهر جي طرف وڃڻ لڳو ۽ آئون مندر جي سامهُون اچي بيٺس مونسان گڏ منهنجي هڪ دوست هئي، آئون هن سونهن جي ديوي کي پيار مان ڪماري چوندو هيس، هوءَ پنهنجي ماءُ پيءُ جي هڪ ئي شهزادي هُئي. هن جو چهرو چوڏهينءَ جي چنڊ جيان پيو چمڪندو هُو باهه جي اُلي وانگر پڙڪو ڏئي پئي ٻرندي هئي، سون جهڙو پوريون ڪاريون نندڙيون اکيون جسم تي جواني جا گوُنچ ڦٽي رهيا هئس هُو مونکي ڏسي شرم ٻوٽڙيءَ وانگر پئي شرمائندي هئي! منهنجي من جي مندر ۾ طوفان اٿندو هُو.

دل چوندو هُئي ڪجهه چوان پر نڙيءَ ۾ ڪنڊا چبڻ لڳندا هئا، دل خاموش ڏيئي وانگر وسامڻ شروع ٿي ويندي هئي. اسان مندر جي اڳيان پهتاسين جتي هُو ٽيوشن کان پوءِ مندر تي ويندي هئي مان به هن سان گڏ مندر اندر بيهي اتان جون اپسرائون پيو تڪيندو هيس ! ڪماري وري مونکان هڪ ئي سوال ڪندي هئي.

” رولاڪ تون مندر نه اچين ٿو پر تون مسلمان آهين، تنهنجو ايمان توکي روڪيندو ناهي؟ تون مونسان ڪريپ نه ناهين ڪندو نه؟ “

دل جي سمنڊ ۾ هل چل مچي ڪنڌ ورائي اکين ۾ڏسندي چيم:

”مان ناستڪ آهيان! مان تصور جي پٿرن جو پوڄاري آهيان! مان ازل کان رولاڪ ٿي رليو آهيان. تڏهن آئون پنهنجي رولاڪين ۾ سيني کي هڪ ئي نظر سان ڏسندو آهيان، مونکي خبر آهي ڪنهن پٿر کي پوڄڻ ڪنهن

جي تصور ۾ پاڻ کي رولاڪين جي پلصراط تي رلائڻ محبوب کي خدا ڪري مڃڻ وارو گناهه مون جهڙا رولاڪ ئي ڪري سگهن ٿا “

ڪلندي چيائين: ”رولاڪ توکي خدا کان ڊپ ناهي لڳندو؟“

مونکي هن جي سوال تي ڪلَ آئي پر کلي نہ سگهيس !

چيم: ”ڪماري! خدا ڪنهن جو؟ مسلمانن جو؟ يا هندن جو؟ يا وري عيسائين جو؟“

هن جي چهري تي اداسي ليئو پاتو- ڪجهہ چئي نہ سگهي خاموش رهي شايد هن کي منهنجي جواب جي خبر هُئي هن هلڻ لاءِ قدم اڳيرو ڪيو-

چيائين: ”رولاڪ! تنهنجون ڳالهيون تصور جي باز مثل آهن، جيڪي منهنجي روُح واري چوزي کي جهٽي کڻي وڃن ٿيون،“

مون عجيب حيرت ۽ تجسس وچان ڏسندي چيم:

”ڪماري! مونکي تنهنجي ان جملي جو مفهوم سمجهہ ۾ نہ آيو“!!!

هوءَ ٽِڪا قدم کڻي پنهنجي گهر ڏانهن وڌڻ لڳي، مان رولاڪين جي شهر ۾ روح جو قيدي ٿي هلڻ لڳس، تڏهن مون پاڻ کي راهن جي پٿر سان تشبيهہ ڏني. ڇو جو پٿر مضبوط هُوندا آهن! هنن کي ٺوڪر ڪائڻ جي عادت ٿي ويندي آهي! پٿرن کي زميني ۽ آسماني آفتن سان ڪوبہ فرق ناهي پوندو.

## احساس پبليڪيشن حيدرآباد جا ڇپيل ڪتاب

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| .1 | شاعريءَ جو آڪاش | (شاعري) | احسان آڪاش | 400 روپيه |
| .2 | صحرا منجھ صدا | (شاعري) | احسان آڪاش | 200 روپيه |
| .3 | عڪسِ جانان هم | (شاعري) | احسان آڪاش | 250 روپيه |
| .4 | English Grammar | | Raja Bajaj | 150 روپيه |
| .5 | Actic Voice & Passive Voice | | Raja Bajaj | 150 روپيه |
| .6 | سچڻ ۽ ساٿيھ | (يادگيريون) | ارڙو اترادي | 200 روپيه |
| .7 | Basic Biology | | M.Athar Kalhoro | 120 روپيه |
| .8 | ننب جا نيڻ | (شاعري) | احسان آڪاش | 200 روپيه |
| .9 | آديسي اُٿي ويا | (خاڪا) | ديدار شام | 200 روپيه |
| .10 | احساس نگر | (ڪهاڻيون) | احسان آڪاش | 200 روپيه |
| .11 | ڪلامِ نشتر | (شاعري) | نشتر ناٿن شاهي | 250 روپيه |
| .12 | سُخنِ نشتر | (شاعري) | نشتر ناٿن شاهي | 250 روپيه |
| .13 | چنڊ مان ۽ رولاڪيون | (شاعري) | آصف ڪالرو | 300 روپيه |
| .14 | مُرڪون مهڪون ميڙيم | (يادگيريون) | اقبال بلوچ | 250 روپيه |
| .15 | درد ڪي هڪلي هلون | (شاعري) | خاڪي جاني | 250 روپيه |
| .16 | ڇٽيل گل | (ڪهاڻيون) | ڊاڪٽر مقبول مارو | 250 روپيه |
| .17 | سپنن جو پڌر | (گڏيل ڪهاڻيون) | احسان آڪاش | 250 روپي |

## احساس پبليڪيشن حيدرآباد جا ايندڙ ڪتاب

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| .18 | آخري ست لڪڻ ڏي ! | (شاعري) | مخدوم آسيه قريشي | 300 روپيه |
| .19 | نظمن جو ديس | (گڏيل شاعري) | احسان آڪاش | 200 روپيه |

ڪتابن ڇپرائڻ لاءِ رابطو

احسان آڪاش (03013324100)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، چو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

